# ساس سٽي سکر ڊاٽ ڪام

# پيار جي گهُٽ

ڪهاڻيون ۽ سفرنامو

## الطاف شيخ

ڊجيٽل پبلشر


## سنڌي ادبي سنگت

## شاخ سٽي سکر سنڌ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ



www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com





هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# انتساب

Dedicated to my respected teacher

Commander,

M. ASRARULLAH

P.N (Retd)

EX-PRINCIPAL, Cadet College Petaro

Ex-Education Officer,

Pakistan Marine Academy

C H I T T A G O NG.


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# ستاءِ


| نمبر | عنوان | صفحو |
| --- | --- | --- |
| 1 | الطاف شيخ هڪ اڀياس ــ نبي بخش ڪوسو | 05 |
| 2 | پڙهندڙن وٽان | 08 |
| 3 | چاڻ | 11 |
| 4 | سمنڊ تي عيد | 14 |
| 5 | منهنجو جاني تہ جهاز ۾..... | 27 |
| 6 | مان ۽ منهنجو ڪيبن ميٽ | 36 |
| 7 | هڪ اسپتال هڪ ننڍڙي دنيا | 47 |
| 8 | اڄ ڇا پچائجي.........؟ | 66 |
| 9 | توهان کان ڇا لڪائجي..... | 75 |
| 10 | بدحواسيون | 82 |
| 11 | پيار جي گهُٽ | 89 |
| 12 | ڪونهي ات ڪوهيار | 101 |
| 13 | زندگي ۽ موت جي وچ ۾ وِٿي | 110 |
| 14 | ٽريندڙ پيٽ | 129 |
| 15 | بئڪ ٽائٽل ڪمينٽس | 142 |




هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# الطاف شيخ

## (هڪ اپياس)

سنڌ جي عظيم شاعر شيخ اياز پنهنجي نظم ”ويٽ ڪانگ جو سائگان تي حملو“ ۾ دنيا جي هڪ آزادي جي ويڙهاڪ قوم جي پنهنجي وطن سان هن ريت پيٽ ڪئي آهي:

اي وطن! هيءَ خبر
سچ جهڙي، مگر
هت نه ڪارا ڪڪر پرجندا نا وجن.

ويهين صديءَ ۾ ڏور مواصلاتي ذريعن ۽ سُڌ سماءِ جي وسيلن جي اوسر سڄي دنيا کي هڪبئي جي آڏو آڻي بيهاريو آهي، ان ڪري قومون پنهنجي اوڻاين ۽ چڱاين جي پيٽ ڪري سگهن ٿيون ۽ پروڙ به. قومن جي وچ ۾ سماجي اؤسر جي جيڪا وڇوٽي رهجي ويئي آهي، سا پڻ ڳولهي لهڻ، اڄُ انهن وسيلن جي اؤسر سبب سولي تي پيئي آهي. ان وڇوٽي کي ماڻهو دنيا جي سياسي، سماجي ۽ سائنسي مطالعي ۽ سُڌ سماءَ سان پروڙي به سگهي ٿو نه اکئين ڏٺي مشاهدي سان بيان ڪري سگهي ٿو. شيخ اياز جتي متي جاڻايل پيٽ پنهنجي مطالعي ۽ اپياس جي آڌار تي ڪئي آهي، اتي الطاف شيخ وري اها وڇوٽي دنيا جا سموند لتاڙي اکين ڏٺي مشاهدي ذريعي بيان ڪئي آهي.


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

آمريڪا جي آزادي (اڻپوري) ۾ جتي آمريڪي انقلاب جي پائي وجهندڙن *Founding Fathers* جو حصو آهي، جن دنيا جهاڳي اهو محسوس ڪيو هئو تہ هو، 'وطن کان سواءِ' *Men without Country* آهن. ان حساس آمريڪا ۾ قومي سڃاڻ لاءِ تڙپ کي جنم ڏنو. الطاف جو پيشو بہ ملاحي آهي. منجهس قوم جي بين اسريل قومن سان پيٽ ڪري قوم منجهہ جاڳائڻ جو جذبو آهي.

الطاف ان سموري احساس هوندي بہ ڪڏهن ڪڏهن بين ملڪن ڏانهن *Sailors* جي زوال پذير ۽ بيمقصد سوچ واري رويي جو پڻ شڪار ٿئي ٿو. ان ڪري سندس ڪتابن ۾ ترقي جو مقصد گهٽو ٽٽو ٻاهريون نٽُ نانگر ئي پاسجي ٿو. ۽ سندس سفرناما هر ملڪ جي اندروني سماجي تضادن ۽ تاريخ جي ڳوڙهي اڀياسن کان بلڪل خالي آهن ۽ هجن بہ ڪيئن نہ سندس سفرناما:

"رات رهن ۽ صبح ڪن وڃڻ جي تياري"

جي عالم ۾ لکيل آهن، ان ڪري اڪثر ان خاميءَ جو شڪار بڻجنا آهن.

هڪ ٻيو معاملو جيڪو الطاف جي سفرنامن منجهہ ڳوڙهي مشاهدي جي راهہ ۾ رنڊڪ آهي، سو آهي سندس ڪئريئر. سندس ڪئريئر ڪيس ڪڏهن ڪڏهن اهڙي سوچ جو شڪار بڻائي ٿو، جيڪا نہ رڳو:

"روئي ڏنو رات، ڏسي ڏڪوئن کي"


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

جي ابتڙ آهي، پر انهن معاشرن جي بہ خلاف آهي، جيڪي ڏک ۽ رنج جي خاتمي لاءِ ويڙهاند سبب ڪجهہ ڪهرا آهن. ان سوچ جو پرتو سندس ڪيوبا ۽ اوپر يورپ جي ملڪن خلاف جملن ۾ چٽو تي اچي ٿو.

جيتوڻيڪ الطاف ڪي اجا ڪئين خامين ۽ ڪمزورين تي غالب پوڻو آهي، پر تنهن هوندي بہ هن حالت ۾ اڳتي وڌيل قومن جي پنهنجي پٺتي پيل قوم بنا ڪنهن ڪمتري جي احساس پيدا ڪرڻ جي پيٽ ذريعي هو قومي جدوجهد ۾ هڪ اهم ڪردار ادا ڪري رهيو آهي. شل سندس مضطرب اظهار ڪنهن طوفان سان آشنا ٿي، هر ملڪ جي سانگين ۽ پورهيتن جي امنگن ۽ احساسن جو بيان بڻجي.

**نبي بخش کوسو**

**ڪراچي 1971**


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

## پڙهندڙن وٽان

توهان جي ڪجهه نون ڪتابن جو ذڪر زماني ۾ هلي پيو پر شايع نه ٿيا آهن، انتظار آهي. اڳ ۾ ڇپيل اوهان جا سڀ ڪتاب پڙهيا اٿم ۽ ڏاڍي شوق سان پڙهيا اٿم ۽ وٽيا اٿم. البت اخبارن ۾ قسطوار شيون نه پڙهندو آهيان.

..... عبدالقادر جوڻيجو

تمام گهڻا ادارا تنهنجا ڪتاب ڇپرائي رهيا آهن پر تو هڪ ڳالهه جو شايد ڪڏهن به خيال نه ڪيو آهي. تون وڏو ليکڪ ٿي ويو آهين، پر تنهنجي ٻولي ۾ اجا ڪچايون آهن، تو ڪي پنڪچوئيشن صفا ڪانه ٿي اچي. منهنجو ساگر منهنجو ساحل، بندر بازاريون ۽ وايون وڻجارن جون، ڪي چڱي طرح ڏسي وٺُ. يقين نه اچئي ته منهنجي ڇپايل ڪتاب ۽ پنهنجي اصل ڪاپي ڪي ڀيٽائي ڏس. ٻيا ائين نه ڪندا آهن، خامين سوڌو ڇپيندا آهن.

..... طارق اشرف

اوهان جا سفرناما معلوماتي نوعيت جا حامل آهن، ان مان سنڌ واسين جيڪي حاصل ڪيو آهي، اهو وسارڻ جهڙو نه آهي.


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

اوهان جي سفرنامن جو هڪ خاص مقام آهي ۽ سنڌ جي هر طبقي ۾ يڪسان مقبوليت حاصل ڪري چُڪو آهي.

..... غلام رسول ميمڻ

توهان جو ڪوبہ سفرنامو هٿ چڙهندو آهي تہ ڇڏيندو ناهيان. ڪي ڪي نهايت ئي گرافڪ، وندرائيندڙ بيان هوندا آهن.

..... گرڌاري لال، بمبئي

شروع کان مون کي سير سياحت جو شوق آهي. مان اوهان جي ٿورائتي آهيان، جو اوهان اسان لاءِ اهڙي معلوماتي ۽ دلچسپ تفريح مهيا ڪئي آهي. يقيناً اسان جهڙن نوَن لکندڙن اوهان جي تجربن ۽ اوهان جي لکڻين جي ٽيڪنڪ مان پرايو آهي.

..... زيب ’نازش‘، حيدرآباد

توهانجي سفرنامن مان اهڙو تہ سواد ايندو آهي جو هڪ ئي گيت ۾ پڙهي ويندو آهيان. توهان جي لکڻي نرالي آهي ۽ ان مان جوانيءَ جي خوشنما طبيعت جو هڳاءُ اچي ٿو. توهتان جهڙا وڻندڙ ۽ دلچسپ لکڻ وارا اڄُڪلهہ بلڪل نہ برابر آهن، پر ڪي لفظ اهڙا ڪم آندا اٿو، جيڪي اسان کي اسڪول ۾ 1910ع کان 1917ع تائين نہ پاڙهيندا هئا. هن وقت اهڙي بولي لکجي، جا


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

سنڌين کي سولائيءَ سان سمجهه ۾ اچي. پر وري به توهان اهڙا لفظ اٿي ۾ لوڻ برابر استعمال ڪيا آهن ۽ مطلب سمجهه ۾ اچي ٿو. باقي ڪي اهڙا ليکڪ آهن، جن کي سمجهڻ ئي ڏکيو آهي. اهو ساهتيه پاڻ ۾ ويچو وڌائي ٿو. مان ته محبت ۽ ميلاپ جو حامي آهيان ۽ هتي جيڪي ليکڪ هندي لفظ ڪم آڻيندا آهن، تن جا ڇوڏا لاهيندو آهيان.

..... **لوڪرام ڏوڏيجا، پونا**


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

## چاڻ

پڙهندڙ اڪثر ڪري وري فورٿ انجنيئر، ٿرڊ انجنيئر، ففٿ انجنيئر جا لفظ پڙهي پڙهي سوچيندا آهن ته اهي آخر آهن ڪهڙي بلا جيڪي بنا تعارف ڪرائڻ جي ڪتاب جي ڪنهن نه ڪنهن صفحي ۾ پيگا بينا آهن، سو اسان ضروري ڄاتو ته پڙهندڙن کي جهازي دنيا جي وٽندڙ واقعن ٻُڌائڻ سان گڏ اهو به ٻڌايون ته جهازي دنيا ڇا آهي ۽ ان تي عملو ڪهڙي نموني رکيل هوندو آهي.

جهازي عملي کي ٻن حصن ۾ ورهائجي ٿو. هڪ انجنيئرنگ ڊپارٽمينٽ ۽ ٻيو ڊيڪ ڊپارٽمينٽ. انجنيئرنگ ڊپارٽمينٽ ۾ چار کن ففٿ انجنيئر ٿين، جن ۾ ڪجهه جونئر ته ڪجهه سينئر هوندا آهن. ففٿ انجنيئر کان پوءِ مٿي رئنڪ فورٿ انجنيئر جي آهي ۽ ٻن يا ٽن سالن جي سينيارٽيءَ جو فرق ٿئي. ساڳيو فرق فورٿ ۽ ٿرڊ انجنيئر ۾ ٿئي. هر جهاز تي هڪ يا ٻه فورٿ انجنيئر ۽ هڪ يا ٻه ٿرڊ انجنيئر ٿين.

سيڪنڊ انجنيئر ٿيڻ لاءِ هڪ قسم جا انٽرنيشنل امتحان ٿين جي دنيا جي ڪيترن مُکيه بندرگاهن ۾ ٿين. ان لاءِ ستاويهه مهينا *Sea-time* هجڻ ضروري آهي. جيئن هوائي جهاز لاءِ 'اڏام جا ڪلاڪ' ڳڻيا ويندا آهن. سيڪنڊ انجنيئر ٿيڻ کان پوءِ وري ٻيا ستاويهه مهينا *Sea-time* ڪرڻو پوندو آهي. ان بعد چيف انجنيئر


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

جي پروموشن لاءِ امتحان ڏيڻا پوندا آهن. بلڪ محمود غزنوي واريون سومنات تي ڪاهون ڪرڻيون پونديون آهن. (جو هي امتحان جيتوڻيڪ مهيني ۾ به دفعا ٿين پر پاس ڪو ورلي ٿو ڪڏهن ڪڏهن ٿئي) جيئن ته هن نوڪريءَ ۾ هر وقت جان جو خطرو رهي ٿو ان ڪري معمولي غلطيءَ جي به گنجائش رکيل نه هوندي آهي ۽ امتحان ۾ اهڙي غلطي ڪرڻ، جنهن جو سڌي يا اڻسڌي طرح جهاز جي عملي يا مسافرن جي زندگي سان واسطو هجي، ته فيل ڪرڻ سان گڏ سواءِ پنتي *Demote* ڪيو وڃي ٿو. بهرحال امتحان لاءِ ميدان خالي ڇڏيل هوندو آهي جو همت ڪري پنهنجي قابليت ۽ سگهه آزمائي يا هڪ ئي پوسٽ تي جمي وڃي.

پيو ڊيڪ ڊپارٽمينٽ آهي جنهن ۾ ٽي چار ڊيڪ ڪئڊٽ ٿين جيڪي مئرين اڪيڊمي جي ڪامياب ٿيل ڪئڊٽن کي يا ڪڏهن سنئون سڌو چونڊ تي جهازي ڪمپنيون کڻن. ڪئڊٽ بعد بي رئنڪ فورٿ آفيسر جي ٿئي. ان کان پوءِ هڪ ٿرڊ آفيسر، هڪ يا ٻه سيڪنڊ آفيسر جهاز جي ننڍ وڏائيءَ جي مطابق، هڪ چيف آفيسر ۽ آخر ۾ ڪئپٽن، جو جهازي زبان ۾ ’ماسٽر‘ سڏجي ٿو.

چيف انجنيئر ۽ ڪئپٽن جي پوسٽ، پگهار ۽ ٻيون سهوليتون ساڳيون ٿين. امتحان سيني جا انٽرنيشنل قسم جا ٿين جيتوڻيڪ ڊيڪ وارن جا سبجيڪٽ: *Sea-man-ship* (جهاز جي چاڙ)، *Stability* ، سامان رکڻ جو هنر، تارن جو علم ۽ رستي جي صحيح کوج (چارٽ ورڪ) نيويگيشن، موسميات، ڏيتي ليتي ۽


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

انتظامات وغيره ٿين، ۽ انجنيئرن جا مئٽس، اپلائيڊ مڪينڪس، *Heat-Engines*، ٿرموڊائنامڪس، *Neval-Architect* ۽ *Ship-Construction* ميٽلرجي، ريفريجريشن، اليڪٽرانڪس وغيره وغيره ٿين.

جهاز مختلف قسمن جا ٿين. مڪيہ مالبردار (*Cargo*)، تيل ڪٽنڊڙ (*Tanker*)، مسافر بردار (*Liner*) جهاز آهن. مسافرن جي جهاز تي عملو وڏيڪ ئي رکيو ويندو آهي جيئن وقت جي وڏيڪ پابندي رهي.

هي ڪتاب الطاف جي شُروعاتي ڪتابن مان هڪ آهي جڏهن پاڻ مختلف ڪارگو جهازن تي ففٿ انجنيئر هو، يعني سامونڊي زندگي ۽ جهازي ٽيڪنالاجي جي ڏکي ڏاڪڻ جي هيٺاهين ڏاڪي تي هو. اڄُ پاڻ آخري مٿين ڏاڪي تي يعني چيف انجنيئر آهي. مون کي پڪ آهي تہ بين پڙهندڙن سان گڏ ڪيس بہ پنهنجي جونئرشپ جا تجربا، مشاهدا، ڏکيا سُکيا ڏينهن ۽ واقعا پڙهي مزو ايندو.

ا ل ــــ


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

## سمنڊ تي عيد

ساموندي زندگيءَ ۾ اچڻ کان اڳ اهو سمجهندو هوس ته عيد يا ٻئي ڪنهن وڏي ڏينهن تي جهاز ڪي هڪ هنڌ بيهاري يا ڪناري تي وٺي اهو ڏينهن جهاز جو عملو موڪل ڪندو هوندو، جيئن زمين تي آچر يا عيد جي ڏينهن آفيسن ۽ ڪارخانن ۾ ڪم بند رهندو آهي. پر پوءِ اهو خيال غلط نڪتو.

جهاز هڪ بيٽ مثل آهي جو هلندو ئي رهي ٿو. جهاز هڪ محدود ۽ ننڍڙي الڳ ٿلڳ دنيا آهي جنهن جو ڪناري جي زندگيءَ سان ڪو واسطو ناهي. هر اهو ڏينهن عيد آهي جنهن ڏينهن جهاز بندرگاهه ۾ آهي، يا سمنڊ تي موسم صاف آهي ۽ پاڻي مانو آهي. ۽ اهو ڏينهن حشر مثل آهي جنهن ڏينهن موسم خراب آهي ۽ پاڻيءَ ۾ جوش آهي. اهو هرگز ضروري نه آهي ته عيد جي ڏينهن جهاز بندرگاهه ۾ هجي.

اهي به ڪي ڏينهن هئا جڏهن جاگرافيءَ ۾ جهازن جا رستا ياد ڪبا هئا ته ڪراچيءَ کان لنڊن جهاز تي وڃڻ لاءِ رستي تي ممباسا، لارينزومارڪس، لئانڊا، ڊڪار وغيره ۾ ترسي، راشن پاڻي کڻي پوءِ لنڊن پهچبو. پر اڄُڪلهه اهو زمانو ختم ٿي چُڪو آهي. هاڻ ڪراچيءَ کان لنڊن ته ڇا پر ڪراچيءَ کان سڌو نيويارڪ بنا ترسڻ جي به پهچي سگهجي ٿو ۽ جهاز هفتن جا هفتا به لڳاتار سفر ڪري سگهي ٿو. اڄُڪلهه جا جهاز ايڏا وڏا آهن جن ۾


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ٻارڻ جو تيل تمام گهڻو اسٽور تي سگهي ٿو. سمنڊ جي ڪاري پاڻيءَ کي منو ڪرڻ لاءِ *Evaporator* آهن ۽ ڪولڊ اسٽوريج ۾ گوشت مڇي ڀاڄيون ميوا ڇهن مهينن تائين رکي سگهجن ٿا. اهڙي صورت ۾ عيد يا ڪنهن وڏي ڏينهن تي بندرگاهه ۾ جهاز جو هجڻ ضروري ناهي.

عجيب اتفاق آهي ته ساموندي زندگيءَ ۾ گهڙڻ بعد منهنجو هر عيد جو ڏينهن سمنڊ تي گذريو آهي ۽ ڪناري کان ميلن جا ميل پري، اهو ڏينهن ملهائڻو پيو هوندو. پوءِ ڪا عيد بحر اسود (ڪاري سمنڊ) ۾ آئي آهي ته ڪا عيد ائٽلانٽڪ جهڙي خطرناڪ سمنڊ ۾. تازو هن دفعي واري عيدالفطر به باوجود ڪوشش جي سمنڊ تي ئي گذري، ۽ اهڙي هنڌ تي ان ڏينهن اسان جو جهاز هو، جيڪو ڪنهن زماني ۾ سمنڊ جو خطرناڪ ترين حصو سڏيو ويندو هو. جنهن يورپين کي سالن جا سال اوير اچڻ کان پئي روڪيو، ۽ ڪيترين جانيون ۽ جهاز سخت ساموندي ڇولين جي نظر ٿي ويا. اهو هنڌ 'ڪيپ آف گڊ هوپ' سڏجي ٿو. اهو هنڌ آفريڪا کنڊ جي بلڪل هينان پنج ڇهه سؤ ميلن جي پڪيڙ ۾ اچي ٿو، جتي دنيا جا ٻه وڏا سمنڊ ـ ائٽلانٽڪ ۽ هندي وڏو سمنڊ هڪٻئي سان ملي هڪ ٿي وڃن ٿا. ان ئي هنڌ تي اسان هڪٻئي سان ڀاڪر پائي عيد ملهائي.

ڪراچي ڇڏڻ وقت انون روزو هلي رهيو هو. ممباسا (آفريڪا) ۾ هفتي کن جو ڪم هو ۽ اسان ٻُڌو ته ممباسا جي


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

بندرگاهه ۾ سوڙ آهي. جنهن حساب سان اسان سوچيو تہ اسان کي جي هفتو کن بہ ٻاهر انتظار ڪرايائون تہ عيد ممباسا ۾ پڪ ٿي ويندي. پر ائين نہ ٿيو ممباسا شام جو ائين بجي پهتاسين ۽ رات جو ٻارهين بجي جهاز کي اندر بندرگاهه ۾ اچڻ جو سگنل ڏنو ويو. پاڪستان ۾ انهن ڏينهن ۾ سرديءَ جي باوجود ممباسا ۾ سخت گرمي ۾ گذارڻو پيو جو ممباسا خط استوا تي آهي ۽ اهي ملڪ جيڪي خط استوا واري پٽِي تي آهن، انهن ۾ ٻارهوئي گرمي ٿئي. اتي چند ڏينهن کو معمولي سيءُ پوي.

ممباسا ڇڏيوسين تہ ٻاويهون روزو هلي رهيو هو، ۽ حساب لڳايوسين تہ عيد آفريڪا کنڊ جي هينان 'ڪيپ آف گڊ هوپ' ۾ ٿيندي. جنهن جو سوچي هرهڪ کي بوريت ٿي، جو اهو سمنڊ جو حصو اهڙو آهي جتي ٻارهو ئي سمنڊ خراب رهندو آهي. اتفاق سان کو ڏينهن اڌ اهڙو هوندو، جو سمنڊ سانتيڪو هجي، نہ تہ وڏا وڏا جهاز بہ لهرن جي رحم ڪرم تي هوندا آهن ۽ اهو سمنڊ جي خراب هجڻ جو سلسلو ٿي چار ڏينهن اڳ 'موزمبيق' چينل ۾ گهڙڻ سان شروع ٿي ويندو آهي. موزمبيق چينل سمنڊ جو اهو حصو آهي جيڪو 'موزمبيق' ملڪ ۽ 'مئڊگاسڪر' ٻيٽ جي وچ ۾ اچي ٿو. هي اهي سمنڊ جا حصا آهن جن کان وڏا وڏا ملاح بہ ڪيٻائيندا آهن ۽ هاڻ تہ سئيز ڪئنال بند ٿيڻ بعد آفريڪا کي ڦيرو ڪرڻ لاءِ ٻيو کو ويجهو گس ڪونهي.


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ممباسا ڇڏڻ کان پوءِ اسان جو جهاز ٽن ڏينهن کان پوءِ موزمبيق چينل جي منهن وٽ پهتو ۽ آهستي آهستي سمنڊ پنهنجي اصليت ڏيکارڻ لڳو. شام کان سمنڊ جهاز کي گڏهه وانگر ڪُڏائڻ شُروع ڪيو. آئون پنهنجي رات جي چار ڪلاڪ ڊيوٽي (انين کان ٻارهين تائين) ڏيئي پنهنجي ڪئبن ۾ آيس ته ڪئبن جو نقشو بدلجي چُڪو هو. ڪو ٽپڙ ڪٿي ته ڪو ڪٿي! جلدي جلدي هر شيءِ رسن سان سوگهي ڪري سُتس. رات جو ٽئين بجي اک کُلي پيئي ۽ محسوس ڪيم ته پلنگ تي هاڻ سمهڻ مشڪل آهي. جهاز ڪڏهن کاٻي ڪڏهن ساڄي جهُڪي رهيو هو ۽ سمنڊ جون ڇوليون جهاز کي ٻنهي پاسن کان ڇڻ ٿڦڙون هڻي رهيون هيون. ٻه ٻه وهاٽا پاسن کان ڏيئي ڪوچ تي سمهي رهيس ۽ باقي چار ڪلاڪ جهڙي تهڙي ننڊ ۾ گذاريم. صبح جو اک کُلي ۽ دريءَ جو پردو هٽائي ڏٺم ته سمنڊ جي حالت ويتر خراب هئي. اهو سمنڊ، جو رات تائين اندر ئي اندر وَٽ کائي رهيو هو، سو هاڻي گردي جي مريض وانگر ڦٿڪڻ لڳو هو.

جهاز جي اٽپوري ڇُرپُر جو انجڻ تي به اثر پيو، ڪڏهن ليوب آئل پمپ جو دٻاءُ گهٽجي ٿي ويو ۽ انجڻ خطري جون گهنٽيون ٿي وڄايون ته ڪڏهن *Pistons* کي ٿڌي رکڻ جو پاڻي گرم ٿيو ٿي ويو. مين - انجڻ جي ٻئي ۽ پنجين نمبر يونٽ ۾ هڪ طرف مستقل ناڪنگ ٿي رهي هئي ته ٻئي طرف ’گورنر‘ آٽوميٽڪ ٿي ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏنو. مطلب ته ڏينهن جي ڊيوٽيءَ جا


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ٻه چار ڪلاڪ پـچ ڊڪ ۾ گذريا. پنهنجي طبيعت ڪي سنڀال ته جهاز جي انجڻ جي طبيعت خراب!

منجهند کان پوءِ ته سمنڊ بلڪل هٿن مان نڪري ويو. ائين ٿي لڳو ته ڄڻ حد کان وڌيڪ پي ويو هجي ۽ نشي ۾ بدمست ٿي اناپ شناپ بڪڻ لڳو هجي. درياءَ مان سمنڊ ڏسڻ سان هيبت پئي ٿي. اهو سمنڊ، جو جهاز جي ڊيڪ تي ويهي ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڏسڻ سان ٻه دل نه پرجي، تنهن جي تصور سان ئي دل ۾ خوف ۽ سيوڪاري پيدا ٿي ٿي. اسان جو جهاز فقط مالبردار هجڻ جي باوجود ڪجهه مسافر لنڊن لاءِ کڻي هليو هو. ۽ ان وقت ممباسا کان سڌو لنڊن پاويهن ڏينهن جي سفر تي هلي رهيو هو. جهاز جي اها حالت شروع ٿيڻ کان وٺي ڪو مسافر ٻاهر نظر نٿي آيو. مسافر ته ڪو دل ٻڌي نٿي سگهيو پر اسان جي عملي جي ٻه ڪن ماڻهن همت هاري ڇڏي. رکي رکي ڪنهن ڪنڊ پاسي مان ڪنهن جي اٻڙاڪ يا الٽيءَ جو آواز ٿي آيو. سڀُ شرابين وانگر هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ تائين هلڻ وقت لڏي رهيا هئا، ۽ هر جهازي پنهنجي بچيل همت ۽ آزمودي کان ڪم وٺي هر لوڏي ۽ لهر جو دليراڻو مقابلو ٿي ڪيو. جهاز تي هڪ مستقل زلزلو برپا ٿي چُڪو هو. سي - سڪنيس ٿيڻ ڪري ٻئي ڏينهن ڪيترن روزو ئي نه رکيو. اسر ويل جيڪي روزو رکڻ لاءِ ڊائننگ هال ۾ آيا تن سان ٻه حالت هئي. هڪ هٿ سان پنهنجو پاڻ کي جهلڻو ٿي پيو ته ٻئي سان بيهي کائڻو ٿي پيو. حالت اها هئي جو چمچو منهن


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

تائين آڻ تہ هينان پليٽ نڪريو وڃي. ڪنهن بہ شيءِ ڪي ڪائڻ تي دل نہ ٿي چاهيو. جهٽڪن ڪري ائين ٿي لڳو تہ جڻ آندا ٻاهر نڪرڻ وارا آهن. پاسي کان ٿرڊ آفيسر احمد حسين مخدوم بيٺو هو. ان کي چيم تہ ”شهزادا عيد تہ ٿيندي ڪيپ آف گڊ هوپ ۾. سمنڊ جي هينئر ئي حالت اهڙي جو جڻ جن پيو هجيس تہ اڳتي ڇا ٿيندو؟“

”ادا مون تہ اڻ وانگر پورا سبجڻ کان اڳ ممباسا کان روئڻ شروع ڪيو هو. اڳتي جي موسم جي رپورٽ حاصل ڪرڻ لاءِ ريڊيو آفيسر ڪوشش ۾ لڳو پيو آهي . في الحال تہ منهنجي *Appendicitis* جي ان ناميد مريض جهڙي حالت آهي جيڪو آپريشن ڪرائي نجات حاصل ڪرڻ بدران اهو ئي چاهيندو آهي تہ هينئر ئي مران، ٻُڏان، جهاز ٽڪرا ٽڪرا ٿي وڃي تہ هن لڳاتار عذاب کان جان ڇُٽي.“

جهاز ٻُڏو يا ٽڪرا ٽڪرا تہ نہ ٿيو پر ٽئين ڏينهن اوچتو سمنڊ ڦيرو ڪاڌو ۽ ساموندي زلزلي جا لوڏا جهَٽڪا ٿيندا ويا. مست اٺ جي وات مان نڪرندڙ گجي جهڙي ساموند گجي ـ جنهن کي جهازي، ”وائيٽ هارس“ سڏين، اوچتو غائب ٿي ويئي. هاڻي سمنڊ پوڙهي شينهن وانگر پنهنجي ڇُر جي اڳيان ستي ستي گجگوڙون ڪرڻ لڳو ـ شام ڏاري ڏسندي ئي ڏسندي ماٺ ٿي ويو. هرهڪ جي جان ۾ جان اچي ويئي. سچ لڌي مهل جهاز جي فاڪسل کان ساڄي پاسي ڏکڻ آفريڪا جي بندرگاهہ ڊربن جي


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

لائٽ هائوس جي روشني نظر آئي ـ جتان ڪان ڪيپ آف گڊ هوپ جو سمنڊ شروع ٿئي ٿو ۽ اسان جي جهاز ڏکڻ آفريڪا جي *Coasting* شُروع ڪئي. عجيب اتفاق چئجي جو ٻئي ڏينهن ڪان سمنڊ بلڪل مانو ٿي ويو. اسان به اهو ئي چاهيو ٿي ۽ دعائون گهرڻ لڳاسين ته هڪ ڏينهن وڌيڪ اهڙي حالت رهي، جو ٻئي ڏينهن عيد ٿيڻ جي اميد هئي. شام جي وقت آسمان به بلڪل صاف هو ۽ سيني عيد جو چنڊ چٽيءَ طرح ڏٺو ۽ ان وقت کان ئي ’چنڊ مبارڪ‘ جو جهاز تي هُل مچي ويو.

جهاز جي ڪئڊٽن، اليڪٽريڪل انجنيئرن ۽ اليڪٽريشن گڏجي ڊائننگ سئلون، سموڪ روم (جهاز جو ڊرائنگ روم) ۽ ائلي وي (جهاز جون گهٽيون) رنگين بلبن، دنيا جي ملڪن جي جهنڊن ۽ سگنل ڪرڻ جي مختلف جهنڊن سان سينگاريون. ريفريجريشن انجنيئر ۽ سيڪنڊ آفيسر پنهنجي فرانسي عطر مان حصو حصو سيني ۾ ورهايو. ٻٽلر ۽ ريڊيو آفيسر ڪاڏي جي فهرست ناهڻ ۾ لڳي ويا. عيد نماز جو ٽائيم صبح جا نَو وڳا مقرر ڪيو ويو. عيد جو ئي هڪڙو اهڙو ڏينهن هو، جنهن تي سيني پنهنجا يونيفارم ڦٽا ڪري پنهنجا ملڪي ۽ علاقائي ڪپڙا پهريا. فورٿ انجنيئر نثار ۽ عبدالصمد عليڳڙهي تنگ پجامي ۾ مهاراجا لڳي رهيا هئا. فخر زمان ۽ رشيد ٿرڊ انجنيئر بنگالي ڪُرتي پجامي ۾ ڪهُمي رهيا هئا. احمد حسين سنڌي پرت جي پهراڻ شلوار ۾ راڻو لڳي رهيو هو.


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

”نہ ڪوئي بنده رها نہ ڪوئي بنده نواز“ وارو حساب هو.

هن ڪان اڳ وارن جهازن تي چيف انجنيئر ڪونہ ڪو ڪرسچن هوندو هو. ان ڪري عيد ڏينهن اهو ڊيوٽي ڪندو هو ۽ ٻين سيني کي نماز پڙهڻ جو موقعو ملي ويندو هو. پر هن جهاز جو چيف انجنيئر ’عبدالباقي زينر‘ ترڪيءَ جو مسلمان هو. سو فيصلو ٿيو تہ جيڪي ڊيوٽي تي هوندا، سي ڊيوٽي تي رهندا. ’نماز جو وقت‘ منهنجي ڊيوٽيءَ ۾ ٿي آيو. مون سان گڏ مدد لاءِ جونئر انجنيئر، هڪ فٽر، گريزر بہ شامل هئا. مون خيال ڪيو تہ ٻئي سڄي عملي کي انجڻ روم ۾ ڇڏي آئون نماز تي هليو ويندس تہ فرق نہ پوندو. نماز لاءِ ’مونڪي آئلنڊ‘ تي گلم وڇايا ويا هئا، جيڪو (برج ڪنٽرول روم) جي مٿان ٿئي. مددگار عملي کي سمجهائي ڇڏيو هوم تہ جيڪڏهن خدانخواستہ ڪجهہ ٿي پوي تہ مون کي خطري جي گهنٽيءَ ذريعي گهُرائي ونجو.

نماز کان پندرهن منٽ اڳ هيٺ انجڻ روم ۾ آخري پيرو چڪاس لاءِ ويس، تہ گيجز ۽ ميٽرن کان وڌيڪ عملي جا منهن ڦريل هئا. سڀُ ڏکويل منهن ناهي بينا هئا. مون کي يڪدم خيال آيو تہ مون هڪ بدران هيترا چو قرباني ڏين. سو کين موڪل ڏئي آءٌ ترسي پيس. ڪنٽرول روم ۾ فون ڪيم. ان وقت احمد حسين نيويگيشن ڪري رهيو هو سو بہ سڪاني ۽ ٻين کي موڪل ڏئي اڪيلي سر ڊيوٽي ڪري رهيو هو. مون کي اڪيلائي ڪائي رهي هئي. سوچي رهيو هوس تہ ڪيڏو بدنصيب


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

آهيان جو نماز نہ پڙهي سگهيس. ايتري ۾ نماز ختم ٿي ۽ ڊيوٽيءَ وارا همراهہ موٽيا. سندن چهرا ٿوري دير اڳ نيم مُڙده هئا، سي خوشيءَ کان ٻهڪي رهيا هئا. سندس چهرن تي خوشي ڏسي منهنجو نماز ۾ شامل نہ ٿيڻ جو ڏک غائب ٿي ويو. مون کي اهو محسوس ٿيو تہ نماز پڙهڻ بعد بہ مون کي ايتري خوشي نہ ٿئي ها، جيتري هينئر ٻين کي خوش ٿيندو ڏسي ٿي اٿم. ٻارهين بجي اسان جي ڊيوٽي ختم ٿي ۽ ٻين کي چارج ڏئي، جهاز جي ڇهچٽي ۾ اچي شامل ٿياسين.

ساڍي ٻارهين بجي لنچ جو پروگرام سئلون ۾ رکيو ويو هو. ان ۾ جهاز جي عملي، ملاحن ۽ مسافرن کي عام دعوت هئي. رتا موجب ڪئپٽن ۽ چيف انجنيئر کان ڪئڊٽ ۽ جونئر انجنيئرن تائين آفيسرن، هينين عملي جي خلاصين کي ماني Serve ڪئي. ڪيترن خلاصين تہ شرم کان چڱي طرح ماني بہ نہ کاڌي. پنهنجي بنگالي ڪئبن ٻئاءِ کان ان لنچ بابت ٻئي ڏينهن پڇيم تہ چوڻ لڳو، ”اسان کي بُک مارڻ جو اهو سنو طريقو هو.“ بهرحال ان ڏينهن بورچين کي پنهنجي هنر جو مظاهرو ڪرڻ جو سنو موقعو مليو ويو. هر قسم جو کاڌو تيار ڪيو ويو هو. انگريزي کاڌي کان علاوه ٻين ملڪن جو بہ ڪجهہ نہ ڪجهہ هيو. چيني گانگٽ ۽ سوپ، اٽلين اسپاگهيٽي ۽ آمريڪن ڊف ٽٽس. ڪائڻ وقت ڪنهن چيو تہ عيد کي مزيدار بنائڻ ۾ بورچين جو هٿ آهي. اتي ٻئي درستي ڪندي چيو:


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

”آهستي ڳالهايو. ڪٿي سمنڊ راجا بگڙي نہ پوي. نہ تہ هي ڪاڏا چاڙهي، جيڪي پيٽ ۾ آهن اهو بہ ٻاهر نڪري ايندو.“

واقعي عيد جي بهتريءَ جو دارومدار سمنڊ جي حالت تي آهي. ’ڪيپ آف گڊ هوپ‘ ۾ اهڙو مانو پاڻي ملي، ڪرامت ڪان گهٽ ڳالهہ ناهي ۽ پوءِ تہ عيد جو ڏينهن چاڙهي، سمنڊ يڪي جا ڪٽي ماٺ ڪئي ۽ اڪ پوري تہ ڏهن ڏينهن بعد ڪنري بيٺ لتاڙڻ بعد اڪ پٽيائين، تيسين سانت ۾ ئي هو. چوليون تہ چاڙهي ڪا معمولي لهر يا گجي بہ نظر ڪانہ آئي. تازي ڪنل ٻڪريءَ جي گوشت وانگر فقط تورو تورو ڏڪندو رهيو. ڪٿي ڪٿي تہ ائين لڳو جڻ شيشو وڇايو پيو هجي.

شام جو فنڪشن ڪيو ويو، جنهن ۾ پهرين هر هڪ کي پنهنجي طرفان ڪونہ ڪو هنر ڏيکارڻو هو. ڪنهن خوشيءَ سان ڪنهن زبردستيءَ ڪنهن منٿن ۽ نخرن سان، ڪنهن دڙڪي ۽ دٻ مان، بهرحال سيني کي پاڻ ملهائڻو پيو. بين رڪارڊن سان گڏ، اسان جي جهاز تي سنڌي ميوزڪ ۽ گانن جا رڪارڊ پڻ آهن. احمد حسين ۽ مون، بين سان گڏ هوجمالو پيش ڪيو. بعد ۾ ڳائڻ جو وارو آيو. ان تي بہ ڪي پڙ ڪدي بينا تہ اسان کي ڳائڻ نٿو اچي. انهن ۾ آئون بہ هڪ هوس.

”مونکي بہ ڪو راڳ ڪونہ ٿو اچي، آءٌ رڳو ٻُڌڻ پسند ڪندو آهيان.“ مون نهہ پهہ جواب ڏنو.


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

”ڇڏ يار، هاڻ سنگت ۾ ائين نہ ڪبو. ٻيا وري ڪهڙا ڳائڻا آهن.“ هڪ همت افزائي ڪئي.

”وهنجڻ جي جاءِ ۾ تہ هرڪوئي ڳائي ٿو. سمجھ ڪٽي تہ هيءَ بہ وهنجڻ جي جاءِ آهي.“ ڪنهن ٻئي چيو.

”وڏيڪ نہ تہ ٿورو ئي سهي.“ اهڙي طرح سڀُ ورائي ويا ۽ جڏهن بچڻ جي جاءِ نظر نہ آئي، تہ سوچيم تہ هن خوشين سان ڀريل محفل کي وڏيڪ ئي خوش رکجي. ۽ هڪ ترڪيب کي ڌيان ۾ آڻي پڪو ارادو ڪري اٿيس. اسٽيج تي ويهي پهرين پڪ ورتم:

”ڳائيندس پر هڪ شرط تي تہ سڄو ڳانو ٻُڌندؤ؟“

”بلڪل بلڪل“ سيني دانهون ڪري پڪ ڏني. پوءِ تہ سائين بسم الله، نڪ جو پڪو ٿي، رفيع جو هڪ اهڙو ڪلاسيڪل راڳ ڪنيم جو رفيع بہ ڳائيندي گهٻرايو هوندو ۽ مهينا پريڪٽس ڪئي هوندي. ڳائڻ تہ مون کي ڇا اچي، بنا سُر ۽ ساز جي ڳائيندو ويس. يا ٻين لفظن ۾ رڙيون ڪندو ويس. پهرين تہ سڀُ ڪلندا رهيا. آخر ٿڪجي پيا پر ڳاني جي پڇر نہ ڇڏيم، هڪ سٽ کي ذري ذري ورجائيندو ويس. وڏي ڳالھ تہ ان سان گڏ اونڌي ابتي ميوزڪ بہ وات کي ڦڏو ڪندي ڏيندو ويس. آخر جنهن جي اميد هئي سو ٿيو. ٻڌڻ وارا ٿڪجي پيا ۽ ميڙ مان ڪنهن دانهن ڪئي: ”يار هاڻي بس ڪر. اجايو رفيع بيروزگار ٿيندو.“ پر مون لاءِ هر ريمارڪ ائين هو جيئن بدڪ مٿان پاڻي. مون کي بور ڪرڻ لاءِ


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

پوءِ تاڙيون ۽ سيٽيون وڄڻ لڳيون پر منهنجو گانو نہ ڪٽڻو هو. آخر مون کي ڏڪا ڏئي اسٽيج تان لاٿائون. ان جو اهو فائدو ٿيو جو مون کان پوءِ ٻئي ڪنهن کي ڳائڻ لاءِ نہ چيو ويو ۽ سڀُ رهيل بچي ويا. ان کان پوءِ فئنسي ڊريس ٿي جن ۾ ڪيترن جهاز جي آفيسرن ۽ مسافرن حصو ورتو. سڀ کان بهترين مظاهرو هڪ مسافر ڪيو. هو بئگ هٿ ۾ ڪٽي اسٽيج تي ائين آيو، جيئن مسافر جهاز مان لهڻ وقت ڪسٽم جي چيڪنگ لاءِ ايندا آهن. سندس هر هڪ پاسي هڪ ڪئميرا ٻه ٽي واچون پڙل هيون. هڪ هٿ ۾ ٻہ ڪئميرائون ۽ ٻئي ۾ ٽيپ رڪارڊر. ڪلهي تي هڪ ٽرانسسٽر لُڏي رهيو هوس. مٿي تي پني جي هڪ اچي ٽوپي هيس جنهن تي لکيل هو *Nothing to Declare* يعني مون وٽ ڪجهه بہ نہ آهي. دراصل هر نئين ملڪ يا پنهنجي وطن اچڻ وقت ڪسٽم وارن کي هڪ فهرست ڏيڻي پوندي آهي تہ اسان وٽ هي هي قيمتي شيون آهن، جنهن کي ”ڊڪلئريشن“ سڏبو آهي. پر هن همراهہ وٽ ظاهر ظهور ئي هيتريون شيون هجڻ جي باوجود ڀڏائي رهيو هو تہ مون وٽ ڪجهه بہ ناهي.

ان بعد ٻئي نمبر تي ٻہ انجنيئر هئا. جن مان هڪ عرب سردار ٿيو هو ۽ ٻيو زنانا ڪپڙا پائي عرب حسينا ٿيو هو ۽ هڪ عربي گاني تي ٻنهي نچي ڏيکاريو. فئنسي ڊريس بعد چيف انجنيئر سيني کي مختلف ۽ مزاحيہ نالا ڏنا. ان بعد هڪ ننڍڙو ڊرامو ڪيو، جنهن ۾ ڪجهه مسافرن کي بہ شامل ڪيو ويو ۽


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

عورتن جو ڪردار عورتن خوشيءَ سان ادا ڪيو. ڊرامي بعد ڊنر جو دور هليو. ڊنر بعد ڪنهن اچي ٻُڌايو ته ڪيپ ٽائون شهر جو لائٽ هائوس نظر اچي رهيو آهي. سڀُ ٻاهر اچي بيناسين ۽ زمين طرفان ايندڙ روشنيءَ کي ڏسندا رهياسين. اها شايد سمنڊ جي مسافرن کي نه فقط رستو ٻڌائي رهي هئي، پر عيد مبارڪ به چئي رهي هئي. ڪيترائي ڪلاڪ لائٽ هائوس جي روشني ڇٽي نظر ايندي رهي جنهن کي ڪيتري فاصلي تائين ڏسندا رهياسين اهوئي سوچي ته هاڻ ڪنري پيٽن تائين ڪابه روشني، ڪوبه ڪنارو، ڪوبه پکي نظر نه ايندو

(1969ع ـــ بالٽڪ سمنڊ تان لکيل)


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

## منهنجو جاني ته جهاز ۾

چوندا آهن ته ڪنيءَ رن کي يار به گهٽا ته پار به گهٽا. سو اسان جو جهاز به جنهن تي مون شروع وارا ڏينهن گذاريا، ڪنيءَ رن کان گهٽ ڪونه هو. سندس تاريخ جاگرافيءَ کي ڏسندي ئي مٿين تشبيهه موزون ٿي لڳي. جهڙو هو جهاز تهڙو هئي سندس مصيبت جي ماريل انجڻ، ۽ وري اهڙا ئي هئا مست آفيسر ۽ ملاح سڀُ هڪبِئي کان وڌ. اهڙي مزيدار جهاز ۽ ان تي گذريل ڏينهن کي پلا ڪيئن وسارجي. ڪي ڪي ماڻهو اهڙا به ٿيندا آهن، جي جيڪڏهن ڪٿي هفتو کن گهمڻ ويندا آهن ته مهين جا مهينا انهن جو ذڪر ڪندا رهندا پر ته به قصو ڪٽندو ڪونهي، ويندو آهي انگهندو. اهڙن ماڻهن تي سچُ ته تعجب ۽ رشڪ ٿو اچي. ۽ هاڻي ته مون کي پنهنجو پاڻ تي تعجب ٿو لڳي جو چار سال ٿي ويا آهن پر ڏهن مهينن جون ڳالهيون نه وسريون آهن. بهرحال، مون کي هتي قصو ڪُٽائڻو آهي، انگهائڻو ڪونهي. سو درياءَ کي ـ اجان به سمنڊ کي، ڪٽي ٿو ڪوزي ۾ بند ڪريان.

### تاريخ ۽ جاگرافي:

اسان جو جهاز ايترو ئي پراڻو ۽ دلچسپ هو، جيترو موهن جو دڙو عربن لاءِ يا يپيور انگريزن لاءِ چون ٿا ته سن 1930ع ۾ ڪنهن امير ماڻهوءَ هن جهاز نهرائڻ لاءِ هڪ جهاز ناهيندڙ


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڪمپنيءَ کي آرڊر ڏنو اجان اڃا مس نهيو تہ ان ڪمپنيءَ جو ڏيوالو نڪري ويو ۽ جهاز ناهڻ جو ٺيڪو ٻي ڪمپنيءَ کي سونپيو ويو. جڏهن جهاز نهي راس ٿيو تہ اتفاق سان ان جو مالڪ گُذاري ويو. سڄا سارا اڍائي سال جهاز خشڪ گوديءَ ۾ پيو رهيو جو ان شپ يارڊ کي ٻي جهاز جو وري آرڊر نہ مليو. ان بعد ان مرحوم مالڪ جي اولاد اهو جهاز هڪ ٻيءَ جهازران ڪمپنيءَ کي وڪڻي ڏنو. تنهن هن جهاز ۾ ڪجهہ تبديليون آڻي، ڪيس مال بردار جهاز مان ڦيرائي پئسينجر جهاز بڻايو. هاڻ جهاز خيرن سان سمنڊ ۾ هلڻ لاءِ روانو ٿيو. اجان پهرين ئي سفر تي نڪتو تہ قضا الاهيءَ سان ڪيس حادثو پيش آيو ۽ پورو اڳيون اڌ تباهہ ٿي ويس. وري آيو گوديءَ ۾ ۽ ڪجهہ عرصو مرمت هلندي رهي. هاڻي ڪيس وري مالبردار جهاز بڻايو ويو ۽ هر سامان هر بندرگاهہ مان ڍوئيندو رهيو. مصالحي ۽ ميوي ڪان لوهہ ۽ لُوڻ تائين، هر ڪنهن وڙ وڙ جون شيون ڪڻندو رهيو. پر حال اهڙو هوس جو هڪڙو سفر ٻن اڍائي مهينن جو ڪندو هو تہ بيٺو ٽائيم مرمت پئي هلندي هيس. ۽ مرمت بہ ڪا اهڙي تهڙي؟! ڪڏهن ڏس تہ ڪرئنڪ شافٽ پئي بدلجي، ڪڏهن سيني بئرينگن جي *White Metaling* پئي ٿئي. ڪڏهن سڄو *Tween Deck* سڏو پيو ٿئي تہ ڪڏهن *Hull* جون چيبون ٿيل پليٽون بدلي پيون ٿين. آخر اهو سلسلو بہ ٻيءَ جنگ عظيم تائين هليو، ان بعد هن کي وري پئسيجنر جهاز بڻايو ويو ۽ ملٽري ٽروپ هڪ هنڌ کان ٻي هنڌ


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

تائين ڪٽڻ لڳو. هڪ دفعي ته نازين (دشمنن) جي هوائي جهازن متس ذري ڳهٽ حملو ٿي ڪيو پر وري الائي ڇو متس رحم ڪائي ٿري ويا. پڪ سان اهو سوچيو هوندائون ته، هن مڙهي تي بم ڪيرائڻ، معنيٰ پنهنجو بارود اجايو وڃائڻ آهي، ڪين پڪ خاطري هوندي ته اهو ائين ئي پاڻمُرادو ڪٽي ٻڏي مري ويندو.

خير ڳالهه ڪُٿائٽي. جنگ کان پوءِ هي جهاز اسان جي جهازران ڪمپنيءَ ڦُلن مُٺ ۾ خريد ڪيو. ڪي ته چون ٿا ته اهو مفت ۾ ڏنو ويو، پاڻ مٿان ڪجهه خرچ پکو به ڏنو ويو ته جيئن هن مصيبت کي ـ جا اجائي بندرگاهه ۾ جاءِ ولاريو بيٺي آهي ۽ *Port-Dues* پيا چڙهن تنهن کي ڪڍيو وڃي. جهاز جي ڪئپٽن ۽ چيف انجنيئر جي ڳالهين مان وري ائين لڳندو هو، ڄڻ هي جهاز ڪنهن ڪمپنيءَ جو نه پر ڪين شاديءَ تي ڏاج ۾ يا ڪنهن ويجهي مائٽ جي وفات تي ورثي ۾ مليو هجي.

جهاز جو عملو ڪئپٽن ۽ چيف انجنيئر کان بورچي ۽ پنگي تائين، هرڪو پاڻ کي خودمختيار حاڪم سمجهندو هو. آئون تڏهن ڪئڊٽ هوس ۽ جهاز تي ڪئڊٽ جي حيثيت ان خچر وانگر ٿيندي آهي جو نه گهوڙن سان گڏ نه گڏهن سان. نه هوس آفيسر نه شاگرد. ڳهٽ پگهار، ڪنهن به ڳالهه ۾ وزن صفا نه. هر ڏکئي ڪم لاءِ مون کي سڏ. موڪل لاءِ به منٿ ميڙ! منهنجو ڪپتان پنجهٺ سالن جو پوڙهو مڙس هو. (اها بي ڳالهه آهي جو هو پنهنجو پاڻ کي اجان ڪنوات سمجهندو هو.) ٿلهو ايترو جو


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

مون جهڙا هن مان پنج ٽين. پوءِ به ڪجهه هڏ چم بچي. قد ۾ به اها بلا هئي جو ڪڏهن ليڪچر ڏيڻ وقت، منهنجي ڪلهي تي ٺونٺ رکي بيهندو هو. سيڪنڊ ڪان جونئر آفيسر (؟) هوس، هر وقت هر ڳالهه لاءِ شامت مون تي ايندي هئي. جهاز تي آئون اها ننڍڙڪي ڏيءَ هيس، جنهن کي، ننهن کي سبق سيکارڻ لاءِ، دڙڪا ڏنا ويندا آهن ۽ جهاز جون ننهرون اهي انجنيئر ۽ ڊيڪ آفيسر هئا جن جي هر وقت چڪتاڻ لڳي رهي ٿي. ٻئي ڌريون سمجهنديون هيون ته، جهاز سندن ڪري ٿو هلي. هڪ ڏينهن ته چيف انجنيئر ۽ ڪئپٽن جون زالون وڙهي رهيون هيون ته اهي به ساڳيا مهٽا ڏئي رهيون هيون:

”توکي خبر به آهي ته اڄُ ڪان ويهه سال اڳ جهاز تي ڪو به انجنيئر نه هوندو هو؟“ ڪپتان جي زال چيو،

”۽ اڄُ ڪان ويهه سال پوءِ،“ چيف انجنيئر جي زال ورندي ڏنس، ”ڪنهن به ڪپتان جي ضرورت نه پوندي.“

هڪ ڏينهن صبح ساڻ ڪپتان مون کي ننڊ مان اٿاري، ڇڪي پنهنجي ڪئبن ۾ وٺي آيو. (ڪاوڙ ۾ هن ڪان ڪجهه ڪڇيو نه ٿيندو آهي.) مون کي سمجهه ۾ نه پئي آيو ته ڪهڙي ڏوهه ۾ اڄُ ڦاسيءَ تي آئون چڙهندس. ڪئبن جو دڙُ ڪوليائين ته ڪمري ۾ تلاءُ لڳو پيو هو. جنهن ۾ بوٽ، چمپل، پالش جا برش پنهنجي مرضيءَ سان تري رهيا هئا. ۽ سندس زال ٽيبل جي مٿان پٽل ماري، پنل ڪپڙا نپوڙي رهي هئي. آخر ڪپتان ٻُڏايو ته باٿ


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

روم جي زنجير چڪڻ سان پاڻي سمنڊ ۾ نہ ٿو وڃي، پر ماڳهين سمنڊ جو پاڻي اندر ٿو اچي، ڪنهن پمپ ۾ رولو هوندو. انهن ڪي ڄاڻ هوندي. يعني جهاز جي انجنيئرنگ ڊپارٽمينٽ ڪي ئي خبر هوندي.

ٿرڊ انجنيئر ڪي وني آيس تنهن ڪي سمجهائڻ لڳو تہ شايد پمپ يا والو *Valve* جي سيل خراب ٿي وئي آهي. پر هن هڪ بہ نہ ٻُڌس. ٻاهر نڪتو تہ پڇيومانس، ”ڇا پيا سوچيو؟“ ڪلي چيائين، ”اسان پاڻ ئي تہ اهڙو ڪم ڪيو آهي. سوچي رهيو آهيان تہ رات اندر پاڻيءَ سان ڪئبن چو نہ پرجي وئي. هيتري ٿوري پاڻيءَ ۾ ڪهڙو مروان ٻُڏي سگهندو.“

ٿرڊ انجنيئر تہ ٿيو ڌارئين ڊپارٽمينٽ جو. پر پنهنجي ڊپارٽمينٽ جي سيڪنڊ آفيسر جي بہ ڪئپٽن سان ڪانہ پوندي هئي. جيستائين سوچن ۽ خيالن جي ڪا اهميت آهي تہ هو خبر ناهي ڪيترا دفعا ڪئپٽن جو خوابن ۽ خيالن ۾ خون ڪري چُڪو هو. سندس خواهش ـ بلڪ آخري خواهش اها هئي تہ اهو ڏينهن ڪڏهن ايندو، جڏهن سڪاني ڪيس ٻارهين بجي ڊيوٽيءَ لاءِ اٿارڻ وقت اچي ٻُڌائيندو تہ اڄُ رات ڪپتان پنهنجو مري ويو ۽ سياڻي *Half-Mast* جهنڊو چڙهندو.

آئون ڪپتان ڪي صبح شام سلام ڪندو هوس، خاص ڪري سندس زال اڳيان ـ جو فقط منهنجي پروموشن ۽ ڪردار جي رپورٽ جو دارومدار، سندس وس ۾ هو. مون مان خوش بہ ڏاڍو


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

هو. ڪرسمس ڊي تي پراڻي ڪاليج جي پراڻي ٽائي استري ڪري، تحفي ۾ ڏني مانس ته، ڪوٽ ڏيجي جي عجائب گهر مان ڊئريڪٽ آئي آهي، ڏاڍو خوش ٿيو. جهاز تي هرهڪ کي ٻُڌايائين. خاص ڪري مصري ٿرڊ آفيسر ۽ يوناني ريڊيو آفيسر کي ــ جن پلجي کيس ڪڏهن پنهنجي ملڪن جي ڪنڊرن جو، پڳل نڪر به نه ڏنو. سنگاپور جهاز پهتو ته سؤ روپيا کن ڏنائين ته سندس پاران تحفي طور قميص ونان. قميص نه ورتم، گهمڻ ۽ فلمن پنيان خرچ ٿي ويا. کيس ريڊيو آفيسرن جون به ٽي نيون قميصون ڏيکاري ٻُڌايم ته اهي سندس پئسن مان ورتيون اٿم. کيس به پسند آيون. مهيني ٻن بعد جڏهن ممباسا ۾ پهتاسين ته اتي کنهن کي ڏيکارڻ لاءِ مون کي چيائين ته قميصون ڪڍي اچ، ريڊيو آفيسر ته موڪل تي هليو ويو هو، قميصون ڪٽان ٿي آڻي سگهيس. چيومانس: ”ڌوٻيءَ کي موڪليون اٿم.“

”ٽيٽران جون قميصون اڳتي ڌوٻيءَ کي نه ڏيندو ڪر. توکي بچت ڪرڻ کپي، پاڻهي ڌوئندو ڪر. صابڻ نه هجئي ته منهنجو استعمال ڪندو ڪر.“

”حاضر سائين“ ادب سان چيومانس ۽ سندس صابڻ جو ٻورو کڻي ٻاهر نڪتس.

جيستائين ڊسيپلين جو سوال هو، اهو لفظ هن جهاز جي ڊڪشنريءَ ۾ ئي ڪونه هو. وچ سمنڊ تي جهاز جي سيني آفيسرن ڏاڙهيون رکايون ۽ فيصلو ٿيو ته بندرگاهه تائين شيو نه


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڪنداسين. ڪپتان کي ڏاڍا خار لڳا پر ڪجهه ڪُڇي نه سگهيو. پڪ هيس ته ڪوبه مجيندو ڪونه، اجائي بيعزتي ٿيندي. پر اوچتو ڪو پُور پئجي ويس ۽ ”واٽئي جي ڪاهه پڳڙيءَ تي“ وانگر، مون کي آفيس ۾ گهُرايائين. اکيون ڪڍي رڙ ڪيائين:

”پورا ٻه منٽ ٿو ڏيانءِ، ان کان پوءِ توکي آئون ڪلين شيو ۽ يونيفارم ۾ ڏسڻ ٿو چاهيان.“

هر حال ۾ مون کي سندس حڪم ته مڃڻو هو. حاضر سائين چئي ٻاهر نڪتس. پر وري اندر گهڙي آيس:

”سائين بليڊ ڪونه آهن.“

”بليڊ! ڪڻ ڪڻ ڪيبن ۾ پيا آهن.“

هو دل ئي دل ۾ پڪ اهو سوچي رهيو هوندو ته گهر سڙيو ته گهوريو، ڪئا ته مئا ـ سو گهٽ ۾ گهٽ هڪ تي ته منهنجو ٻه حڪم هلي ٿو. وچيون در ٽپي سندس ڪئبن ۾ گهڙيس. سندس جوءِ ”*How to win friends and influence people*“ منهن تي رکي ڪونگهرا هڻي رهي هئي. ڪيبن آهستي ڪري ڪوليم ته ڪيترن ئي قسمن جا عطر، پائوڊر، لوشن سندس ۽ سندس زال جا پيا هئا. شيونگ لوشن ۾ هٿ وجهي چيم: ”سائين، هيءَ....“

”چڱو پلي اها ٻه ڪڻ، چا ياد ڪندين.“

ان شيشي جي پر ۾ هڪ تمام اعليٰ قسم جو عطر پيو هو. پنهنجي بيوقوفيءَ جو يڪدم احساس آيو ته لوشن ته آئون هيئنر ئي خريد ڪري سگهان ٿو. پر اهو عطر ٻن سالن بعد خريد ڪرڻ


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

لاءِ ٻہ ٻہ دفعا سوچڻو پوندو. هوند اهو هينئر ملي وڃي تہ چا ڪپي. ڪپتان جي ’جزوي طور‘ خوشگوار موڊ ڏسي دل ٻَڌي چيومانس: ”سائين، هن جي مهرباني نہ ٿي سگهندي، لوشن واپس ٿو رکان.“

”نو! گيٽ آئوٽ!“ اهڙي دانهن ڪيائين جو آئون تہ خير روز ٻُڌڻ جو عادي ٿي ويو هوس پر جوڻس ننڍ مان ٽپ ڏئي اٿي ويهي رهي.

جڏهن جهاز بمبئي پرسان لنگهندو هو تہ منهنجو نوڪر ٿڏو ساهہ کڻي ٻُڌائيندو هو تہ هيءَ اها جڳهہ آهي، جتي هن گذريل سال سوپاريون پوکيون هيون - يعني سمنڊ ۾! همراهہ ڪولمبو مان مٽن جا مڻ سوپاريون سستي اگهہ تي وٺي، بمبئي وڪڻڻ لاءِ آڻي رهيو هو. جهاز بمبئي پرسان پهتو تہ کيس معلوم ٿيو تہ اندر بندرگاهہ ۾ ڪسٽم چيڪنگ هلي رهي آهي. ان جي ڊپ کان، ٻاهر سمنڊ ۾ ئي کيس سڀُ سوپاريون اڇلڻيون پيون.

اسان جو چيف آفيسر پاڻ کي نيويگيٽر کان وڌيڪ، انجنيئر سمجهندو هو. هڪ ڏينهن جهاز جي چمنيءَ ڏانهن اشارو ڪري چيائين تہ ”دونهون تمام گهڻو ۽ ڪارو پيو نڪري، شايد انجڻ ۾ خرابي ٿي پئي آهي. انجڻ روم ۾ فون ڪري پڇ.“

سندس اڳيان ٽيليفون کڻي هيٺ اطلاع ڪيم:

”انجڻ کي ڪجهہ ٿي تہ نہ ويو آ؟“

”ڇو؟ توهان جي دماغ کي تہ ڪجهہ نہ ٿي ويو آهي؟“ هيٺيان ڪنهن انجنيئر ڪاوڙ ۾ چيو.


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

”اسان جو چيف آفيسر پيو چوي تہ چمنيءَ مان دونهون پيو نڪري.“

”پنهنجي چيف آفيسر کي چئو تہ پنهنجو ڪم ڪري، چمنيءَ مان دونهون نہ تہ ڇا سون نڪرندو؟“

”انجڻ واقعي خراب هئي نہ؟“ فون رکيم تہ چيف آفيسر پڇيو، ”ها سائين. نيڪ ڪري رهيا آهن.“ جهيڙي کي ٽارڻ خاطر ڪڏهن مصلحت خاطر ڪوڙ بہ ڳالهائڻو پوندو هو. ان هوندي بہ هر روز اسان جي هن جهاز تي ڪونہ ڪو ڦڏو پيو هلندو هو. ڪانہ ڪا ڪٽ پٽ رهندي هئي.

بندرگاهہ پهچڻ کان اڳ انجنيئر ڪڏهن انجڻ بند ڪري ڇڏيندا هئا، جو هنن جي انجڻ مطابق جهاز هميشہ ڏينهن اڌ اڳ بندرگاهہ ۾ پهچندو هو. هو انجڻ جي چڪرن موجب حساب ڪندا هئا.

آخر هڪ اهڙو ڏينهن ۽ بندرگاهہ بہ آيو جو جهاز جي *Scrape* (پيچڻ) جي خبر ــ بلڪ خير خبر ملي ۽ ان جهاز ۽ ڪمپنيءَ کي الوداع چئي، هرهڪ کي پنهنجي پنهنجي ملڪ *Fly* ڪرڻو پيو ــ ڪمپنيءَ جي خرچ تي.

(ڪراچي 1968ع ۾ لکيو ويو)


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

## مان ۾ منهنجو ڪئبن ـ ميٽ

ڪجهه ڳالهه ئي اهڙي هئي جو نہ رڳو ڊاڪٽر کي ٻُڌي تعجب لڳو پر مون کي پڻ ٻُڌائيندي عجيب پئي لڳو. ٻي ڪا عام بيماري ان موسم ۾ ملڪ جي هجي ها تہ ايڏو اچرج نہ لڳيس ها. جيئن اسان جي ڳوٺ جي نالي ماتر سرڪاري اسپتال جو ڊاڪٽر موسم مان ئي سمجهي ويندو آهي تہ اڄُ ڪلهہ موسمي بخار عام آهي تہ اڳواٽ ئي وڏي پئماني تي وڏو ڊرم مڪسچر جو نهرائي رکندو آهي. مريض ڊاڪٽر ڪان دوا جي پرچي وٺندو ايندو آهي ۽ ڪمپائونڊر اڪيون ٻوٽي حق جو نعرو هڻي، هر مريض جي شيشي ۾ نلڪو کولي، اها وڏي پئماني تي نهيل دوا اوتيندو ويندو آهي. وري هفتي ڏيڍ ڪان پوءِ ڪو ڪاسائي ڪنهن بيمار ٻڪريءَ يا ڍڳيءَ کي سير وجهندو آهي تہ ان ڊرم کي دستن جي دوا سان ڀريو ويندو آهي ۽ هر آيل مريض کي ان مڪسچر مان نوازيو ويندو آهي. ساڳي طرح مٿي ذڪر ڪيل اسپين جو ڊاڪٽر بہ ان قسم جا مريض سوچي رهيو هو تہ اوچتو مون جهڙو مٿي ڦريل اونهاري جي موسم ۾، اسپين جهڙي ملڪ ۾ اچي ڊاڪٽر کي ٻڌايو تہ: ”مون کي سائين نمونيا ٿي پئي آهي.“ ”هان!“ ڊاڪٽر وائڙو ٿي ويو. انهن ڏينهن ۾ ڪنهن ڊاڪٽر کي نمونيا لاءِ ٻُڌائڻ ائين هو جيئن سخت اونهاري جي موسم ۾ جيڪب آباد ۾ ڪو شخص گرم ڪوٽ پائي منجهند جي ماني تي وڃي.


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

”ها ـ سائين. نمونيا ٿي پئي آهي، هفتي کن کان.“ هاڻ آئون زور زور سان کنگهڻ لڳس.

آخر ڊاڪٽر سمجهي ويو ته هي اسپين جو رهاڪو ناهي پر ڪو سياح يا سيلاني، اتر آمريڪا، ڪئناڊا يا اتر ڏکڻ قطب جهڙي ٿڌي جڳهه تان نمونيا جهڙو اوپرو يا ڏاريو مرض ڪٽي هتي پهتو آهي، سو پڇڻ لڳو ته ”آئون شايد ڪٿان ٻاهران پيو اچان“.

”هائو.“ مون ٻُڌايومانس، ”آءٌ آفريڪا کان ڪالهه هتي پهتو آهيان.“

ڊاڪٽر ڪي هيڪاندو تعجب لڳو پر هو منهنجي تپاس ۾ لڳي ويو ۽ نمونيا جو علاج ڪرڻ لڳو. پاڻ اڄُ ڏينهن تائين سوچي رهيو هوندو ته آفريڪا جيڪو اسپين کان به وڌيڪ گرم ملڪ آهي، جتي ٻارهوئي جهولا ۽ لڪون لڳن ٿيون، اتي هن شخص کي نمونيا ڪيئن ٿي. هن مون کي ايترو سو چيو هو: ”ڪمال آهي! توکي نمونيا ههڙي گرم ملڪ ۾ ٿي!“

پر ان لاءِ آئون پنهنجي ڪئبن ـ ميٽ کي ڏوهي بنائڻ کان نٽائي، ڪيس ڪوبه جواب نه ڏنو. ان بيماريءَ لاءِ جوابدار منهنجي ڪئبن ۾ مون سان رهندڙ انجنيئر هو. سندس نالو ته ٻيو هو پر اسان کيس ڪاليج جي ڏينهن کان پيار مان ’فخرو‘ سڏيندا هئاسين.

فخرو ـ جنهن ننڍپڻ جيتوڻيڪ بنگال جي سخت گرميءَ ۾ گذاريو هو پر شايد خواب ڪي سئٽزرلئنڊ جي برف سان ڊڪيل


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

جبلن جي چوٽين *Alaps* جا ڏنا هئا جو ايئرڪنڊيشنڊ جهاز تي نوڪري ملڻ سان هن ڪئبن کي ايترو ته ٿڌو رکڻ شُروع ڪيو جو مون ته پهرين ڏينهن ئي لنگر ڪٽڻ وقت چيومانس ته، ”يار ههڙي ٿڌي ڪمري ۾ مون کان رهيو نه ٿيندو. ههڙن ٿڌن ڪمرن ۾ جيئرا ماڻهو ته رهي نه سگهندا آهن پر ولائت ۾ ڪُتل ٻڪرين جو گوشت يا ميڊيڪل ڪاليجن ۾ مردا رکيا ويندا آهن“.

ايئرڪنڊيشنر جي چاٻي چئن انگن تي ڦري ٿي: هڪ تي بند، ٻن تي ڪمرو ٿڌيرو *‘Pleasant’* ٿيو ٿي، ٽن تي چڱو خاصو ٿڌو، *‘Cool’* ۽ چئن تي تمام گهڻو ٿڌو، *‘Cold’* ٿيو ٿي ـ جنهن تي گهڻو ڪري ڪير به نه رکندو هو ۽ اهو نمبر ائين هو جيئن ڪارن جي اسپيڊو ميٽر تي *‘100 mph’* جو انگ، جنهن تائين ڪوبہ ڊرائيور هلائيندو ناهي. ٽن تي رکڻ تي به ڪمرو ايترو ٿڌو ٿيو ٿي جو اسان بلاڪيٽ وجهي سمهندا هئاسين. پر هي اسان جو بنگالي ڪئبن ـ ميٽ هميشہ چئن تي رکڻ کان نه مُڙندو هو ۽ پڙهندڙ اندازو لڳائي سگهن ٿا ته ڪمري ۾ ڪيتري ٿڌاڻ ٿيندي هوندي. آئون ڪيس گهڻو ئي ٽوڪيندو هوس ۽ گهٽائي ٽن تي رکندو هوس يا دري کولي ڇڏيندو هوس، جيئن صحرا رڻ پٽ کان ايندڙ ڪوسيون هوائون ڪمري جي ٿڌ کي نارمل ڪري ڇڏين پر مون کي ننڊ ۾ ڏسي وري چئن تي ايئرڪنڊيشنر رکي ڇڏيندو هو ۽ منهنجو وجود ڪُلفيءَ ۾ تبديل ٿي ويندو هو.


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

شام جو چئين ڪان انين لڳي تائين ڪيس جهاز هلائڻو هوندو هو، ان ڪان پوءِ انين ڪان رات جو ٻارهين تائين انجڻ روم ۾ منهنجي ڊيوٽي هوندي هئي. انجڻ روم جي گرمي ـ الله جي پناهه! جهاز جا انجنيئر چوندا آهن ته ههڙي ڊيوٽيءَ ڪان پوءِ دوزخ جي باهه به ٿڌي لڳندي. ويتر سئيز ڪئنال جو بند ٿيو آهي ۽ آفريڪا جي ڦيري وارو هفتو ڏيڍُ (ٻنهي پاسي) گرمي چوٽ تي هوندي آهي. اهي اَٺ ڏهه ڏينهن ڊيوٽيءَ جو منٽ منٽ ڏکيو گذرندو آهي. چارئي ڪلاڪ ڊيوٽيءَ وارا پگهر پيو ٽمندو آهي. ڊيوٽي ختم ٿيندي آهي، سڌو ڪمري ۾ ڊوڪيندا آهيون، جي ٿڌيرا هوندا آهن. پر اسان جي ڪمري جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي! لوهه جي پتين چتين بدران برف جي چپن مان نهيل هو جنهن ۾ رهڻ لاءِ ايسڪيمو به ٻه دفعا سوچي. آئون ڊيوٽيءَ تي ويندو هوس ته فخرو ايئرڪنڊيشنر وڌائي چئن تي رکي ڇڏيندو هو ۽ ڪمرو ريفريجريٽر بڻجي ويندو هو ـ جنهن جو در ڪولڻ سان مکڻ، پنير، ميوي بدران ٽيبل، ڪرسيون، ڪتاب ۽ هڪ انسان ’فخرو‘ ٻن بلاڪيٽن ۾ ليٽيل نظر ايندو هو. آئون تڪل ٽُٽل ۽ اجايل، پگهر ۾ شل، اهڙي حالت ۾ يڪدم ڪئبن ۾ گهڙڻ غير صحتمند سمجهي به هليو ويندو هوس ۽ ايئرڪنڊيشنر مٿان رکيل ٿڌي پاڻيءَ جي شيشي جي گهُگهيءَ مان برف جهڙو ٿڌو پاڻي گلاس ۾ نائي پيئندو هوس. پوءِ نتيجو اهو ئي نڪتو جيڪو مٿي


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

پڙهي چُڪا آهيو. ۽ آئون اسپين جي اسپتال ۾ نمونيا لاءِ زير علاج هوس.

منهنجي روم ميٽ فخروءَ جون پيون کهڙيون ڳالهيون لکي کهڙيون لکجن. جتي قدرت هن کي قد ۽ سونهن ۾ گهٽ نوازيو هو، اتي هن ۾ ذهانت ۽ چالاڪي ته ڄڻ لت ڏئي پريل هئي. سندس به خاص مشغلا هئا. جهاز سمنڊ تي هوندو هو ته ڏينهن رات ڪتاب پڙهڻ ۽ ڪناري تي ملڪ ملڪ جي ڇوڪرين سان سنگت رکڻ. ان ڪان سواءِ سندس نه ڪا وندر هئي نه ڪم. ڊيوٽيءَ ڪري انجڻ روم مان ايندو هو ته بئالر سوٽ انجڻ روم جي باٿ روم ۾ ڇڏي اچڻ بدران سڌو ڪمري ۾ گهڙندو هو. هو ان معاملي ۾ به ايترو سست هو، يا ته هو ان لاءِ پنج منٽ به ضايع ڪرڻ نه چاهيندو هو جو لاهي ڪٽي پيا ڪپڙا پائجن. اڏوگابرا هٿ ڌوئي ماني جا به چار گراهه بدن سارو پيٽ ۾ وجهي، منهنجي پلنگ پرسان پيل ڪوچ تي سمهي، پنهنجي تور جيڏو ڪتاب هٿ ۾ جهلي پڙهڻ ۾ جنبي ويندو هو. سندس پلنگ منهنجي پلنگ جي مٿان هو. هفتي ۾ هڪ يا به دفعا موڊ ٺيندي هيس يا بقول عاشق ميمڻ جي، 'جڏهن ڪو ڪانگ بجو ڏيندو هوس،' تڏهن پولڙي وانگر ٽپو ڏئي پنهنجي پلنگ تي وڃي سمهندو هو نه ته اهو ڪوچ اهو پاڻ ۽ سندس ڊيزل ۾ بُڏل ڊانگري. سڄي ڪئبن ۾ ڊيزل جي ڏپ جو راڄ هوندو هو. پاڻ روم ۾ گهڙندو هو ته ڄڻ


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

انجڻ روم جون دريون کُليون ويندِيون هيون، جن مان تيل جي بوءِ ايندي آهي.

ننڍا ڪپڙا ـ گنجيون جوراب، انگ، ڪڇا وغيره سڀ پاڻهي ڌوئيندا هئاسين جنهن لاءِ پائوڊر صابڻ جو ڊبو هفتي هفتي ملندو هو. پر اسانجي روم ميٽ جي سستيءَ جي اها حد هئي جو گنجي ميري ٿي ويندي ته به بدن کي چهٽي پئي هوندي هيس. ڪڏهن ڪڏهن پُور پوندو هوس ته پلاسٽڪ جي بارديءَ ۾ پاڻي ۽ اڌ ڊبو ڪن پائوڊر جو اونڌي ان ۾ گنجون ڪڇا وجهي ڇڏيندو هو. ٿن چئن ڏينهن کان پوءِ انهن مان امونيا گئس جهڙي ڇُپندڙ ڌپ نڪرندي هئي ۽ جڏهن آيو ويو ٿوڪڻ شروع ڪندو هوس ته پوءِ هڪ ڏينهن نعرو هڻي اٿندو هو. ڪمري جي دري جيڪا سمنڊ طرف کُلندي هئي، اها کولي، ڪنو تيل پاڻي ۽ ڪپڙا بارديءَ سميت ٻاهر اڇلي ڇڏيندو هو. پوءِ ايندڙ بندرگاهه مان کُتل ڪپڙا ۽ باردي وٺِي ايندو هو. سندس ڪپڙا ائين ئي سمنڊ جي حوالي ٿيندا رهندا هئا. ۽ ڌوپندا فقط اهي هئا جيڪي پاڻ لڪ چوريءَ ٻين جي ڪپڙن جي بارديءَ ۾ وجهي ايندو هو ـ جيئن ڪانگڻ پنهنجا آنا ڪوئل کان ئي ڦوڙائيندي آهي يا شايد ڪوئل ڪانگڻ جي آکيري ۾ آنا ڇڏي ايندي آهي. پر هن جهاز تي ڪوئلن بدران اهي باز رهندا هئا جي ڪيس سجاڻي ويا هئا ۽ سندس ڪپڙا سندس منهن ۾ هڻندا هئا ـ ان ڪري اڳتي هلي اسان جي روم

ميٽ ڪيپٽن ڏوئڻ جي پچر ئي ڇڏي ڏني. سيڪو چوندو هوس،
”فخرو چڱو جو تون ڇوڪري نہ ٿئين.“

جيئن ئي جهاز بندرگاهہ سان اچي لڳندو هو تہ سيني کان اڳ هي تيار ٿي ٻاهر نڪرندو هو. هن جي تياري تمام سولي ۽ جهٽ پَٽ جي هئي. نہ وهجندو هو نہ ميرا ڪپڙا لاهيندو هو. انجڻ روم واري ڊانگري *Boiler Suit* لاهي ميري مَرُ لڳل گنجي ۽ ڪڇي مٿان ڪمپليٽ سوٽ ـ سو بہ ٿري ـ پيس پائيندو هو. مشرقي يورپ جي ڇوڪرين وانگر جي پري کان ڏسبو تہ شڪل ۽ پوشاڪ ۾ تہ چمڪنديون پيون پر پر ۾ وهڻ سان منجهائن مئل ڪوئن جي ڌپ پئي ايندي آهي، سو اسان جي فخروءَ کي بہ اندران گند جهڙا ڪپڙا ٻاهران ٻانهون مٿي ڪري، ٿوپاز يوڊي ڪولين جو ڦوهارو ڦِس ڦِس هڻي، اڪيلو ئي اڪيلو اهو پيو سِٽي ـ سروي ڪرڻ وڃي.

ان جهاز تي اسين ٽي جونيئر انجنيئر هئاسين. فخرو، آئون ۽ ٽيون ڪراچيءَ جي عاشق حسين ميمڻ ـ جنهن سان اسان جي روم ميٽ فخروءَ جي اصل کان نہ پوندي هئي. ڪا خانداني دشمني تہ نہ هئي پر جڏهن کان جهاز تي ٻئي پهتا هئا، هر ڳالهہ ۾ ٻنهي جو مقابلو رهندو هو.

هڪ دفعي جرمنيءَ ۾ جهاز پهتو. جرمن زبان کان اسان مان ڪوبہ واقف نہ هو، اهڙي ملڪ ۾ اسان جي ڪئبن ميٽ فخرو هڪ خوبصورت جرمن ڇوڪريءَ سان دوستي رکي جهاز تي


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

دعوت ڏئي وني آيس، پاڪستاني ڪاڏو ڪارائڻ ـ يا شايد عاشق ڪي ساڙڻ لاءِ. آخر عاشق پڇيس: ”يار هيءَ پري چهرا تنهنجي ساهيڙي ڪين ٿي؟!“

وڏي شان سان جواب ڏنائينس: ”بس ٿي وئي. آئون هڪ دڪان اڳيان شوڪيس ڏسي رهيو هوس ته پاڻ اچي مونسان ڳالهايائين ۽ گهر به وني هلي. مائٽن سان ملايائين.“ ائين چئي عاشق ڪي زخمي چڏي هليو ويو. پر عاشق به گهٽ چرچائي ناهي. پنهنجي علامتي قسطن واري ڪل ڪلي اسان ڪي ٻڌايائين: ”وڏو ڪُوڙو آهي هي فخرو! منهن ڏسي تلڪ ڏجي. هي پاڻ ان خوشفهميءَ ۾ آهي ته پاڻ ڪو شهزادو آهي جنهن تي آئي وئي پئي چڪن ٿئي. پر حقيقت اها آهي جو سندس ڊيندو قد ۽ پولڙي جهڙي شڪل ڏسي هن ويچاري جرمن ڇوڪريءَ، مت جي موڙهيل اهو سوچيو هوندو ته هي ڪهڙو جانور آهي ۽ ڪٿي جي پيدائش آهي. ۽ گهر مائٽن ڪي به ان خيال کان ڏيکارڻ وئي هوندي. ۽ هونءَ اسان جو فخرو پولڙي جي سونهن جي *Standard* کان ته مٿاهون آهي.“

لورپول ۾ جهاز پهتو ته آئون هفتي کن جي موڪل وني ڏيپلي جي ڊاڪٽر الهه ورائي ميمڻ وٽ هليو ويس. فخرو منهنجي غير موجودگيءَ جو ناجائز فائدو وني اتي جي يونيورسٽي جي هڪ جئميڪن دوشيزه ـ شايد ’يتيم‘ واڌو ’بنا ـ گهر ـ گهاٽ‘ جي، کي ڏينهن رات ڪئبن ۾ اچي ٽڪايو. آئون


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

موڪلن ڪان پوءِ موٽِي جهاز تي آيس تہ جهاز جي گئنگوي (ڏاڪڻ) وٽ ئي عاشق ٻڌايو تہ يار تنهنجي روم ۾ هڪ پاٽيءَ جي وڏي پخال رکي آهي تنهن مٿان هڪ ڪئو وينو آهي. ڪئبن ۾ گهڙيس تہ ڏسان تہ مار انگريزن جي ملڪ ۾ هڪ ڪاري ٿلهي حبشڻ ڪوچ تي ٽيڪ ڏئي سگريٽ جا ڊگها ڪَشَ پئي هڻي ۽ سندس پرسان اسان جو مئڪرو ـ سائيز روم ميٽ پساهہ ڪٽِي رهيو آهي. مون کي انگريزي ناول جو هڪ ڪردار ”گليور“ ياد اچي ويو جو پنهنجي سفر دوران هڪ اهڙي ملڪ ۾ وڃي پهتو جتي جا ماڻهو سٺ سٺ فٽ ڊگها ۽ ٽيهہ فٽ ڪن ويڪرا هئا. ۽ هي انهن جي گوڏن تائين مس ٿي آيو. ڪيس مون ڪجهہ ڪونہ چيو. ٻاهر نڪتس تہ عاشق چيو يار تنهنجي روم ميٽ فخروءَ جهاز تي اهڙا ڪجهيءَ جا جن آندا تہ جهاز جاڻ ٻُڏو ۽ پوءِ دري ڪولي فخروءَ کي چوڻ لڳو: ”بابا، ڪپتان صاحب چوي ٿو تہ پنهنجي مانواري مهمان کي جهاز تان لاهہ تہ اسان ٻہ سؤ ڪن ٽن سامان وڌيڪ جهاز تي چاڙهيون.“

فخروءَ جي موجودگيءَ ۾ عاشق جي دلپسند ڳالهہ ”هاٿي ۽ ڪُئي“ جي هوندي هئي تہ هڪ ڪُئي پهريون دفعو هاٿي ڏٺو، (سو بہ هاٿيءَ جو ٻچو) تہ وائڙو ٿي ويو ۽ تعجب مان سندس عمر پڇيائين.


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

”منهنجي تہ ڇهہ مهينا آهي ۽ تنهنجي ــ؟“ هاتيءَ وراڻيو.
ڪُئي پنهنجو مٺو ڪنهي چيو: ”آهي تہ منهنجي عمر بہ ڇهہ مهينا
پر بيمار شيمار رهان ٿو.“

سو فخروءَ جو نالو بہ عاشق ”بيمار شيمار“ مشهور ڪري ڇڏيو هو. پر ڪي جهازي فخروءَ جي ذهانت ڏسي ”ڏاهو ڪانگ“ پڻ ڪوٺيندا هئس.

فخروءَ جي ذهانت، هوشياري ۽ پڙهائيءَ جو قدر مون ڪان وڏيڪ ٻيو ڪير ڪري سگهي ٿو. ڪاليج جي ڏينهن ۾ ڪڏهن گهر (هاسٽل) ۾ فخروءَ وري نہ پڙ هيو. ڪلاس ۾ هڪ دفعو ٻڌل ليڪچر يا جهاز تي ڏٺل هڪ دفعو مشين، امتحان تائين ياد رهندي هيس.

فخرو منهنجو آخري روم ميٽ هو ۽ آئون سندس. ان ڪان پوءِ اسان ٻنهي جي پروموشن ٿيندي رهي. جهاز تي فقط ڪئڊٽ ۽ جونيئر انجنيئر ڊبل بيڊ واري ڪئبن ۾ رهن، ٻين کي الڳ الڳ ڪمرا ٿين. اسان کي پوءِ ڪمرا تہ ڇا پر جهاز بہ جدا جدا ملندا رهيا. ڪيترن سالن ڪان پوءِ، هڪ دفعي اوچتو ائٽلانٽڪ سمنڊ ۾ اسان جا جهاز هڪ ٻئي پرسان لنگهڻ لڳا. جيئن ئي جهاز وائرليس جي رينج ۾ آيا تہ مون ساٿس ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪئي. جهاز جي هڪ جونيئر انجنيئر ڳالهايو. ڪانئس فخروءَ جو پڇيم، جو هاڻ سندس سيڪنڊ انجنيئر هو. چوڻ لڳو، ”صاحب هڪ ٿلهو ڪتاب پڙهي رهيو آهي چوي ٿو تہ ٻن منٽن ۾


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڪنٽرول روم ۾ اچي ٿو ڳالهايان. سندس زال بہ ساٽس *Sail* ڪري رهي آهي اها چوي پئي تہ ”ڪنٽرول روم تہ پري جي ڳالهہ آهي، پهرين ڪتاب جي پچر ڇڏي منهنجي ڳالهہ جو جواب تہ ڏئي.“

آئون سندس ٻن منٽن بدران بہ ڪلاڪ انتظار ڪندو رهيس تيسين اسان جا جهاز وائرليس رينج اُڪري هڪ ٻئي کان گهڻو پري نڪري ويا.


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# هڪ اسپتال ـ هڪ ننڍڙي دنيا

هو ڪمري ڪان آهستي آهستي ٽي ٻاهر ورانديءَ ۾ اچي بيٺو. هيڏانهن هوڏانهن نهاري پنهنجي ٻن ساٿين کي اشارو ڪري ٻُڌايو تہ ”ڪير ڪونهي.“ سندس ساٿين اشارو سمجهي، دري کولي هيٺ ٽپو ڏنو. دري چگّو مٿي هئي جو مٿئين ماڙ جي هئي. پوئين پاسي هيٺ گئريجون ۽ بورچيخانا هئا. اڳئين حصي ۾ ڊاڪٽرن جون آفيسون، ايڪسري پلانٽ ۽ آپريشن ٿيٽر هئا. جيتوڻيڪ رات جا ڏهہ وڄي چُڪا هئا پر ان هوندي بہ اڳئين در کان وڃڻ خطري کان خالي نہ هو، جو دروازي وٽ ڏينهن رات اسپتال جي رسيپشنسٽ ۽ ٽيليفون آپريٽر چوڪري ضرور موجود هوندي هئي. ان ڪري پٺئين دريءَ کان ڀڄڻ بهتر هو.

ٻنهي هيٺ ٽپ ڏنو. هيٺ سيمنٽ جي فرش تي ٽپُ ڏيڻ ڪري ٻنهي کي ٿورو ڌڪ ضرور لڳو پر ٻئي جاننا جوان هئا ڌڪ پچائي ويا. ان بعد هي پاڻ دريءَ وٽ آيو. دريءَ جي اوچائي ۽ پنهنجي پيگل ٻانهن کي ڏسي ٽپُ ڏيڻ جو ارادو لاهي، اڳئين در کان نڪرڻ لڳو. اجا ڏاڪڻ جا بہ چار ڏاڪا مس هيٺ لٿو تہ سامهون مئٽرن تي وڃي نظر پيس. ڇهن فوٽن جو ڪوپو جوان پنجن فوٽن جي سنهي ۽ چيپاٽيل مئٽرن کي ڏسي ڏڪي ويو. آهستي آهستي پنٽي قدم کڻڻ لڳو.......


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڪھاڻي ھاڻي عروج تي پھچي رھي آھي. ڪيترا پڙھندڙ شايد سمجھن تہ ھي ڪو چوري يا ڌاڙي جو واقعو آھي يا ڪنھن من گھڙت جاسوسي قصي جو پلاٽ. پر مٿئين ڪھاڻيءَ جو اُن سان ڪو واسطو ناھي. ھيءَ ھڪ سچي ڪھاڻي آھي جا لاس پاماس بيٽ جي اسپتال ۾ منھنجي اکيان تي گذري.

لاس پاماس بيٽ مشھور ڪنري بيٽن مان ھڪ آھي. جنھن جي وڻندڙ آبھوا، ساون ۽ سبز ٽڪرين، چراگاھن، ماترين ۽ سمنڊ جي ڊگھن ڪنارن *Beaches* ۽ جديد و قديم طرز جي گھرن، ھوٽلن، بازارن ڪري پارھوئي دنيا جا سياح ۽ امير سوين ھزارين ميل لتاڙي ھتي گھمڻ اچن ٿا. نقشي ۾ ڏسبو تہ ھي بيٽ اھڙي ھنڌ تي آھي، جتان ھر جھاز يورپ کان آمريڪا ويندي يا ايشيا کان يورپ ويندي، لنگھي ٿو. ھتي ھر شيءِ ٽئڪس بنا ملڻ ڪري سڀُ جھاز ڏينھن ٻن لاءِ نہ تہ ڪجھ ڪلاڪن لاءِ ضرور ترسي بيو نہ تہ جھاز لاءِ تيل ۽ کاڌي پيتي جو سامان ضرور ڳنھي ٿو. اسان جو جھاز بہ يورپ ۽ آمريڪا ڏي ايندي ويندي ھتي ضرور ترسندو آھي. ھن دفعي بہ جھاز ٻہ ڏينھن ترسيو. پر بدقسمتي يا خوشقسمتي چئجي جو لاس پاماس ۾ اچڻ سان ڪنگھ ۽ بخار مون کي ٻاھر نڪرڻ نہ پئي ڏنو.

جھاز کي لاس پاماس مان لنگر کڻي لنڊن وڃڻ لاءِ باقي کي ٽي چار ڪلاڪ ھئا تہ ڊاڪٽر مون کي تپاس ڪرڻ لاءِ گھرايو. آئون ٽئڪسي ڪري جبل جي چوٽيءَ تي راڻي ’وڪٽوريا


ھن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

اسپتال' پهتس جا هن بيٽ تي واحد انگريزن جي اسپتال آهي. ڊاڪٽر ۽ ٻيو عملو انگريزي ڳالهائين. نہ تہ هتي جي ٻين اسپتالن ۾ اسپيني زبان ڳالهائي ٿي وڃي. هيءَ اسپتال سيني ۾ سهڻي نئين ۽ جديد طرز جي آهي. سمنڊ جي ڪناري وٽ جبل جي چوٽِيءَ تي هئڻ ڪري، هن بيٽ جو اتان نظارو ڏسڻ وٽان آهي. سامهون سڄو بندرگاهہ، سمنڊ جو اهو حصو ۽ جهازن جي اچ وڃ، صاف نظر اچي ٿي. ڊاڪٽر جلدي جلدي منهنجو ايڪسري فوٽو ۽ رتُ وغيره تپاسي مون کي پنهنجي آفيس ۾ گهرايو.

”توکي نمونيا ٿي پئي آهي، اجان ڪو خاص اثر نہ ڏيکاريو اٿس. جي چاهين تہ هتي هفتو ٻہ رهي علاج ڪراءِ يا دوائون ڏيانءِ. جهاز تي وڃي استعمال ڪر. ٻئي ڳالهيون تنهنجي اڳيان آهن.“

مون دريءَ مان هن بيٽ جو هڪ دفعو چند سيڪنڊن لاءِ وري ڏيک ڏنو ۽ ڊاڪٽر کي پڪي ارادي سان چيم تہ آئون اسپتال ۾ ئي رهڻ ٿو چاهيان.

ان بعد منهنجو سامان جهاز تان موڪليو ويو ۽ آئون اسپتال ۾ داخل ٿي ويس. جهاز ان ئي ڏينهن شام جو مقرر وقت تي لنڊن لاءِ لنگر کڻي روانو ٿي ويو ۽ سندس روانگي ڪافي دير دريءَ مان ڏسندو رهيس.

اسپتال ۾ داخل ٿيڻ بعد يڪدم معلوم ٿي ويو تہ هيءَ اسپتال چا هئي. چڱي ڀلي مليٽري اڪيڊمي هئي. جتي مريض


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

سان اهو ئي برتاءُ ڪيو ويو ٿي ۽ ڊسيپلين رکيو ويو ٿي (يا گهٽ ۾ گهٽ ڪوشش ڪئي وي ٿي) جيڪو مليٽري ڪاليج يا نيول اڪيڊمي ۾ نون آيل ڪئڊٽن سان رکيو ويندو آهي. پر مريض جيڪي ڪنهن به هڪ قوم، ملڪ، رنگ يا مذهب جا نه پر انٽرنيشنل هئا. اهي ان کي ملٽري يا نيول اڪيڊمي سمجهڻ بدران *U.N.O* جي ميمبرن لاءِ هڪ وڏي هوٽل سمجهندا هئا.

هيءَ اسپتال فقط دنيا جي جهازي عملي لاءِ آهي. ان ڪري هن اسپتال ۾ سڀُ جهازن جا مريض هئا. پهريان ٻه ڏينهن مون کي اسپيشل وارڊ ۾ رکيو ويو، جتي هر ڪمري ۾ ٻه مريض ٿي رهيا ۽ اهي ڪمزور حالت وارا مريض سمجهيا ويا ٿي. مون کي هڪ يوناني مريض سان رکيو ويو. پاڙيوارن ڪمرن مان هڪ ۾ ڪوريا جو ڪپتان ۽ انگلنڊ جو انجنيئر ٿي رهيا ته ٻئي پاسي واري ڪمري ۾ جپاني بٽلر ۽ روسي ريڊيو آفيسر هئا. نالا ڪنهن کي ڪنهن جا ٻه نٿي آيا ۽ نه ڪنهن ياد ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ٿي. پر اهو ضرور معلوم ڪندا هئاسين ته ڪهڙي ملڪ سان مريض واسطو رکي ٿو. پوءِ يوناني (گريڪ) کي گريڪو، جپانيءَ کي جپانو، چينيءَ کي چينو، سويڊن واري کي سويڊو ته ناروي واري کي ناروو ڪوٺيندا هئاسين. مون کي پاڪستانو سڏيندا هئا.

مون کي پهرين ڏينهن ئي يوناني روم ميٽ سمجهايو ته هن اسپتال کي گهر ڪري سمجهجان. سڀ اسپتال جا مريض دوست


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

آهيون. جڏهن به دل چاهي ته پين وٽ گهمڻ هليو وڃجانءِ. ڪوبه اهڙو سيريس بيمار ناهي انڪري آنڌل ٽيپ رڪارڊر پلي زور سان وڄائي سگهان ٿو. جيئن هن جو يا پين جا ريڊيا يا فونا وڄي رهيا آهن ـ جيتوڻيڪ ڪمرو ڏيکارڻ مهل مئٽرن به دفعا پنهنجي لوهي ڪمانن واري عينڪ صاف ڪري چڱي طرح تنبيهه ڪئي هئي ته ڪمري مان ٻاهر ته ڇا پر بستري مان به نڪران. پر وارن ڪمرن ۾ سخت بيمار آهن ان ڪري ڏاڍي ته ڇا پر آهستي ڳالهائڻ کان به گريز ڪريان. وغيره.

پر پوءِ جهٽ مون کي معلوم ٿي ويو ته ڪير سچو آهي. صبح جو ڏهين بجي ۽ شام جو اٺين بجي جو سڀ انتظار ڪندا هئا جو ڊاڪٽر چڪر تي ايندو هو. ان کان پوءِ ڊاڪٽر ڪمري کان نڪتو پنيان ڪپڙا بدلائي سڀُ گهمڻ ڦرڻ لاءِ نڪري ويندا هئا ۽ وري مانيءَ جي وقت واپس ورندا هئا. اڌ کان وڌيڪ اهي مريض هئا جن جي بيماري دفع ٿي چُڪي هئي ۽ هاڻ انهن جو علاج ’دوا‘ بدران ’آرام‘ سان ٿي رهيو هو. ڪيترا اهڙا هئا جن جون آپريشنون ٿي چُڪيون هيون ۽ پٽيون ۽ پلاسٽر چاڙهي آرام ڪري رهيا هئا. ڪن مريضن لاءِ اسپتال جي انتظاميه ڪميٽي انتظار ڪري رهي هئي ته سندس جهاز سمنڊ جهاڳي ڪنهن بندرگاهه تي پهچي ۽ اطلاع ملي ته ان مريض کي جيڪو چاڪ چوبند ٿي چُڪو آهي، هوائي جهاز رستي ان جهاز لاءِ ان بندرگاهه تي موڪلجي.


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ٻن ٽن ڏينهن بعد منهنجي حالت سڌري ته مون کي اسپيشل وارڊ مان ڪڍي، انهن مريضن سان گڏ جنرل وارڊ ۾ موڪليو ويو جتي ڇهه ڇهه بسترا هئا. جنرل وارڊ جي مختلف زندگي هئي، جتي ڪجهه تڪليف جي هوندي به ڇهچٽو لڳو پيو هو. هڪ ٻئي سان ملڻ جو به سٺو موقعو ملندو هو. ماني کائڻ لاءِ سيني مريضن کي ڊائننگ هال ۾ وڃڻو پوندو هو. جتي هر هڪ جي جهاز ، انگريز نرسن ۽ اسپيني پنگياڻين سان هلندڙ *Afairs* جي خبر پئي. جتي ننڍڙي اسپتال ۾ ماضي ۽ حال جا وڏا وڏا هلندڙ *Scandal* معلوم ٿيا ۽ جتي مستقبل لاءِ اڳ ڪٿيون ٿينديون هيون. جهازن جي مالڪن کي پٽيو ويندو هو ته هو ”پاڻ“ يا سندن ”جهاز“ غرق ٿين. جيئن اسان جهازين (*Sailors*) کي هن زميني جنت ۾ وڏيڪ رهڻ جو موقعو ملي. وڏين آپريشنن ۽ هڏ گُڏ ڀڳل مريض هيرو تصور ڪيا ويندا هئا. *V.D* (سفليز ۽ گنو وغيره) جا مريض اڇوت سمجهيا ويندا هئا. انهن لاءِ مانيءَ جو ٽيبل به الڳ هوندو هو. ان ڏينهن جرمن ڪسب جڏهن *V.D* جهڙي موذي مرض تي ليڪچر ڏئي بس ڪيو ته ڪنهن چيس:

”تون پنهنجو فڪر ڪجانءِ.“

”آءٌ ان بيماريءَ جو چڱيءَ طرح احتياط ڪندو آهيان. هيستائين مون کي فقط ٽي دفعا ٿي آهي!“ جرمن ڪسب فخر سان وراڻيو.


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

جرنل وارڊ ۾ رهڻ ۾ خرابي اها هئي جو صبح جو سوير اٿڻو پوندو هو. بسترو ناهڻ لاءِ به نرسن جي اها ڪوشش هوندي هئي ته اسان پاڻ ناهيون. رات جي ڊيوٽي واريون به نرسيون، شايد انتظار پيون ڪنديون هيون ته ڪيڏي مهل تا ڇهه ٿين. پوري ڇهين وڳي رسي ڇنايل ڍور وانگر ڪمرن ۾ ڏوڪي ايندايون ۽ ٻتي ٻاري ٻن ٽن زبانن ۾ ڪوڪرات ڪري، سيني جي ننڊ ڦٽائينديون. سيڪو پنهنجي پنهنجي زبان ۾ گاريون ڏئي اٿندو هو. ڪير ڪنهن جي زبان نه سمجهندو هو. گهڻو ڪري اشارن ۽ ٽِڪل ٽُٽل انگريزيءَ ۾ ڳالهائيندا هئاسين. ڪنڊ ۾ هڪ جپانيءَ جو بسترو هو جو سيني کان وڌيڪ چاڪ چوبند هو ۽ ڪيس ٻيا "ڇمڇو" سڏيندا هئا. سيني کان سوير اٿي ٻتي ٻاري پنهنجو بسترو ناهي پوءِ غسل خاني ڏي ويندو هو. نرسون هن جو مثال ڏئي اسان کي اهڙي نموني سان بستر ناهڻ ۽ سوير اٿڻ لاءِ نصيحت ڪنديون هيون. پر اها ڳالهه سيني کي پسند نه آئي. هڪ ڀيرو دفعو هن جپانيءَ کي سندس پر واري لبناني پيار محبت سان سمجهايو. پر جوان جو پُٽ باز نه آيو. پوءِ وارڊ جو يوناني مريض چا ڪندو هو جو صبح جو جيئن ئي 'جپانو' بسترو ناهي غسل خاني ۾ ويندو هو ته پنيان بسترو ڦٽائي ڇڏيندو هوس، ۽ اسان سڀُ بلاڪيٽ تاڙي دُت هٽي سمهي رهندا هئاسين. ٻه ڏينهن ڊيوٽي وارين نرسن دانهون ڪوڪون ڪيون، اسان نه اٿياسين. ان کان پوءِ صبح جو اچڻ ئي ڇڏي ڏنائون. ڏهين بجي ڏاري ڊاڪٽر



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

جي آمد کان اڳ، اسان مان جيڪو پهرين ڊاڪٽر کي ايندو ڏسندو هو، سو سيني ڪمرن ۾ ٻڌائيندو ويندو هو. ۽ سڀُ، ٻيا ڪم ڇڏي بسترن ۾ داخل ٿي ويندا هئا.

ڪوريا جو ڪپتان به مون سان گڏ اسپيشل وارڊ مان جنرل وارڊ ۾ آيو هو ۽ ساڳئي ڪمري ۾ هو. ان جهڙو مجيل مڪار اسان نه ڏٺو. سڄو ڏينهن گهُمندو ڦرندو هو. هينان لنگهندڙ اسپيني ۽ اندلسي ڇوڪرين کي اشارا ڪندو هو. دوربين ذريعي به ڪلاڪ کن روز دريءَ وٽ ويهي، جانچ پڙتال ڪندو هو. پر ڊاڪٽر جو نالو جيئن ئي ڪن تي پوندو هوس، ڊوڙ پائي سيني کان اڳ بستري ۾ ائين گهڙي ويندو جيئن ڪو مرون ڪتي جي ڊپ کان، ڪنهن ٻُر ۾ گهڙي وڃي. ڪُنجهندو، ٿڏا ٿڏا شوڪارا پريندو. ڪورين زبان ۾ ترسي ترسي، ڊاڪٽر کي پنهنجي لاعلاج مرض بابت ٻڌائيندو. ڇڻ ڇاڻ ته مُئو. ڊاڪٽر سندس هڪ لفظ به نه سمجهندو هو. چيني نرس ان ترسيل ترسيل ڪورين زبان کي غلط سلط ترجمو ڪري ڀڳل سڳل انگريزيءَ ۾، ڊاڪٽر کي سندس ڏک سُور ٻُڌائيندي هئي. ساڳي طرح ڊاڪٽر طرفان ٻُڌايل هدايتون مريض تائين پهچڻ کان اڳ ترجمي جي ٽرانزٽ ۾ اصل معنىٰ کان ٿڙي ويندڙيون هيون. ڪورين ڪئپٽن جي من جي فقط اها منشا هوندي هئي ته هن کي اجان جلد اسپتال يا ٻين اکرن ۾ هن اعلىٰ قسم جي هوٽل مان جلدي نيڪالي نه ڏني وڃي. ڪنڊ وارو جپاني، جنهن کي سمنڊ ۾ غوطا خوريءَ دوران، هڪ وڏي


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ميجيءَ کي چاقو هٽندي سندس ئي سٽر ۾ لڳو هو، سو جڏهن جپاني زبان ۾ اشارن جي مدد سان اسان کي ٻڌائيندو هو ته هن کي مڪمل صحتياب ٿيڻ بعد به اجان ڊاڪٽر آرام لاءِ ترسائي ڇڏيو آهي ۽ ڪيس چاليهن ڏينهن کان به مٿي ڏينهن ٿي چُڪا آهن ته اهو ٻُڌي ڪورين ڪپتان براسو پالش جهڙا پيلا ڏند ڪڍي، خوش ٿيندو هو ته سندس به هن اسپتال ۾ وڌيڪ رهڻ جو گهٽو آسرو آهي ۽ اجان به ڪيترا ڏينهن هو روز شام جو پنجين بجي اسپتال اڳيان لنگهندڙ *Spanish* جوڪريءَ کي اشارا ڪندو ۽ 'جيئي فرئنڪو، جيئي اسپين' جا نعرا هٽي سگهندو.

اسپيشل وارڊ ۾ هوس ته اتي مون سان رهندڙ يوناني چيف آفيسر به دريءَ وٽ ويهي سڄو ڏينهن ايندڙ ويندڙ ڇوڪرين کي اشارا ڪندو هو. مون کي ٻڌايائين ته سندس هڪ ساهيڙي پوري پنجين بجي هيٺان لنگهندي آهي. پاڻ ڏاڪڻ جو هڪ ڏاڪو پيڳل هئڻ ڪري جهاز جي نمبر پنجين هئچ ۾ ڪري پيو هو پاڻ ٻُڌايائين ته سندس ٽنگ جو ملٽي - فرئڪچر جيئڻ ئي نيڪ ٿيندو ته هو هن سان ڊيٽ جو پروگرام رکندو. پهرين ڏينهن ئي مون کي زور پريائين ته بستري تان اٿي ڏسان پر مون کي ان ڏينهن سخت تڪليف هئي. ڪنگهه جو اهو حال هو جڻ ڪنهن انجڻ جو انڊيڪيٽر ڪاڪ کولي ڇڏيو هجي. ٻئي ڏينهن منجهند جي مانيءَ کان وٺي هن پنهنجي ساهيڙيءَ جون تعريفون شروع ڪيون. ۽ پنجين بجي مون کي بستري تي ويهي ڏسڻو پيو. واقعي پوري


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

پنجين بجي سامهون واري رستي جي ساڄي پاسي واري گهٽيءَ مان، هڪ اسپيني ڇوڪري اسڪرٽ ۽ چمڙي جي ناسي ڪوٽ ۾ چيونگ گم ڪائيندي نروار ٿي. ناز سان لڏندي اسپتال اڳيان لنگهي. اجان هوءَ پري ئي هئي ته اسان جي جوان هٿ لوڏڻ شروع ڪيو. هوءَ جڏهن اسپتال جي ويجهو پهتي، تڏهن بنا مٿي ڏسڻ جي هٿ ڪي ناز سان لوڏيو، جيئن جهاز مان لهڻ وقت اعليٰ سرڪاري مهمان هٿ لوڏي هجوم جي تاڙين جو جواب ڏيندو آهي ۽ اڪيون ڏاڪڻ ۾ هونديون اٿس. منهنجي هن روم ميٽ جنهنجو سڄو ڏينهن منهن انب جي ڇوسيل ڪوئلي جهڙو هوندو هو، سو خوشيءَ وچان گدري جيان گول ٿي ويندو هو. جنهن وقت ٻانهن جي لوڏ ٿيندي هئي ته ان وقت ڄڻ ڪيس وٽئمن بي ڪامپليڪس جي انتراوينس سئي لڳي.

ٽئين ڏينهن انهيءَ پر واري ڪمري ۾ آمريڪن انجنيئر به ان ساڳئيءَ ڇوڪريءَ کي ساڳي وقت پنهنجي دريءَ مان اشارو ڪري مون کان داد وصول ڪيو. هن به ٻڌايو ته هوءَ روز ان وقت ڪيس ان ادا سان سلام ڪري ويندي آهي. اها وچڙندڙ بيماري ان پاسي وارن ڪمرن ۾ دريءَ وٽ بسترن وارن مريضن سان لاڳو هئي. سڀ ڪو پنهنجي پنهنجي ننڍڙي دنيا ۾ مست هو ۽ ڇوڪري، جنهن کان پوءِ جڏهن اسپتال جي عملي تشويش خاطر پڇيو ته جواب ڏنائين:


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

”آئون سمجهان ٿي تہ هتي سڀُ مريض رهن ٿا. منهنجي فقط هٿ لوڏڻ ۾ آئون ڪا گسي تہ ڪانہ ٿي وجان پر مريض ڪيترو تہ خوش ٿين ٿا. مون تہ اڄُ تائين ڪنهن جي شڪل بہ چڱيءَ طرح نہ ڏٺي آهي. مون لاءِ سڀُ ڏاريان آهن.“

اها خبر جڏهن اسپتال جي وراندن ۾ مشهور ٿي تہ ان وقت سڀُ دريءَ وارا مريض غم بدران نندَ جي گوري ڪائي سمهي رهيا. ڪوريا جي ڪئپٽن بہ پنهنجي دوربين *Binacular* هميشہ لاءِ چندي ڦوڪي چمڙي جي ٿيلهيءَ ۾ بند ڪري بئگ ۾ رکي ڇڏي.

اچن ڪپڙن ۾ جي هيون سي سڀُ انگريز نرسون هيون اسان ڪين سسٽر يا اسپيني زبان ۾ سنوريتا سڏيندا هئاسين. بلو پٽي واريون خدمتگار ڇوڪريون سڀُ اسپيني ۽ ان بيٽ لاس پاماس جون رهاڪو هيون. انهن جو ڪم ماني ڪارائڻ، بسترا ناهڻ ۽ ڪنهن شيءِ جي ضرورت پوي تہ ڪئنٽين يا بازار مان آڻڻ هو. اهي فقط اسپيني زبان ڳالهائينديون هيون. ڪين انگريزي صفا نٿي آئي. زبان جي ڏکيائيءَ ڪري مريضن جي مئجارٽي انگريز نرسن سان عشق ڪرڻ فرمائيندي هئي ـــ يا ڪوشش ۾ مبتلا هئي.

انگريز نرسن ۾ هڪ سپ ڪان مٿي هئي جنهن کي مئٽرن سڏيو ويو ٿي. ان سان ڪنهن جي بہ نہ پوندي هئي، جو هوءَ هر وقت دڙڪا ڏيندي رهندي هئي ـــ ’گهڻو نہ هلو‘، ’ٻاهر نہ نڪرو‘، وغيره. پاڻ کي ڊاڪٽر کان گهٽ نہ سمجهندي هئي ۽ چوٽيءَ


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

مطابق، ’رئيس تہ رئيس پر رئيس جو ڪتو بہ رئيس‘، هئي. هن ڪي فقط اها سُڌ هوندي هئي تہ سڀُ مريض (جن ۾ مختلف ملڪن جي جهازن جي چيف انجنيئر ۽ ڪئپٽن ڪان ريڊيو آفيسر ۽ ڪئڊٽ اچي ويا ٿي) سندس بہ ايتري عزت ڪن ۽ مانُ ڏين جيترو وڏي ڊاڪٽر ڪي. پر هتي تہ مريض ڪنهن بہ پاڻ ڪي نٿي سمجهيو. هتي تہ ڄڻ سڀُ U. N.O جا ميمبر موڪلون ملهائڻ آيا هجن. هيءَ منهن مهاندي ۾ بہ ٻين ڪان ڪجهہ ـ بلڪ تمام گهٽي سادي هئي. ويتر جو، بقول هڪ جرمن چيف انجنيئر مريض جي تہ ”عيسوي سن ڪان بہ ٻہ سؤ سال اڳ“ جو چشمو ٿي پاتائين تہ واقعي بقول سُويڊش چيف انجنيئر جي ”ڏنگي مشين“ ٿي لڳي! منهنجي تہ ڄڻ هن سان پُراڻي دشمني هئي ۽ نہ منهنجي ڪا ڳالهہ هن ڪي وڻندي هئي. اصل هڪٻئي سان نہ پوندي هئيسين. جنهن ڏينهن ڪان مونکي سُيون هڻڻ جو ڪم پنهنجي هٿ ۾ ڪنيو هئائين، تڏهن ڪان مون ڪي هن ڪان ٿورو ٿورو نامعلوم خوف بہ رهندو هو. بسترا نہ ٺاهڻ جي اسٽرائيڪ ڪان پوءِ تہ اسان جي ڪمري وارن ڪي دوا بہ پاڻ ڏيڻ ايندي هئي. مون ڪي ڏينهن ۾ چار دفعا سُئي هڻندي هئي. سندس ويجهو اچڻ تي آئون اونڌو ٿي ويندو هوس ۽ بنا پُڇڻ جي تہ پاجامي يا ڪڇي جو رٻڙ ڪوليو اٿم يا نہ، ٻنهي ۾ هڪ ئي وقت هٿ وجهي، سٽ ڏئي هيٺ ڪري، سُئي هڻي ويندي هئي. خبر ناهي تہ سُئيءَ لاءِ ڊاڪٽر چيو بہ هيس يا پنهنجي دشمني پارڻ لاءِ پاڻيءَ جون چار چار سيون هڻندي


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

هئي. پنجن ڏينهن اندر منهنجي ڏُڏيون چلي چڏيائين. هڪ دفعي موڊ ۾ ڏسي پڇيومانس تہ توکي ڊاڪٽر ايتريون سُيون هڻڻ لاءِ چيو ہ آهي يا نہ. تي سگهي ٿو هن توکي هڪ يا ٻن لاءِ چيو هجي ۽ تو روز جو دستور ٺاهي ڇڏيو آهي.

منهن ۾ گهند وجهي چيائين، ”هي اسپتال ہ جهاز آهي جتي هر شيءِ باقاعدي قانون سان ٿئي ٿي. هتي ڪوبہ غلط ڪم نٿو ٿئي.“

دل ۾ آيو تہ ٻڌايانس قاعدي قانون بابت چڱي طرح تہ ڪيئن اسان اجان رات هتان پڄي شهر ۾ فلم ڏسي آيا آهيون. پر پنهنجو نقصان ساري مِني ہ ماٺ، مَني ہ ماٺ تي عمل ڪرڻ ۾ مصلحت سمجهيم. منهنجي جهاز جي دوستن جڏهن لنڊن مان وجي منهنجو حال احوال پڇيو تہ ڪين ہ لکيو هوم: ”آئون اهڙو ماڻهو آهيان تہ ڪونہ پر اتفاق سان جيڪڏهن اخبار ۾ پڙهو تہ منهنجي هتان ڪنري ٻيٺ تي خون ٿي ويو آهي تہ سمجهي وججو تہ چشمي واري مئٽرن جا ڏينهن ڳُٽا هئا.“

ان ڪرسمس رات، جنهن جو ڪجهہ ذڪر شروعات ۾ لکيو اٿم، اسان جي سامهون واري ڪمري ۾ رهندڙ پگل ٻانهن واري نارويجن کي اسپتال مان پڄڻ وقت، جڏهن مئٽرن اچي سوگهو ڪيو تہ سيني مريضن جي ڏسڻ لاءِ واهہ جو مفت ۾ ڊرامو ملي ويو. ان ڪمري جون سڀُ دريون اوڙي پاڙي ۾ رهندڙ مريضن سان پرجي ويون. مئٽرن اکيون ڏيکاري، انگريزيءَ ۾ چيس: ”تون


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ٻاهر هرگز نٿو وڃي سگهين.“ تہ هن بہ تيز لهجي ۾ وراڻيس:
”آئون ٻاهر ضرور ويندس.“
”تون بيمار آهين.“
”پر اڄُ ڪرسمس رات آهي. آئون ڊانس لاءِ ويندس.“
”ڊاڪٽر تنهنجي ٻاهر وڃڻ تي سخت بندش وڌي آهي.“
”ڊاڪٽر مون کي ٻاهر وڃڻ جي موڪل ڏني هئي.“
”ڊاڪٽر توکي بستري ۾ سمهي ڪاٽڻ بدران، ٻاهر نڪري ڊائننگ هال ۾ ڪاٽڻ لاءِ چيو آهي ۽ نہ اسپتال کان ٻاهر ڊانس لاءِ.“

اسان والي بال وانگر ڪڏهن ڪنڌ مئٽرن طرف ڦيرائي ان کي ٿي ٻُڌو تہ ڪڏهن پنهنجي ساٿي مريض کي. سروس چئنج ٿيندي رهي، ۽ هيءَ مئچ يا ويڙهہ اسان سيني مريضن جي هئي. سيني اهو چاهيو ٿي تہ مئٽرن هارائي. پر مئٽرن بہ اُس ۾ وار اڇا نہ ڪيا هئا. بحث وڌندو ويو. تان جو مئٽرن چيو: ”تون هرگز ٻاهر نہ ويندين جيڪڏهن بہ چيو ٿيندين تہ آئون سپاٽي ڊاڪٽر کي اطلاع ڪرائيندس تنهنجي جهازران ڪمپنيءَ کي اطلاع ڪنداسين تہ توکي هتان وٺي وڃن.“

بس ان بعد هن همراهہ هڪ اکر بہ وڌيڪ نہ ڳالهايو. اصل ڪُنڊيون وٺي ويس. مئٽرن هلي وئي. جڏهن وراندو بہ لتاڙي پنهنجي آفيس اندر گهڙي تہ پوءِ اسان جي جوان ڪمري جو دروازو زور سان بند ڪري انگريزي، اسپيني ۽ پنهنجي مادري

زبان نارويجن ۾ ڪيس ايتريون تہ گاريون ڏنيون جو مون کي پهريون دفعو انهن زبان جي وسعت جي خبر پئي.

سپ ڪان ڏنگا سويڊن جا هئا. هو سڄي رات شراب پي دانهون ڪندا هئا. آخر ڊاڪٽر شراب پيئڻ تي بندش وڌي. هڪ ڏينهن خاموش رهي ٻئي ڏينهن ڪوڪا ڪولا پيئڻ جي اجازت ورتي. روز صبح جو هڪ بوتل ڪوڪا ڪولا جي گهُرائيندا هئا ۽ سڄو ڏينهن گلاسن جا گلاس پيئڻ بعد بہ اڌ ڪن مس ڪپندي هئي ۽ ڪين مستي ۾ سُرور ساڳيو رهندو هو. (دراصل ان بعد هو جيڪو شراب پيئڻ لڳا ان جو رنگ ڪوڪا ڪولا جهڙو هو. سڀُ سمجهندا هئا تہ ڪوڪا ڪولا پيا پين ۽ نہ شراب ـ جنهن جي بوتل هر وقت وهاڻي هينان لڪل هوندي هئي.)

منجهند جو اسان جي وارڊ وارا ٿوري دير سُمهندا هئا تہ جپاني ۽ انڊونيشي گانن جا ٽيپ وڄائيندا هئا. اسان لاءِ دٻي ۾ نڪريون پر پاڻ چپٽيون وڄائيندا هئا. ڪيترو چوڻ تي بہ اسان جي نہ ٻُڌائون. آخر هڪ ڏينهن مون کي اوچتو ياد اچي ويو ۽ ان مرض جي دوا ملي وئي. ڪراچي ڇڏڻ وقت لنڊن ۾ هڪ دوست جي فرمائش تي پڪن راڳن جو ٽيپ ڪنيو هوم. ان کي بئگ مان ڪڍي سڄي آواز تي وڄائڻ شروع ڪيم. بہ ڪلاڪ ڪن بہ مس وڳو تہ جپانيءَ ۽ انڊونيشيءَ ٻنهي ڪٺي يونانيءَ جي معرفت صلح نامون ڪيو تہ آئنده هر هڪ پنهنجي زبان جا گانا آهستي


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

وڄائي پاڻ ئي ٻُڌندو. ان ڏينهن ڪين احساس ٿيو ته سندن ڳانا به ٻين لاءِ ساڳي طرح مٺن جو سُور آهن.

منهنجي ڪابي پاسي ڪٽ واري يونانيءَ جو اهو روز جو دستور هوندو هو ته ڊنر کان پوءِ مون کي به پنهنجي بستري تي وهاري ٿوري خوشامد ڪري، رائيٽنگ پئڊ، لفافو پراٽا خط ۽ قلم ڪڍي مون کان انگريزيءَ ۾ پنهنجي محبوبا لاءِ خط لکرائيندو هو پاڻ ڳاڌڙ ساڌڙ يوناني، عربي ۽ اسپيني زبانن ذريعي مون کي پنهنجي من جو مفهوم سمجهائڻ جي ڪوشش ڪندو هو. جو مون کي اڌوگابرو سمجهه ۾ ايندو هو. ۽ ان کي انگريزي لفظن جي شڪل ۾ پني تي قلمبند ڪندو هوس. مطلب ته اکين تي هٿ رکي رئڻ جو آواز ڪڍي دل طرف اشارو ڪندو هو يعني "سندس دل سڄڻ لاءِ هنجون هاري رهي آهي."

پڪ اٿم ته ڪيترن اشارن ۽ يوناني، اسپيني لفظن جو مطلب نه سمجهي ضرور ڪا غلط ترجماني ڪئي هوندم. پر آئون ڪيس ۽ سندس عشق کي ڪڏهن به وساري نه سگهندس جنهن کي هڪ هڪ جملي لکائڻ لاءِ ڪيڏي تڪليف ڪرڻي پوندي هئي. ڪيڏي ائڪٽنگ ڪرڻي پوندي هئي. سمجهه ۾ نه ٿو اچي ته جڏهن هي يوناني اسپيني عربي زبانون ڄاڻڻ وارو هيرو تندرست ٿيڻ بعد انگريزي جرمن ۽ فريئچ ڳالهائڻ واري سندس هيروئن سان پئرس ۾ وڃي ملندو ته ڪيئن گذارو ٿيندن؟! ضرور ڪين ڪو ترجمان رکڻو پوندو.


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڊرائنگ روم جي پرواري ڪمري ۾ هڪ فرانسيسي رهندو هو تنهن کي قدرت اها ڏات ڏني هئي جو ڪنهن به ماڻهو کي سامهون وهاري اڌ ڪلاڪ اندر پينسل جي مختلف ٿلهن سنهن ليڪن سان سندس تصوير هوبهو پني تي ناهي وٺندو هو. ڪيس ڪا اهڙي بيماري هئي جو ڊاڪٽر ڪاڌو بند ڪيو هوس. رڳو ربَ ۽ سُوپ پيئڻ لاءِ ملندو هوس. سندس جنهن ڏينهن کان ڪاڌو بند ٿيو هو، هن جو ڪمرو فوٽو اسٽوڊيو ٿي ويو هو. في تصوير پنجن صوفن يا ڏهن ڪيلن تي نهڻ لڳي. (ميوو ئي هڪ اهڙي شيءِ هئي جيڪا ڊرائنگ هال مان اسان سمگل ڪري ٻاهر آڻي سگهندا هئاسين) پوءِ هر روز هڪ يا ٻه هتان هُتان ڪجهه پنهنجو ڪجهه ٻين کان انهن جو حصو وٺي ڪانئس تصوير ڪڍائيندا هئا. ان کان علاوه هو گهٽ ائڪٽر به نه هو. ڪنگهڻ وقت ڄاڻي ٻُجهي، پنن سان ڪٽ کي اڱيان ٿيلها ڏيندو ويندو هو. تان جو اسپتال جي ڪٽ ـ جنهن جي هينان ڦيٿا لڳل هئا، رڙهي رڙهي وڃي سامهون هندستاني جي ڪٽ سان لڳندي هئي. سيني ۾ وڏي عمر جو هو. حاضر جواب ۽ ڪل مُڪ به پهرين نمبر جو هو. ڪڏهن ڪڏهن سندس وارڊ جا ٻيا مريض سندس ڪٽ کي ڌڪا ڏئي ٻاهر ورانڊي ۾ ڪيي ڇڏيندا هئا. پوءِ ڪنهن نرس جي ورانڊي مان لنگهندي شل نظر پوي. هڪ ڦهرام مچي ويندو هو. هو جاسوسي ايجنٽن وارا سوال شروع ڪري ڏينديون هيون، ته اها حرڪت ڪنهن ڪئي. پر شاباس هجي هن شخص کي سيني سوالن جو هڪ


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

جملي ۾ جواب ڏيندو هو ــ ”مون کي خبر ناهي، آئون سُتو پيو هوس. ڏسان ها ته آئون پاڻ نه ان کي جهليان ها.“

سڀُ ڪان گهٽ عمر وارو بيلجم جو هڪ ڪئڊٽ ڪنڊ تي ٽن بسترن واري جنرل وارڊ ۾ هو. هو سُئي لڳڻ وقت گُم ٿي ويندو هو. پوءِ ٿي چٽا جيڪي خدائي فوجدار سڏيا ويندا هئا (جن ۾ اسان جو يوناني وارڊ ميٽ به هو) ڪيس ڪڏهن وهنجڻ جاءِ مان، ڪڏهن لئبريري مان ته ڪڏهن ’انڊور گيمس روم‘ مان ٽنگو ٽالي ڪري ڪٽي ايندا هئا.

مطلب ته هڪ اڻ کُٽندڙ تماشو سڄو ڏينهن هلندو هو. هرهڪ مريض بذات خود پين لاءِ تماشو به هو ته تماشبين به. روز صبح کان هن اسپتال جي دنيا ۾ نئون کيل شروع ٿيندو هو ۽ هيءَ اسپتال هڪ ننڍڙي دنيا ئي ته هئي. جتي مخلف ملڪن، رنگن ۽ قومن مذهبن جا ماڻهو رهيا ٿي. بيمار هوندي به کل خوشي آرام ۾ رهيا ٿي. ڪوبه ذات پات، رنگ روپ يا ننڍ وڏائيءَ جو فرق نه هو.

آخري شام جڏهن مون کي هوائي جهاز جي ٽڪيٽ ڏئي چيو ويو ته آئون هاڻي بلڪل چاق آهيان ۽ هيءَ منهنجي آفيس طرفان آئي آهي ته ٻئي ڏينهن صبح جو لنڊن *Fly* ڪري پنهنجي جهاز تي وڃي چڙهان. ته منهنجي اکين ۾ ڳوڙها تري آيا. ٻئي ڏينهن سوير *Flight* هئڻ ڪري صبح جو ٽي بجي اٿيس. سڀُ خاموش ننڊ ۾ هئا. باوجود منع ڪرڻ جي به ڊيوٽي نرس ٻئگ


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڪٺائي هيٺ ٽئڪسي ۾ اچي رڪي. ٽئڪسي ۾ وهڻ وقت مئٽرن بہ اچي موڪلايو، سندس پراڻي زماني جي چشمي مان، آليون اکيون نظر اچي رهيون هيون. هن ڪجهہ بہ نہ ڪُڇيو. رنگين پنيءَ ۾ بند ٽيل گهڙيال تحفي طور مون کي ڏنئي، اسپيني زبان ۾ ڊرائيور کي ايئرپورٽ پهچائڻ لاءِ چيو. جيڪو اسپتال کان چاليهہ ميل پري آهي. رستي جو ياڙو چار سؤ پسيتا بہ پاڻ ڏنائين.

هوائي جهاز جنهن وقت مٿي چڙهيو تہ اها اسپتال ـ ننڍڙي دنيا، ڪل ۾ خوشيءَ سان ٽمٽار، جبل جي چوٽيءَ تي صاف نظر اچي رهي هئي. جيئن جيئن جهاز بلندي حاصل ڪندو ويو تہ اسپتال نقطي جي شڪل اختيار ڪري غائب ٿي وئي. پر گريڪو، جپانو، سويڊو، آفريڪو، انڊونيشيو ۽ اسپتال جو هڪ هڪ ماڻهو اڄُ بہ منهنجي اکين اڳيان ڦري رهيا آهن.


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# اڄ ڇا پچائجي........؟

## [فقط مردن لاءِ]

اڄُڪلهه جيڪو به ڪٽي رسالو کڻُ ته ان ۾ ٻيو ڪو ڪالم هجي يا نه، پر رڌُ پچاءُ جو صفحو ضرور هوندو. جنهن ۾ عورتون دل کولي قسمن قسمن جا کاڌا ۽ انهن جي رڌڻ جا اونڌا ابتا طريقا لکنديون آهن. آئون نٿو سمجهان ته ان ڪالم ۾ ڪنهن مرد جو مضمون به آيو هجي. جيتوڻيڪ ڪيترا مرد سٺا بورچي آهن ــ بلڪ تمام سٺا. پر جيئن ته رڌُ پچاءُ گهريلو ڪم (يا شايد عورت جو زيور پڻ) سمجهيو وڃي ٿو ــ يا ڪنهن زماني تائين سمجهيو ويندو هو، ان ڪري عورتون پنهنجو پاڻ کي ان معاملي ۾ اٿارٽي ٿيون سمجهن (۽ ان اٿارٽيءَ کي تمام گهڻو *Exploit* ڪن ٿيون ۽ جيڪيو وڻين ٿو سو لکن ٿيون.) ڪو مرد ان کي پڙهڻ وارو ڪونهي، ڪو تنقيد ڪرڻ وارو ڪونهي ۽ شايد ئي ڪو اهي طعام تيار ڪري ڏسڻ وارو هجي، جو سچ ڪُوڙ جي خبر پوي. ويتر جي ان رسالي جي ايڊيٽر ڪا عورت آهي ته بس: 'ناني رڌڻ واري ڏوهٽيون کائڻ واريون' ـ جيڪي لکجي آيو سو ڇپجي ويو. اها به ڪا پڪ ناهي ته گهٽ ۾ گهٽ لکڻ واريءَ به ڪو ائين پچايو هوندو ـ خيالي پُلاءُ پچائي ٻين کي گُمراهه ڪرڻ لاءِ اها ترڪيب تمام سولي آهي.


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

بيضن جا ڪواب، ٽماٽن جون ٽڪيون، بصرن جو قيمون، کير جي خوراڪ، پٽاٽن جو حلوو يا ٻيا ان قسم جا عجيب ۽ غريب (يا امير)، رومانٽڪ ۽ سنسني خيز نالا ڏئي، پوءِ سامان جي لسٽ ۽ ان بعد رڌڻ جو طريقو لکيل هوندو آهي. پڙهڻ وارو رڌڻ جي طريقي تائين پهچڻ کان اڳ، سامان جي لسٽ ئي ڏسي، اهو طعام رڌڻ تان هٿ (بلڪ ٻئي هٿ) ڪڍندو آهي. ڇو ته ڪمال هوشياريءَ سان سامان جي لسٽ ڪجهه اهڙي لکي ويندي آهي، جن ۾ هڪ اڌ شيءِ يا مصالحي جو نالو اڻ ٻُڌل هوندو آهي ۽ جنهن کي شهر جي لوڪل مارڪيٽ مان ته پر برما جي جنگل يا ممباسا جي مارڪيٽ مان حاصل ڪري سگهجي. يا ته وري ان جي تور يا ماپ اهڙن ڏڍن ۾ ڏنل هوندي جو تورو دڪاندار وٽ به نه هجي مثال طور:

بادام ــ پنج گرام

زئفران ــ ڇوٿو آئونس

ادرڪ ــ ٽي داڻا (خبر ناهي ننڍا يا وڏا)

بصر ــ اڌ ڪلو

چانور ــ ٽي چوٿايون يا پاٽي ڪن.

پاٽي ڊسٽلڊ ــ هڪ لٽر.

آئسنس ــ ست ڦُڙا

ديڳڙو ــ وچولو

باهه ــ پوري پُني، سؤ ۽ ٻه سؤ سينٽي گريڊ جي وچ ۾.


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

گهمائڻ لاءِ ڏوئي ــ ڪاٺ يا اليومينم برونز جي.

هاٽي سائين ڪو فزڪس آنرس جو شاگرد هجي. يا ڪو *Applied-Maths* ۾ ايم ايس سي ڪري رهيو هجي جيڪو ويهي ليبارٽري جي ساهمي ۾ مختلف تورن ذريعي حساب ڪري سامان توري، باقي ٻي جي جاءِ ناهي.

گهڻو اڳ عبرت اخبار ۾ ٻه هفتي ۾ هڪ دفعو اهڙو ڪالم ايندو هو (تي سگهي ٿو هاڻ به ايندو هجي) جنهن کي هڪ ڏينهن پڙهي منهنجي دوست اڪبر منگيءَ کي به ’مرغي برياني‘ رڌڻ جو شوق جاڳيو ــ يا ڪٽي چئجي ته پيدا ٿيو. (جو ته اهو شوق سندس من ۾ پهرين ڪان ڪو ستل ته نه هو). اسان ٻئي ڪراچي ۾ هڪ جاءِ ۾ گڏ رهندا هئاسين. ڪيترن ڏينهن ڪان بورچي موڪل تان نه وريو هو. پر بقول منگيءَ جي ته عبرت اخبار ته اچي پئي. ان ڏينهن هو يونيورسٽيءَ ۾ به نه ويو. صبح سان ’سامان جي لسٽ‘ مطابق سيڏو گڏ ڪيوسين، رڌڻ جو طريقو ٻه ٽي دفعا پڙهي هينئين سان هنڊايونسين. پوءِ هو رڌڻ ۾ جنبي ويو. آئون شپ يارڊ ڊيوٽي تي هليو ويس.

منجهند جو موٽي اچي ڏسان ته ديڳڙي پاسي ڪان رکي، اسان جو هيرو اخبارن جي ڍير مان ڪا اخبار پيو ڦولهي. منهنجي گهڙڻ سان پڇڻ لڳو: ”اها اخبار ڪيڏانهن وئي جنهن ۾ ترڪيب لکيل آهي؟“

”بريانيءَ جو ڇا ٿيو؟“ مون پڇيومانس.


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

”پهرين اخبار ۾ ترڪيب لکڻ واريءَ جي ائڊريس ڳول“.

”ڇو ــ ؟“

”هيءَ برياني ان ڏي پارسل ڪبي.“

ديڳڙيءَ جو ڍڪُ کولي ڏسان ته سڀُ چانور سڙيا پيا هئا. وچ تان ڪجهه اڌ سڙيل چانور ڦڪيم ته سخت کارا لڳا. ساڳيو حال مرغيءَ جو هو. بئي وجي ايرانيءَ جي هوٽل تان ماني کائي آياسين. گهر واپس پهچڻ سان ويٽنامي زخمين جهڙي معصوم صورت ٺاهي منگيءَ چيو: ”پارٽنر! برياني ته رڌي مون. هاڻ ديڳڙو ته گهٽ ۾ گهٽ تون ڌوءِ.“

پوءِ ڪپ سان ديڳڙو ڪرڙي جڏهن ٽي دفعا چاڻ ۽ موئيءَ سان مليم تڏهن وجي اصل شڪل جهڙو ٿيو. ان ڏينهن کان پوءِ جڏهن به ڪو رڌُ پچاءُ جو صفحو ڏسندو آهيان، ته يڪدم خيال ايندو آهي ته اهي سڀُ ديڳڙي ڏُئارڻ لاءِ سٽل آهن.

يا ته ان ڏينهن اسان جو ڌيان رڌڻ جو طريقو پڙهي، پريڪٽيڪل ڪرڻ وقت بئي هنڌ ڪُتل هو. جيئن بُڌو اٿم ته هڪ دفعي ڪنهن ريڊيو اسٽيشن تان رڌڻ جو طريقو پئي ٻُڌايو ويو. ساڳي وقت پر واري اسٽيشن تان وري ڪسرت ڪرڻ جو طريقو پئي ٻُڌايو ويو ته ٿولهه ڪيئن گهٽائجي. موسم جي خرابي ڪري، يا ريڊيو جي خرابي ڪري، بئي اسٽيشنون گڏ وچڙ ٻُڌڻ ۾ پئي آيون. ڪنهن ٻُڌڻ واري، پني تي جو ڪجهه، جلدي جلدي لکيو سو هن ريت ٿي ويو.



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

”........ هڪ پيالو ميدي سان پري، ڪُلهن تائين ڪٽي وجو. گوڏن وٽ جهُڪي ڪڙين تي زور ڏيو. پوءِ ان کي کير جي ٿانوَ ۾ چڱيءَ طرح ملايو. ڇهه دفعا اها ساڳي مشق دهرايو. پوءِ اڌ چمچو خمير سان گڏ ٻوڙ اندر چڪيو. ٽنگون ڦاڙي، ٻه بيضا پيٽيو. ان کان پوءِ آهستي آهستي ساهه کڻو ۽ پيالين ۾ وجهو. هاڻ سڌا ٿي بيهو ۽ ان کان پوءِ فرش تي ليٽي، بيضن جي اڇ چڱيءَ طرح پيٽيو. ڏهن منٽن تائين ٻاهه تي رکي چڱيءَ طرح مالش ڪريو. آخر ۾ ڪنڌُ هيٺ ۽ ٽنگون مٿي ڪري، ملائيءَ سان گڏ کائو.“

پاڻيءَ جي هر جهاز تي آڌيءَ رات کان چئين بجي تائين ڊيوٽي ڪرڻ وارا انجنيئر ۽ نيويگيٽر ناشتي جو صبح تائين انتظار نه ڪن. ڪجهه نه ڪجهه پاڻهي پچائي، کائي سمهي رهن. يا اڳوات بورچيءَ کان ڪجهه تيار ڪرائي رکن. تعليم ختم ڪري جڏهن جهاز تي پهتس، ته مون کي پهرين سفر ۾ هڪ پراڻي انجنيئر سيف الدين سان گڏ رات جو ٻارهين کان چئين واري ڊيوٽي ڏني وئي. صبح جا پوڻا چار ٿيا ته سينيئر انجنيئر سيف الدين مون کي چيو:

”برادر! آئون *Log-Book* لکي چئين کان اٺين تائين جهاز هلائيندڙ انجنيئرن کي چارج ڏيو ٿو اچان، تون ڪجهه کائڻ جو بندوبست هلي ڪر.“

آئون وڃڻ وارو هوس ته پڇيائين: ”آمليٽ بيضا ته نهي ويندا نه؟“


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

”چو نہ.“ مون پڪ ڏنيمانس، ”انهن ۾ چاهي. آمليٽ تہ هڪ عورت بہ ناهي سگهي ٿي. پهرين بصر جي ڪاتر ڪري، مکڻ تئيءَ ۾ گرم ڪجي. پوءِ ساون مرچن ۽ ٽماٽن جي ڪاتر ڪري بيضن کي انهن سان گڏ......“

”نهيو، چار تہ اتي ئي ٿي ويا.“

جلدي جلدي جهاز جي گئلي (رڌڻي) ۾ آيس. اچي بيضا تيار ڪيم. ڊبل روٽيءَ کي بہ مکڻ ۾ سيڪيم. ٻي رات پنجويهہ منٽ اڳ بورچيخاني ۾ پهتس تہ بيضن کان علاوه سيويون بہ پچايم. پهرين ڪڏهن سيويون پچندي بہ نہ ڏٺيون هيم. پر هاڻ پنهنجي خيال مطابق مکڻ ۾ پُجي، ٿورو پاڻي وجهي، تئيءَ کي ڍَڪُ ڏئي، ٻاڦ کي ٻاهر نڪرڻ نہ ڏنم. ان کان پوءِ کنڊ پستا ۽ بادام ـ مطلب تہ رڌڻي جي کليل ڪٻٽ ۾ جيڪي ڪجهہ رکيل هو، تنهن مان ذرو ذرو وڌم. ائين آهستي آهستي اسان جي ماني سئنڊوچن مان ’فل ڊنر‘ ٿيڻ لڳي. سامان جي پرواهہ نہ رهندي هئي جو هر جهاز تي يڪو ٻن ٽن مهينن جو فالتو راشن رهندو آهي.

هڪ رات سيويون پچائي لاهڻ وارو هوس تہ سيف الدين چَورائي موڪليو تہ ٻيا بہ ٻہ چار ڄڻا جاڳن پيا، جو جهاز ڇهين ٻجي ممباسا جي بندرگاهہ ۾ پهچي رهيو آهي. سو سيويون ڪجهہ سنئاليون رڌجانءِ.

مون ٻيون سيويون تہ نہ رڌيون، جو وري ساڳي ڳهل ڪنهن کان ٿي پُني. رَڌل سيوين ۾ مُٺ مُٺ بادامن ۽ پستن جي، ڊبل


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

روٽي ٽڪر ٽڪر ڪري، *Evaporated* کير جا ٻہ دٻا ملائي، ٿورو گرم ڪري ڊش ۾ وجهي، ڊائننگ هال ۾ ڪٽي آيس. جتي سيف الدين سيوين جي تعريف ۾ ٻٽاڪ سٽاڪ هڻي رهيو هو. ڊش ڪليو تہ سيويون تہ ايڪڙ ٻيڪڙ نظر آيون. دوست چوڻ لڳا: ”هي سيويون تہ نہ ڇئبيون. هي تہ الائي ڇا پَڪو آهي.“

ڇيومان تہ ڇا ٻا ڪجهہ بہ نہ آهي. ڪائيندا وجو. هن ۾ مالَ پيل آهن. ’مال‘ جو ٻُڌي سڀُ کلڻ لڳا. پڙهندڙن لاءِ هتي ’مالن‘ وارو چرچو پڻُ ٻُڌائڻ ضروري ٿو سمجهان، جنهن ڪان هتي جا مڙيئي جهازي واقف آهن.

موڪلن ۾ پنهنجي ڳوٺ اسان چار پنج ڳوٺائي، هڪ جي اوطاق تي پتي راند کيڏي رهيا هئاسين. رات جا ٻارهن ٿي ويا. اوطاق وارو دوست چانهہ لاءِ گهر چوڻ ويو تہ سندس ماءُ چيو تہ بهتر ٿيندو، هوٽل تان نهرائي وٺو. هينئر سيءَ ۾ ڪير اٿي چُلهہ دُکائيندو. اتي اسان جي ميزبان دوست جو نانو اٿيو ـ جنهن کي سڄو ڳوٺ ’نانو‘ سڏي ۽ ڪجهہ دماغ هيٺ مٿي هجڻ جي باوجود، بيحد دلچسپ شخصيت آهي. سو چوڻ لڳو: ”پرواهہ نہ ڪر ٻچا! تنهنجي دوستن لاءِ آئون ٿو چانهہ ٺاهي وٺان.“

ميزبان دوست اڃي اسان کي ٻُڌايو تہ يار ڳالهہ تہ ڏاڍي ٿي. بس هاڻ الله خير ڪري اڄُ نانا چانهہ ٺاهي ٿو اڃي. الائي ڪهڙي هوندي. ’نانو‘ چانهہ تہ عاليشان ٺاهي آيو. ڏاڍا ڦوٽا، مَلائي وڌي هئائين. پر آخر ۾ چانهہ جي پتي وجهڻ بدران، غلط دٻي مان



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڳاڙهن مرچن جو ٻُڪ وجهي آيو هو. اسان جو ڪٽي ڪٽليءَ جو ڍَڪ کوليون ته کل جا کُوڪرا پئجي ويا. ميزبان دوست چيو: ”نانا هيءَ چانهه کير پيئندو، هاري ڇڏيو.“ پر نانو ڪتي مُڙي. چي : ”ابا هن ۾ مال وڏا اٿم. اجايا ضايع ٿي ويندا. ڏاها ٿيو پي ڇڏيو.“

اسان ته موٽائي ڏنس. هوٽل تان گهُرائي پيتيسين. ڳاڙهن مرچن واري چانهه نانو واپس ڪٽي ٻاهر نڪتو ۽ وڃي پاڙي وارن جو آڏيءَ رات جو در کڙڪايائين. ڪو ننڍ مان اٿي نڪتو هوندو. تنهن کي نانو زور زور سان سمجهائي رهيو هو: ”ابا هيءَ چانهه پي ڇڏيو بچي پئي آهي، هن ۾ مال ئي مال پيل آهن.“

سو اهو آهي ”مالن“ جو پس ـ منظر.

گذريل هفتي جهاز جي هتي جپان ۾ ڳري مرمت ٿي رهي هئي. مترڪن ۽ هٿوڙن جي گوڙ سمهڻ نه ٿي ڏنو. سو ضروري سامان ٿيلهي ۾ وجهي رهڻ لاءِ پراڻي ڪلاس ميٽ خداداد ابڙي جي دعوت تي، سندس گهر ٽوڪيو وڃي نڪتس. هو هتي جپان ۾ *Settled* آهي. ۽ هڪ جپاني ڇوڪريءَ سان شادي به ڪئي اٿس. ملي ڏاڍو خوش ٿياسين. سندس گهرواري ان وقت هڪ جپاني رسالي ۾ رڌ پچاءَ جو صفحو پڙهي رهي هئي. سڄي صفحي تي فقط ٽي ڪن سٽون لکيل هيون ۽ ٻيا ڪارٽون هئا. ڀاڄائيءَ کان پڇيم ته ”جپاني رسالي ۾ به اهو صفحو ايندو آهي ڇا ـ؟“


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

”ها. آمريڪي رسالن ڪي ڏسي جپاني رسالن ڪي به ان صفحي ڏيڻ جو شوق ٿيو آهي.“

ڪي ـ ڊي ـ ابڙي ڪي چيم ته پيارا ترجمو ڪري ٻُڌاءِ ته اهو مختصر نسخو ڪهڙو آهي، جيڪو فقط ٽن سٽن ۾ ڏنل آهي.

خداداد منهنجي لاءِ سڄي صفحي جو لفظ به لفظ ترجمو ڪيو:

”عورتن جو (۽ مردن جو پڻُ) صفحو.

ــ اڄُ ڇا پچائجي ــ ؟ ــ

اڄُ ڪجهه به نه پچائجي. ٻارن ٻچن سميت پنهنجي ڪنهن دوست يا مائٽ جي گهر ديرو جمائجي. ائين ڪرڻ سان رڌُ پچاءَ جي مصيبت کان به بچي پئبو ۽ بچت جي به عادت پوندي ـ جو قومي فرض پڻ آهي.“

”اريگاتو! بلڪل صحيح آهي.“ مون داد ڏيندي خداداد کي چيو: ”ٻيا ان تي عمل ڪن يا نه، پر مون اڄُ کان ان تي عمل شُروع ڪيو آهي. يعني رلي ڪُلهي تي ماني راڄن تي ـ رڌُ پچاءَ جا طريقا وري ڇا جا سڄڻ ـ!“


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# توهان کان چا لڪائجي

جلدي جلدي ۾ هوس. فلم شُروع ٿيڻ ۾ فقط پندرهن ڪن منٽ هئا. وار به نهرائڻا ضروري هئا ته فلم ڏسڻ جو شوق به چوٽ تي هو. فلم کان پوءِ ڪوبه حجام جو دڪان کليل نه ملي ها، ٻئي ڏينهن سج اڀرڻ کان اڳ ممباسا جو شهر ڇڏي رهيا هئاسين. حجام جي دڪان ۾ گهڙيس ۽ ڪرسي خالي ڏسي ويهي رهيس. شيدي حجام ڳچيءَ جي چوڌاري اڇو ڪير جهڙو ڪپڙو ويڙهي، صاف چٽيل انگريزيءَ ۾ پڇيو ته وار نهرائڻا آهن يا رڳو ڏاڙهي.

”جلدي جلدي فقط وار ننڍا ڪر. بلڪ *Crew* ڪَٽ“ مون تاڪيد ڪئي مانس.

هُو اڍائي منٽ منهنجي هڪ پاسي کان ۽ اڍائي منٽ ٻئي پاسي کان بيهي، ڪئنچيءَ جي ڪتر ڪتر ڪري پڇيائين:

”*O.k?*“

آرسيءَ ۾ ڏٺم ته ويتر خوفناڪ ٺاهي ڇڏيو هئائين. ڪٿان ٿورا ڪٿان گهڻا وار لاهي، مٿيئي آنگ لاٿي هئائين. ڪجهه نه چيومانس. هڪ ته وقت ڪونه هو ۽ اهو به سوچي ته هفتو به يڪو سمنڊ تي، ڪير ڏسڻ وارو هوندو. بهرحال منهنجو خيال هو ته ههڙي خراب هيئر ڪٽ تي، وقت ۽ محنت گهٽ لڳڻ ڪري پئسا به گهٽ وٺندو. پڇيومانس، ”گهڻا پئسا ـ؟“

جواب ڏنائين ”فقط اٺ شلنگ“


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

”هان! مون ڪان ٻيٽا چو؟“ پاڪستاني فلمن جي مسخرن وانگر هڪ هٿ مٿي تي ٻيو پيٽ تي رکي، ڪڙين تي ٻيهي وائڙن وانگر پڇيومانس.

آمريڪي فلمي هيرو وانگر ڪلهن کي جهٽڪو ڏيندي چيائين: ”سر! ارجنٽ جو ڪم هو.“

چُپ ٿي ويس. پنهنجي هلڪي هانيءَ کي هن سانَ جهڙي آفريڪن شيدي سان ڀيٽي، ماٺ منوڙي ۾ اَٺ شلنگ سندس هٿ تي رکي دڪان تان هيٺ لٿس.

: : :

بدنام فقط دنيا جون عورتون آهن ته هو گهڻ ڳالهائو آهن. پر اڄُ تائين ڪڏهن ڪنهن غور ڪيو آهي ته دنيا جا حجام، ڳالهائڻ ۾ عورتن کان ٻه ٻه قدم اڳتي آهن. حجام چاهي چار درجا پڙهيل هجي، يا نسورو اڻپڙهيل. پر دنيا جي هر عنوان تي توهان سان ڳالهائيندو. چا توهان جي ڳوٺ يا شهر ۾ حجام کان وڌيڪ ٻي بهتر خبر رسان ايجنسي ٻه آهي؟ هرگز نه! چا توهان جا وار ڪاهيندي وقت، پنج منٽ ٻه هو خاموش رهيو آهي؟

آئون اڄُ تائين پنجٽيهه ملڪن جي سٽاسي شهرن، چاليهه بندرگاهن، پنجن ٻيٽن تي وار نهرائي چُڪو آهيان. پر مون کي ته ڪٿي ٻه مانيٽو حجام نه مليو آهي. چين ۾ مون کي اميد هئي ته اتي حجام گهٽو نه ڳالهائيندو ـ منهنجي نه، مائوءَ جي ڊپ کان. پر باوجود ان ڄاڻ جي ته آئون سندس زبان نپ نه ٿو ڄاڻان، هو


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

جهرڪين واري چين چين ـ چُون چُون ڪندو رهيو. هاڻي مون کي ٻُڌايو تہ دنيا ۾ سپ ڪان گهڻو بڪ بڪيو ڪير آهي؟ ـ عورت يا حجام؟

: : :

اسان وٽ پاڪستان ۾ روز ماڻهو اڌ ڪلاڪ کن هٿ ڏيڻ ۾، ٽي ڪلاڪ کن ڪچهريءَ ۾ وڃائي ٿو. يعني پنهنجي سراسري پنجاهہ سالن جي عمر مان اٽڪل سال هٿ ڏيڻ ۾ ۽ ڇهہ سال ڪچهري ڪرڻ ۾ کپائي ٿو. اڄُ ڪلهہ هن راڪيٽن جي دور ۾، هر ملڪ ۾ ڪيڪار تمام رواجي ۽ مختصر وڃي رهي آهي. ٻہ ڄڻا گس پنڌ تي ملندا تہ فقط هڪ ٻئي کان پُڇندا:

”ڪيئن آهين؟“ ۽ جواب ۾ بہ ”ڪيئن آهين.“ هاڻي تہ ايترو بہ نہ رهيو آهي. آمريڪا طرف تہ فقط ”هاءِ“ ۽ ”هاءِ ٿئنڪس“ تائين محدود ٿي ويو آهي. پر اسان وٽ پاڪستان ۾ هڪ عورت جڏهن ٻيءَ کي واٽ ويندي ملندي (يا زبردستي پنهنجو داستان ٻُڌائڻ لاءِ ٻيءَ کي ملندي) تہ چوندي، ”ڪر خبر ڪيئن آهين؟“ تہ ٻي يڪدم پنهنجي اگهائيءَ جو ذڪر ڪولي وهندي.

”متي جو سور اڃان تائين نٽو ڇڏيم.“

”متي جو سور! منهنجو جيئندل جڏهن ٿڃ تي هو، تڏهن مون کي متي ۾ سور ٿيو هو. مون حڪيم ’روح قبض‘ کان علاج ڪرايو هو. تون سڃاڻين ان حڪيم کي؟ جنهن جي ياٿي توهان جي پاڙي ۾، سبڻ پرڻ جو ڪم ٿي سڪي. ڪير آهن، اهي


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

توهان جي پاڙي وارا ذات جا؟ مون ڪان وسري ويو آهي. ان ڏينهن اسان سندن گهر مومل دائيءَ جي پاٽيجيءَ جي ٻُڪيءَ جو سڏ ڏيڻ ويوسين ته اسان به ٻُڌا........................" وغيره وغيره.

۽ ٻُڌڻ واريءَ کي نه به هوندو ته مٿي جو سور پئجي ويندو.

: : :

فرانس ۾ هڪ خوبصورت فرينچ عورت کي (پوءِ اها ڀي ڳالهه آهي ته هر فرينچ عورت پاڻ کي خوبصورت ٿي سمجهي، ويندي اهي عورتون جي بلڪل نه آهن.) ان ڪان وڏيڪ ڏک نه ٿيندو جڏهن توهان هن جي پرسان ڪيس بنا ڏسڻ جي لنگهي ويندائو' يا سندس نئين سبيل فراڪ کي تعريف جي نگاهه ڪان نه ڏسندائو. جيڪڏهن ڪنهن هوٽل ۾ توهان جي سامهون ڪا خوبصورت عورت ويني آهي ته توهان جو فرض آهي ته پنهنجي جڳهه تان اُٿي ڪيس وڃي دلداري ڏيو ته "محترمه توهان بيحد حسين آهيو." پوءِ چاهي اهو ڪُوڙ توهان کي دل تي پٿر رکي ڳالهائڻو پوي. پر انگلنڊ ۾ ڪنهن به عورت جي تعريف سندس منهن تي ڪرڻ، خراب سمجهيو وڃي ٿو. انگريز عورت اهو مناسب نٿي سمجهي ته ڪو اوپرو ماڻهو سندس تعريف ڪري يا هٿ چُمي ـ ها جيڪڏهن اهو مرد سندس مُڙس آهي ته پوءِ اها ٻي ڳالهه آهي پر مڙس وري ان خير جي ڪم بابت ڪڏهن به نه سوچيندو.

: : :


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

آمريڪن پنڌ ويندڙ جڏهن ڪنهن ڪي وڏي ڪار ۾ گهمندو ڏسي ٿو ته هو ان ڏينهن جا خواب ڏسي ٿو جڏهن ڪيس به هڪ ڏينهن، ايڏي وڏي ڪار هلائڻ لاءِ ملندي. پر هڪ هندستاني پيدل جڏهن ٻئي ڪي ڪار ۾ ويندو ڏسي ٿو ته هو ان ڏينهن خواب لهڻ شُروع ڪري ٿو جڏهن هو ڪنهن طريقي سان هن ڪار واري کي پاڻ وانگيان پنڌ هلڻ لاءِ مجبور ڪندو.

جيئن چوندا آهن ته هڪ غريب جي الله دعا اگهائي ۽ ڪيس ڏڻُ رڌُن جو مليو. ٻيو جنهن کي اڳهين رڌن جو ڏڻ هو تنهن کان جڏهن پڇيو ويو ته تون ڇا جي دعا ٿو گهرين ته چوڻ لڳو: "الله مون کي ڪو اهڙو بگهڙ ڏياري جو ٻئي جون سڀُ رڌون کائي وڃي."

: : :

ڪنري ٻيٽ تمام خوبصورت ٻيٽ آهن. وڻندڙ آبهوا ۽ بي انتها ساموندي ڪناري *Beaches* ڪري ٻارهوئي دنيا جا امير ۽ نوان شادي شُده جوڙا هني مون ملهائڻ لاءِ ايندا رهن ٿا ـــ سواءِ اسان جهڙن چند جهازين جي. هتي سماجي آزادي حد درجي جي آهي. ڀرين ڏينهن ٻريل بس ۾ هڪ نوجوان جوڙي کي کُليو کُلايو زور سان ڀُچڪار سان چُمي ڏيندو ڏسي وائڙو ٿي ويس. ان جاءِ تي جيڪڏهن ڪو ائٽم بم ڦاٽي ها، يا ڪو بس هينان اچي مري وڃي ها ته مون کي يا منهنجي ديس واسين کي ايترو تعجب نه لڳي ها.


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

:　　　　:　　　　:

جرمن جڏهن ڪنهن سهڻي ڇوڪريءَ اڳيان لنگهندو آهي ته هن ڏي بنا نهارڻ جي ڏسي وٺندو آهي ۽ ڪڏهن به مُڙي نه ڏسندو آهي. پر اسپينيءَ کي اها ڪيڏ نٿي اچي. هن جي جڏهن ڪنهن سامهون ايندڙ ڇوڪريءَ تي نظر پوي ٿي ته هو هن کي وري وري ڏسڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. پرسان جڏهن هوءَ گذري ويندي اتس تڏهن به ڊؤ نه ٿيندو اتس ۽ مُڙي مُڙي ڏسندو ويندو. اهو سلسلو هلندو رهندو آهي، تان جو هن کي پنهنجي غلطيءَ جو احساس ٿيندو آهي ته هو انهيءَ طرف واپس وڃي رهيو آهي، جنهن کان آيو هو.

:　　　　:　　　　:

ملڪ ڇڏڻ بعد مون ۾ هڪ عجيب تبديلي آئي آهي. جڏهن آئون اجان ملڪ کان ٻاهر نڪتو نه هوس ته انگريزي گانن، پاپ ميوزڪ، بيٽلز ۽ سپريم جي آواز پنيان چريو هوس. آمريڪن اسٽائيل ڪپڙا ۽ ڪانٽينينٽل کاڌو پسند ڪندو هوس. پر هاڻ پنهنجو وطن ڇڏڻ بعد مون کي ملڪ جي هر شيءِ وڻڻ لڳي آهي. سڄو سڄو ڏينهن خميسي خان جي الغوزي جو ٽيپ، جمن ۽ حسين بخش جا راڳ ۽ ڪافيون ٻڌندو رهان ٿو. شلوار ۽ پهراڻ پائيندي فخر محسوس ڪريان ٿو ۽ اها نه فقط مون سان حالت آهي پر مون ڪيترن هم وطنين کي لندن جي پڪاڊلي، نيويارڪ جي ٽائيم اسڪائر، هئمبرگ جي سينٽ پولي، روم، بيروت،


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com　abdul.lateef_ansari@hotmail.com

استنبول ۾ مردن ڪي شلوار قميص ۾ ۽ عورتن ڪي ساڙهيءَ ۾ ناز سان هلندو ڏنو آهي.

هتي ولائت ۾ جڏهن به فرصت ملندي آهي ته ٻه چار پاڪستاني گڏجي پاڻهي اتو ڳوهي ماني ۽ پوريون پچائي کائيندا آهيون ـــ جو اسان لاءِ سڀ کان لذيذ کاڌو هوندو آهي. آچر ڏينهن پڪوڙا ۽ ڪواب ناهي کائڻ ۾ ته جو سواد آهي، ان جو ڇا بيان ڪجي! پاڻکي پاڪستاني سڏائيندي فخر محسوس ڪندا آهيون ـ سوچيان پيو هي ملڪ لاءِ وڏيڪ پيار ۽ محبت، ملڪ کان دوريءَ ئي پيدا ڪيو آهي. چوڻي آهي ته:

*'While in Rome do as Romans do'* جيسين روم ۾ آهيو ته رومين وانگر هلو پر آئون دنيا جي هر ملڪ ۾ پاڪستاني ٿي رهڻ وڌيڪ پسند ڪندس. چوندا آهن ته هڪ ٽنگي جي ملڪ ۾ وڃجي ته ٻي ٽنگ ورائي ڪُلهي تي رکجي. پر نه سائين آئون ٻن ٽنگن سان هلڻ بهتر سمجهان ٿو ـــ چاهي هڪ ٽنگي جو ملڪ هجي، يا ٽن ٽنگن وارن جو.


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

## بدحواسيون

چون ٿا تہ هڪ همراهہ پنهنجي زال کي گاڏيءَ تي چڙهڻ لاءِ ويو. گاڏي ڇُٽڻ ۾ ڪي گهڙيون هيون. جلدي جلدي ۾ ٽڪيٽ ورتائون ۽ سامان کُليءَ کان ڪٽائي گاڏيءَ تي پهتا. اجان سامان مس رکيائون تہ گاڏي چُرڻ لڳي. زال بدحواسيءَ جي عالم ۾ ڇهہ آنا ڪڍي پنهنجي مڙس جي هٿ تي رکيا ۽ کُليءَ کي چمي ڏيئي، ٻاءِ ٻاءِ ڪندي گاڏيءَ ۾ چڙهي پيئي.

سو سائين اها آهي اڄُڪلهہ جي جلدي جلدي واري زندگي، حساب لڳايو ويو آهي تہ جيترو گهٽ سڪون ۽ گهٽي مشغوليت اوتري گهٽي بدحواسي. خير اهو ڪهڙو انسان آهي، جنهن جا حواس ڪڏهن بہ خطا نہ ٿيا هجن. ڪا اهڙي گهڙي ضرور اچيو وڃي جڏهن هو مجبورن بدحواس ٿيو وڃي. پر ڳوٺ جي رهاڪن کان شهر جا ماڻهو بدحواسيءَ جو گهڻو شڪار رهن ٿا، ڇو تہ هنن کي ڳوٺاڻن جي ڀيٽ ۾ ڪجهہ گهٽ ئي ذهني سڪون ۽ آرام ميسر آهي. بهرحال بدحواسي ڪنهن کان بہ ٿئي پر ڪي ڪي ”بدحواسيون“ ٿينديون ڏاڍيون دلچسپ آهن. اسان جيڪڏهن فقط پنهنجون بدحواسيون قلم بند ڪندا وڃون تہ ٿوري ئي عرصي ۾ هڪ عمدو مجموعو تيار ٿي وڃي. ڪجهہ ذاتي بدحواسيون پڙهندڙن واسطي:


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

## انتظار:

شل نہ ڪراچيءَ ۾ ڪنهن سواريءَ جي ضرورت پوي. ان ڏينهن رڪشا جي انتظار ۾ اڌ ڪلاڪ گذري ويو، پر خالي نہ آئي سا نہ آئي. ايتري ۾ منهنجو دوست اسڪوٽر تي اچي لنگهيو. پنهنجي ڪم جي اهميت ٻُڌائي ڪيس پنهنجي روم جون چاٻيون ڏنم تہ وڃي هاسٽل ۾ آرامي ٿئي ۽ ڪانئس اسڪوٽر جون چاٻيون ورتيون، اسٽيٽ بئنڪ ڏي راهي ٿيس. ان ڏينهن اتفاق سان لائيٽ بہ فيل هجي سو لفٽ بدران ڏاڪڻيون چڙهندو پنجين مار تي پهتس. جلدي جلدي ڪم لاهڻ بعد پنهنجي ئي خيالن ۾ هيٺ لهي رستي تي بيٺس. اوچتو هڪ خالي رڪشا ان وقت اچي لنگهي. پاڻ کي خوشنصيب سمجهي، رڪشا ترسائي چڙهي پيس، جنهن اچي هاسٽل جي در وٽ ڇڏيو.

روم وٽ پهتس تہ در اڳهين کُليل ڏسي وائڙو ٿي ويس تہ کهڙو چور ڪلف ڀڃي اندر ريڊيو وينو ٻُڌي! جان ڪٽي ڏسان تہ اسڪوٽر جو مالڪ! ۽ منهنجي هٿ ۾ اسڪوٽر جي چاٻي هئي. ٻي گهڙيءَ وري ساڳئي رڪشا جو انتظار شُروع ڪري ڏنم. پر هن دفعي مان اڪيلو نہ هوس، مون سان گڏ منهنجو دوست اسڪوٽر جو مالڪ پڻ هو.


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

## فرسٽ ڪلاس:

گذريل سال جي ڳالھ آهي. تعليم ختم ڪري، رنگون فلائيٽ ۾ دوست سان گڏ ڍاڪا پھتا ھئاسين. اتان ڪان اسان ڪي بوئنگ جيٽ ذريعي ڪراچي پھچڻو ھو. اسان جيئن ئي ڍاڪا ايئرپورٽ پھتاسين تہ ڪراچي ويندڙ جھاز اڏام لاءِ تيار ھو. اسان ڪي جلدي جلدي ان ۾ چڙھڻ لاءِ چيو ويو ۽ بنا ڪجھ سوچي سمجھي، رڳو جھاز جي ڏاڪڻ ۾ اکيون ڪُپائي چڙھي پياسين. چانھ جو دور ھليو. ڪجھ فرحت ورتيسين. ھينئر اسان جو جھاز ھندستان جي حد اندر بہ داخل ٿي چُڪو ھو تہ اوچتو اسان کي حد کان وڌيڪ گوڙ ۽ غير معمولي جڳھ مان معلوم ٿيو تہ ھي تہ سپرڪونڪ جھاز آھي ۽ اسان پاڙو تہ بوئنگ جو ڏنو ھو. دراصل موسم جي خرابيءَ جي ڪري انھن ڏينھن ۾ اڏامون ھيٺ مٿي ٿي ويون ھيون. ۽ ھن وقت بوئنگ بدلي سپر ڪونڪ جھاز وجي رھيو ھو جيڪو بوئنگ کان ھر لحاظ کان گھٽ آرامده ٿئي ٿو. باقي مسافرن تہ ڍاڪا ـ ايئرپورٽ تي ٿيل اعلان تي تفاوت جا پئسا وٺي ڇڏيا ھئا. اسان جلدي ۾ ھئڻ ڪري، ائين چڙھي پيا ھئاسين. منھنجي دوست يڪدم ڪال بيل وڄائي ھوسٽس کي گھرايو.

”محترمہ اسان کي بوئنگ جي ٽڪيٽ آھي. ھي تہ ڪو ٻيو جھاز آھي.“ اسان ھن کي سمجھائڻ جي ڪوشش ڪئي.


ھن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

” اسان شاگردن کان حساب موجب 47 روپيا وڌيڪ ڇو چارج ڪيا ويا آهن؟ جيستائين اسان پنهي ڪي جملي 84 روپيا موٽڻ جو آسرو نه ٿيندو، تيسين اسان جو سفر ڪڏهن به سکون سان نه گذرندو.“ (ياد رهي ته انهن ڏينهن ۾ ڇنگانگ کان ڪراچيءَ جي ٽڪيٽ 500 روپيا هئي!)

هوسٽس: ”ته پوءِ ان ۾ منهنجو ته ڏوهه ناهي. توهان کي ڊاڪا جي آفيس ۾ ڳالهائڻو هو.“

جهڳڙو سنجيده حد تائين پهچي ويو ۽ اوسي پاسي وارا به دلچسپي وٺي رهيا هئا. آخر ان ڳالهه تي هوسٽس کي آماده ڪيوسين ته اسان کي ٽوئرسٽ ڪلاس بدران اڳيان فرسٽ ڪلاس ۾ جڳهه ڏني وڃي.

هوسٽس جنهن کي اڃي جان سان لڳي هئي، تنهن بدحواسيءَ جي عالم ۾ ڪٽي ها ڪئي. ”ڇگو ترسو ته جانچ ڪري اچان ته خالي سيٽون به آهن.“ ائين چئي هوءَ اڳتي وڌي ۽ اسان پنهنجي سوٽ تي گد گد ٿيندا بليءَ پير ڪندا پويان وياسين. هن ايئر هوسٽس جهڙو فرسٽ ڪلاس ڪئبن جو پڙدو هٽايو تهڙو اسان سڀُ جنهن بوريت جي عالم ۾ پئجي وياسين، سا بيان ڪرڻ کان ٻاهر آهي. (دراصل ان ۾ پوسٽ ڊوئڻ لاءِ فرسٽ ڪلاس بدران ڪارگو ڪلاس نهيل هو. ۽ ٽپال کان علاوه مختلف سامان سان سٿيو پيو هو.)


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

## احسان:

حيدرآباد جي هڪڙي دوست مونکي ۽ منهنجي دوست منگيءَ کي ڪنهن فنڪشن ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ دعوت ڏني هئي. ڪراچيءَ کان حيدرآباد پهتاسين ته هو اسان کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ تعريف جا ڍُڪ پرڻ لڳو ته يار وڏي مهرباني، جو توهان آيائو. سچ ته توهان نه اچو ها ته مزو ڪرڪرو ٿي پوي ها وغيره وغيره اسان به پنهنجي شريف دوست تي وڏيڪ لئه رکڻ ۽ احسان جتائڻ لاءِ چيو: ”چا ڪريون پهچي نه سگهون ها. پجي ٻوڙي جهاز جي سيٽ هٿ ڪئيسين ۽ اچي نڪتا آهيون.“ (دراصل آيا گاڏيءَ ۾ هئاسيون سو به ٿرڊ ڪلاس ۾. ڪيسو ايترو هلڪو هئوسين جو ڪوٽڙي تي چانهه پيئڻ لاءِ جنگشاهيءَ کان سوچڻ شروع ڪيو هئوسين، ته ڪٿي واپسيءَ جي به ٽڪيٽ ٽي سگهندي يا نه)

خير دوست اسان جي خلوص مان ڏاڍو متاثر ٿيو. اها رات اتي رهڻي هئي. ٻئي ڏينهن آرام سان وري قصن ۽ ڪچهرين جو دور شروع ٿيو. ڳالهيون ڪندي منگيءَ حيدرآباد جو قلعو گهمڻ لاءِ خيال ڏيکاريو.

”ميان قلعي ۾ رهيو ئي چا آهي. هلو ته بي ڪا جڳهه ڏسون،“ ميزبان چيو.

”نه ادا. منگيءَ کي قلعي ڏسڻ جو ڏاڍو شوق آهي. هينئر به گاڏيءَ ۾ پئي آياسين ته رستي تي منگيءَ چيو ته اهو قلعو ضرور


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڏسبو.“ مون ڪان وات مان نڪري ويو ۽ سڄي لئہ خراب ٿي وڃي ها، پر منگي جو ڪافي حاضر جواب آهي، ڳالهہ ٽاهي ويو. پر چوندا آهن تہ هڪ ڪُوڙ انيڪ ڪُوڙن ڪي جنم ڏيندو آهي. سو اسان جي ڪُوڙ بہ ڦاٽ ڪاڍو. جڏهن ڳالهيون ڪندي اچي ريلوي جي عملي جون ڳالهيون نڪتيون ۽ منگي چئي ڏنو: ”يار مون ڪي ٽي ـ ٽين ڪان ڏاڍو ڊڄُ لڳندو آهي. ڪالهہ آياسين پئي تہ هڪ ڏاڙهي وارو ٽي ـ ٽي اسان جي ڊبي ۾ چڙهي پيو ۽ مون ڪي وري ٽڪيٽان هٿ نہ پيون اچن.....“

ان وقت اسان جي حالت ڏسڻ وٽان هئي. آئون منگيءَ ڪي اکيون پٽجي رهيو هوس تہ رنگ ۾ ڀنگ پيو ملائين ۽ اسان جو ميزبان راز جون ڳنڍيون سُلجهائي چُڪو هو.

## ٻار ٻچا:

ڪافي اڳ جي ڳالهہ آهي. اسان بئسڪيٽ بال مئچ پنهنجي پيٽاڙو ڪاليج طرفان ڪراچيءَ کيڏڻ وياسين. واپسي تي اسان سان گڏ ڊو ميڊيڪل ڪاليج جا پڻ ويهارو کن ڇوڪرا ڇوڪريون، حيدرآباد اچي رهيا هئا. ڪراچيءَ جي اسٽيشن تي ئي اسان ٻنهي ڪاليجن جي شاگردن هڪ ڊبي تي ڪٽي قبضو ڪيو ۽ ٻاهريان *Reserved* لکي ڪنهن ڪي بہ اندر اچڻ نہ ڏنو. گاڏي ڇُٽڻ ۾ اجان دير هئي سو بہ چار ڄڻا اندر وينا رهياسين، باقي هيٺ چڪر

لڳائي رهيا هئا. ايتري ۾ ٻه ڳوناٽا پيرسن اسان جي دٻي ۾ چڙهي پيا. ڪيترو ئي سمجهايوسين، ته هي رزروڊ آهي. دڙڪا ڏناسين. منٿون ڪيونسين پر مڃين ئي نه. چون "سائين اسان کي ڪيڏانهن تا ڌڪيو. اسان غريب ماڻهو آهيون. اتي پَٽَ تي ئي دروازي وٽ وينا رهنداسين. اوهان کي اسان ڏکويون ته ڪونه ٿا."

آخر اسان هنن سان پڇي نه سگهياسين ۽ هي هڙون رکي اتي ئي پَٽَ تي ويهي رهيا. گاڏي هلڻ لاءِ جهڙي سيٽي هنئي، ته چوڪريون به مٿي چڙهڻ لڳيون. چوڪرين کي ڏسي ٻئي پوڙها اٿي بيٺا ۽ عاجزيءَ سان چوڻ لڳا:

"سائين اسان کي معاف ڪجو. اسان کي کهڙي خبر ته توهان ٻارن ـ ٻچن سان آهيو."

ائين چئي ٻئي ڄڻا هيٺ لهي ويا.


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# پيار جي گهُٽ

## [افسانو]

هي مغرب آهي، اسان جي مشرق کان بلڪل نرالو ـ رسم، رواج، رهڻي ڪهڻي، اٿڻي ويهڻي، هر ڳالهه هر ڍنگ ۾. ايتري قدر جو هتي زندگيءَ جا قدر بہ مختلف ساهمين ۾، مختلف تورن ذريعي توريا وڃن ٿا. هتي هر شيءِ ماديات جي خيال ۽ نقطہ نگاهہ سان پرکي وڃي ٿي. جانچي وڃي ٿي. ڏٺي وڃي ٿي. هن مغرب ۽ اسان جي مشرق ۾ تمام گهڻو فرق آهي. مشرق روحانيت آهي تہ مغرب ماديات ـــ جتي هر جسماني خوشي حاصل ڪرڻ لاءِ، هر روز نوان طريقا ايجاد ڪيا وڃن ٿا. هتي هر نئين سج جي نمودار ٿيڻ سان گڏ نوانڻ ڳولهي وڃي ٿي. ساڳي ساڳي شيءِ جو ذري ذري استعمال هتي جي بور زندگيءَ ۾ شامل آهي ۽ ان سان نفرت هتي جو فئشن آهي. پوءِ اها شيءِ ڪٽي لکڻ جو قلم هجي يا پهرڻ جو ڪپڙو. انسان جي دوستي يا ڪنهن جو پيار.

بي غرض دوستي، سچو پيارُ، همدردي، سڪ، بي انتها ۽ اڻ ڪٿ چاهت، قرباني جهڙا لطيف ۽ سچا جذبا تہ هتي جي عجائب گهرن ۾ بہ نظر نہ ايندا ڇو جو هي مغرب آهي.


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

پر منهنجو اهڙي ماحول ۾ توسان پيار ٿي ويو ۽ تنهنجو مون سان! اها غلط فهمي ناهي، پر هڪ تمام وڏي حقيقت آهي، جنهن تي پهرين مون کي بہ اعتبار نہ آيو هو. جيڪڏهن ڪنهن ٻئي ٻُڌڻ واري کي يقين نہ آيو تہ ڪا وڏي ڳالهہ ناهي. پنهنجو پيار جيتوڻيڪ ايترو ناممڪن هو جيترو مشرق ۽ مغرب جو پاڻ ۾ ميلاپ يا نديءَ جي ٻن ڪپرن جو سنگم. پر جو ٿي وي تہ ان کي ڇا ڪجي! ۽ اها تہ هر هڪ کي خبر آهي تہ عشق انڌو ٿيندو آهي. جا تمام سني ڳالهہ آهي نہ تہ ڇا مغرب جي تو جهڙي گوري رنگ واري پريءَ جهڙي سهڻي ۽ ڇا مشرق جو هڪ *Coloured* انسان! (پري مون ڏٺي تہ ناهي پر ٻُڌو اٿم تہ تمام خوبصورت ٿيندي آهي. ۽ جي پريون خوبصورت ٿينديون آهن تہ پوءِ مغرب پرين جو ملڪ آهي، حسينائن جو ملڪ آهي. ڇا حسن ڇا سونهري وار. ڇا نيريون اکيون ۽ ڇا کير جهڙي اڇي چمڙي!)

پر عشق کان وڌيڪ عشق ڪرڻ وارا انڌا ٿيندا آهن. نہ فقط اکين کان. پر سمجهڻ کان. سوچڻ کان. هر شيءِ کان ـــ جا هيڪاندي سني ڳالهہ منهنجي *Favour* ۾ آهي. نہ تہ پڪل ميوي وانگر تون ڪڏهن بہ منهنجي گود ۾ نہ اچي ڪرين ها ۽ هن وقت هي تنهنجي ريشمي سنهري وارن جون ڇڳون، جي ڳاڏيءَ ۾ لڳندڙ تکي هوا ۾ اڏامي منهنجي ساهہ سان ٽڪرائجي رهيون آهن سي ايتريون خوبصورت هرگز نہ لڳن ها ۽ نہ تنهنجي بدن ۾ لڳل توباڪ ڊيوڊورنٽ جي سُڳنڌ ۾ سَنڌُ سَنڌُ منهنجو سرهو ٿي


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

وجي ها ـ جنهن جي عام طرح ڪنهن به دڪان تي ڪابه قيمت ناهي.

ها هينئر جو اسٽاپ ايندو ان کان پورن ٽن اسٽاپن بعد نيويارڪ (مئن هٽن) جي سينٽرل اسٽيشن ايندي، جنهن تي پاڻ ٻئي لهنداسون. آئون ٿورو پنيان رڙهي توکي اڳيان لهڻ لاءِ جڳهه ڏيندس ۽ تون مون کي ڏسڻ سان چوندينءَ: "اختر! تون اتي منهنجي پُٺيان وينو هئين ڇا؟ مون تہ توکي ڏٺو ئي ڪونہ!" ۽ مسڪرائي مون کي بہ ساڻ ڇڪي، هيٺ لهندينءَ ۽ گاڏي اسان کي ڇڏي پنهنجي منزل ڏي هلي ويندي. پاڻ هٿُ هٿَ ۾ ملائي اسٽيشن کان ٻاهر نڪري "براڊوي" تي ايندا سين. پهرين تنهنجي آفيس ايندي جتي تون پارٽ ٽائيم جاب ڪرين ٿي، ان بعد منهنجي. تنهنجي آفيس وٽ پهچي توکي شام جو ڊيوٽي ختم ڪرڻ وقت ملڻ لاءِ چوندس. تون اقرار ۾ ناز سان ڪنڌ لوڏي، پنهنجي مخصوص آمريڪن لهجي ۾ منهنجو نالو وٺي 'باءِ باءِ' چوندينءَ (منهنجو نالو تنهنجي مٺي آواز سان ملي ڪيڏي نہ جاذبيت اختيار ٿو ڪري!).

آئون جڏهن پنجين وڳي ڊيوٽي ختم ڪري راڪ فيلر سينٽر وٽ پهچندس تہ تون مون کان اڳ منهنجو انتظار ڪندي ملندينءَ.

"انيتا! توکي انتظار جي زحمت ٿي. دراصل مون کي انتظار ڪرڻ کپندو هو. تون آهين ئي اهڙي پياري شيءِ جنهن کي ذري جي تڪليف بہ ڏيڻ نٿي جُڳائي" آئون چوندس.


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

”نہ نہ اختر. پوءِ چا ٺيو“، تون مرڪي هميشہ وانگر مون کي سمجهائيندينءَ، ”توکي اهو سوچڻ نہ گهرجي. هتي مرد ۽ عورت برابر آهن، هي مغرب آهي.“

پوءِ پاڻ ٻئي رستو ٽپي، پر واري ڊرگ اسٽور تان آئيس ڪريم جا ڪون وٺي ڪائيندا سين ـ چاڪاڻ جو توکي آئيس ڪريم تمام گهڻي وڻي ٿي. اڄُ تون شايد ونيلا آئيس ڪريم کائين يا اسٽابيري يا ڪا ٻي. پر آئون هميشہ وانگر چاڪليٽ آئيس ڪريم کائيندس ۽ تون هڪ دفعو وري ٽوڪيندينءَ: ”ڪمال آهي ساڳي ساڳي کائي تنگ نہ ٿو ٿين؟ آئون تہ هڪ ئي آئيس ڪريم يڪو هفتو کانوان تہ اڪهي ٿي پوان.“

۽ آئون کو جواب نہ سوچي، ڪجهہ ڳالهائڻ خاطر چوندس: ”انيتا! اسان جي ملڪ ۾ کو ههڙي سرديءَ ۾ آئيس ڪريم کائي تہ ماٺهو مٿس کلن!“

”پر هي تہ مغرب آهي پيارا!“ تون چلولي ٻار وانگر چوندينءَ.

پاڻ پوءِ ڪجهہ پنڌ هٽُ هٽَ ۾ ڏيئي ۽ ڪجهہ پنڌ هڪ ٻئي جي ڪُچيءَ ۽ چيلهہ ۾ ٻانهون ورائي ٽائيمس اسڪائر جي ڪنهن سئنيما هال وٽ پهچنداسين ـــ ’فني ـ گرل‘ فلم جي پوسٽر اڳيان، جنهن تي فلم جو هيرو عمر شريف هيروئن کي ياڪر ۾ جهلي بيٺو آهي.

”چا پيو سوچين ـــ؟“


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

”سوچيان پيو تہ هيرو ڪيڏو نہ خوشنصيب آهي“ آئون تنهنجي ڪلهي تي ڪاڏي رکي توکي چيڙائيندس. ” Not more than *you*“ تون رُسڻ واري انداز ۾ چوندينءَ. ”فني گرل.“

”ڪير آءٌ“ تون پنهنجي مخصوص انداز ۽ ادا ۾ ساڄي هٿ جي ڏسٽي آڱر سيني تي رکي ۽ کاٻي هٿ سان، منهنجي هٿ کي سوگهو جهلي پنيان نئڙي پُڇندينءَ. ۽ آئون توکي پاڻ ڏانهن ڇڪي چوندس: ”نہ نہ. تون نہ. هن فلم جي هيروئن باربرا.“ ۽ تون اڃي منهنجي سيني سان لڳندينءَ. پاسن کان لنگهندڙ ڇوڪرا ڇوڪريون، عورتون مرد ـــ ڪوبہ اسان ڏي ڌيان نہ ڏريندو. ڇو تہ هتي ان قسم جي ڳالهہ ڪا غير معمولي ناهي. ۽ پهرين دفعي ئي تو مون کي ٻُڌايو هو تہ هي مغرب آهي. پوءِ تون رازدارانہ انداز ۾ مون کان آهستي پُڇندينءَ! ”اختر فلم ڏسبي يا.....؟“

”نہ نہ. هتان هل تہ هلون انيتا. هن ماڻهن جي گوڙ شور کان پري ڪنهن خاموش جڳهہ تي. سينٽرل پارڪ جي ڪنهن ويران ڪُنڊ ۾ جتي فقط تون ۽ مان هجان. جتي تون ’تون‘ نہ رهين ۽ مان ’مان‘ نہ رهان. جتي فقط ڊگهن يوڪلپٽس وڻن جا پاڇا هجن. گلن جون ٻاريون هجن. ٿڌي ۽ ڪليل هوا هجي. پر ۾ وهندڙ ڦوهاري جي پاڻيءَ جو سنهو آواز هجي.“

پاڻ هميشہ وانگر زمين دوز گاڏي IRT ذريعي اتي پهچي ويندا سين. تي سگهي ٿو تہ گاڏي هيءَ ئي هجي، جنهن ۾ پاڻ شام جو چڙهي سينٽرل پارڪ هلون، پر انيتا وقت بدلي چُڪو


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

هوندو. وقت ـــ جو هر شيءِ کي ماضيءَ ۾ ڌڪيو ڇڏي. هر ڳالهه، هر ڪهاڻي، هر واقعو، هر ساعت ماضيءَ ۾ بدلجيو وڃي. هر انسان، هر صورت، هر نگاهه هر آواز، هر خوشبوءِ ۽ هر رشتو هڪ ياد بڻجيو وڃي. پنهنجي هن حسين ملاقات جا لمحا بہ فقط ياد ۾ بدلجي ويندا ـــ بين انيڪ يادن سان گڏ. پوءِ ڪجهہ يادون هميشہ ذهن ۾ محفوظ تازن گُلن وانگر سدا بهار رهن ٿيون. ڪي وڻ مان ڪريل سُڪل پنن وانگر، جيڪي هيڏانهن هوڏانهن ٽڙي پکڙي اکين کان اوجهل ۽ غائب ٿي وڃن ٿا. ڪي يادون ذهن ۾ اچڻ سان تازگي ۽ سڪون ڏيارين ٿيون.

گاڏي پنهنجي رفتار سان هلي رهي آهي. سندس ڦيٿن جو هرهڪ چڪر، ڪرئنڪ شافٽ ۽ پسٽنن جي چُرپُر ۽ اچُ وڃ، وقت سان گڏ ماضيءَ ۾ داخل ٿي رهي آهي ۽ هاڻي بہ اسٽاپ سينٽرل اچڻ ۾ وڃي بچيا آهن. گذريل اسٽاپ جون گهڙيون ماضيءَ جي ڪنڊڻ ۾ وڃي مليون، جتي ان ڏينهن جي ياد پڻ دٻيل آهي، جڏهن منهنجي ملاقات توسان پهريون دفعو ٿي هئي.

آمريڪا ۾ تعليم وٺڻ لاءِ آئي مون کي اجان ٿي مهينا مس ٿيا هئا تہ ”سمر هاليڊيز“ شروع ٿي ويا. آءٌ پنهنجي يونيورسٽي، ڇڏي، موڪل جا ڏينهن ’پارٽ ٽائيم جاب‘ لاءِ، گهما گهميءَ جي شهر نيويارڪ ۾ بين ملڪي دوستن سان هڪ اپارٽمينٽ ۾ اچي رهيو هوس. آءٌ ان کان اڳ فقط پنهنجي ملڪ ۽ معاشري سان هريل هوس ۽ ان جي قدرن جو مغرب جي ڌارئين ماحول ۽


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

معاشري جي مادي نظريات سان جڏهن تصادم ٿيو ته آئون پهرين سخت ذهني الجهن ۾ پئجي ويس ۽ انهيءَ الجهن مان ڪڍڻ لاءِ جڏهن مون کي دوست برانڪس جي هڪ ڊسڪوٿي ۾ وٺي آيا ۽ زور ڪرڻ تي به ڊانس ڪرڻ کان انڪار ڪيم ته هڪ هتي جي ماحول کان آگاهه ڪندي ٻڌايو ته: ”لالا هي مغرب آهي. هتي هر انسان خوشيءَ جا لمحا ائين گذاري ٿو.“ اتي تو فلور تان اچي پنهنجي هٿ جي آڇَ ڏئي مون کي ڊانس لاءِ اٿاريو. ۽ آئون خبر ناهي ڇو ڪهڙي ڪشش هيٺ ڇڪجي توسان ڊانس فلور تائين هليو ويس.

”آئون توکي سيڪاريندس. هرهڪ ڇمندي ڇام نه ٿيندو آهي.“ تنهنجي آواز ۾ ان وقت ايڏي همدردي هئي، پيار هو، خلوص هو جو بيان ڪرڻ کان ٻاهر آهي.

”آئون اڪنامڪس جي ٻئي سال ۾ آهيان. لوزيانا رياست جي نيو اورلينس شهر ۾ رهان ٿي. جتان مشهور ۽ ڊگهي ندي ’مسي سپي‘ وهي ٿي. هر سال موڪل جا ڏينهن نيويارڪ ۾ پارٽ ٽائيم جاب ڪرڻ لاءِ ايندي آهيان.“ تو مون کي ڊانس جا قدم سيکاريندي ننڍڙن جملن ذريعي پاڻ بابت ٻُڌايو هو.

”آئون بالٽيمور ۾ ڪيميڪل انجنيئرنگ جي پهرين سال ۾ آهيان. اڄُ ڪلهه مئن هٽن ۾ *R.C.A* بلڊنگ ۾ هڪ آفيس ۾ پارٽ ٽائيم جاب ڪريان ٿو ۽ مئن هٽن ويسٽ ۾ رهان ٿو.“


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

”منهنجي آفيس ۾ اتي ئي آهي. ڏاڍو سنو. ڪڏهن ڪڏهن ملاقات ضرور ٿيندي رهندي.“

”تون آچر تي مون سان ماني کائج.“ مون خبر ناهي، ڪيئن توکي دل ٻڌي دعوت ڏني. اهو آمريڪا ۾ منهنجو پهريون دليريءَ جو ڪم هو. تو ان وقت جواب ۾ ”ضرور“ چيو پر مون کي پڪ هئي ته تون ڪانه ايندينءَ. هڪ ڇوڪري جي اپارٽمينٽ ۾ هڪ ڇوڪريءَ جو اڪيلو اچڻ ڪيئن ممڪن ٿي سگهي ٿو. پر هي مغرب آهي. تون مون وٽ پوري وقت تي اچي وئينءَ. هيڏانهن هوڏانهن جون خبرون ڪندي رهينءَ. ايشيا جي تاريخ بابت، ايشيا جي ادب بابت. ايشيا جي تهذيب ۽ تمدن بابت ۽ ان پهرين ملاقات ۾ تون ايڏو فري ٿي وئينءَ جو ائين محسوس ٿيڻ لڳو ڄڻُ پاڻ هڪ ٻئي کي ازل کان سُڃاڻون. پنهنجي دوستي جنم جنم کان هلندي اچي. ٻئي ’ويڪ ائنڊ‘ تي پنهنجي ملاقات راڪ فيلر سينٽر وٽ ٿي هئي، جتي اڄُ وري ملڻ لاءِ توکي چوندس. اتان تون مون کي پنهنجي اپارٽمينٽ ۾ وٺي وئي هُئينءَ جنهن ۾ تنهنجي ساهيڙي پئٽريشيا پڻ رهي ٿي. هوءَ ان وقت پنهنجي ٻُئاءِ فرينڊ ائنٿونيو سان فلم ڏسڻ وئي هئي، تو ٻُڌايو هو. تون مون کي ’مان شيري امور، لومي ائز اي سمر ڊي‘ ۽ ٽام جونس جي رڪارڊ ’وي هئڊ گڊ ٽنگس گوئنگ‘ تي ڊانس ڏيکاريندي رهينءَ. جڏهن ميوزڪ ختم ٿي ته ڪوچ تي ويناسين. تو منهنجو يڪدم هٿ جهلي چيو: ”اختر! آئون توکي چاهيان ٿي. منهنجو توسان


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

پيار ٿي ويو آهي.“ تو اهي لفظ ائين چيا، ڄڻ ڪو هوٽل ۾ ويهي ڪوڪا ڪولا جو آرڊر ڏئي. آئون توکي ورنديءَ ۾ ڪجهه چئي نه سگهيس. جيتوڻيڪ دل ڪجهه چئي رهي هئي. منهنجي نرڙ تي پگهر جون بوندون مِڙي آيون هيون. پئٽريشيا جي ٽيبل تان مٿيون فوٽو کڻي پڇيومانءِ ته هيءَ آهي تنهنجي ساهيڙيءَ جو بُئاءِ فرينڊ ائنٽونيو.

”نه. هي ته باب جو فوٽو آهي. پئٽريشيا جو پهريون دوست.“

”چو هاڻ ڪونهيس چا؟“

”نه. ڪيس باب جو نڪ نه وڻندو هو. انڪري ڇڏي ڏنائين.“

”۽ هي ٻيو فوٽو؟“

”هي سندس باب کان اڳ جو دوست آهي.“

مون سوچيو ته توکان پڇان ته تنهنجي ساهيڙيءَ وانگر توکي به ڪو ٻيو دوست هو يا آهي. پر ان جي ضرورت مون محسوس نٿي ڪئي. ان قسم جو شڪ دل ۾ آڻڻ به مون گناهه ٿي ڄاتو ۽ وڏي ڳالهه ته مون کي همت به نٿي ٿي پڇڻ جي، ڇاڪاڻ جو مون کي به توسان پيار ٿي ويو هو. زبان سان اقرار نه ڪيو هوم پر دل بار بار اقرار ڪندي رهي. ۽ ڪوبه پنهنجي محبوبا بابت ڪا اونڌي سونڌي ڳالهه ٻُڌڻ پسند نه ڪندو.

تون منهنجي زندگيءَ ۾ ڇا آئينءَ، منهنجي بيقرار ڪيفيتن ۾ تازگي اچي وئي. پنهنجو هر روز هڪ ٻئي لاءِ وڌندڙ پيار ۽ ملاقاتون جاري رهيون ۽ وقت جي خبر نه پيئي ته ڪيئن موڪلن


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

جا ٿي مهينا جلدي گذري ويا ۽ نيويارڪ ڇڏي تون نيو اورلينس هلي وئينءَ ۽ آئون ميري لئنڊ رياست جي شهر بالٽيمور ۾. آخري ڏينهن آئون توکي هوائي اڏي تي ڇڏڻ آيو هوس. موڪلائڻ وقت به اهو ئي پيارُ هو، وعدا ۽ وچن هئا ــ خط لکڻ جا، ياد ڪرڻ جا. وري سياري جي موڪلن ۾ نيويارڪ ۾ ملڻ جا.

پوءِ منهنجي حسرتن ۾ اهڙيون عجيب ڪيفيتون شامل ٿي ويون جو توکي وساري ڇڏڻ جا سڀُ حيلا ناڪام ٿي ويا. تنهنجي ياد منهنجي زندگي بڻجي وئي. هر ڪتاب کولڻ سان تنهنجي من موهڻي ۽ پياري صورت نظر اچڻ لڳي. آءٌ توکي هر وقت ساريندو ۽ سنڀاريندو رهيس، پر تون وساريندي رهينءَ. منهنجا انيڪ خط ۽ تارون ائين ئي وڃڻ لڳيون پر تو وٽان پهچ جا به لفظ به جواب ۾ نه آيا. آئون سهندو رهيس. آئون پوڇيندو رهيس. مون پنهنجو مستقبل توسان وابسته ڪري ڇڏيو هو. ’تون منهنجي آهين، پرائي ٿي نٿي سگهين. ٻيو ڪو تنهنجو هٿُ هرگز نٿو جهلي سگهي‘ ــ مون سوچيو هو.

مس مس پنج مهينا گذريا ۽ سيميسٽر جا امتحان ٿيا. امتحان ۾ فيل ٿيس، جنهن جي به پڪ هيم. اسڪالر جا ۽ گهران آيل پئسا ختم ٿي چُڪا هئا ۽ نيويارڪ پارٽ ٽائيم جاب ڪرڻ آيس. اتفاق سان پهرين رات ئي روزيلينڊ بار ۾ مون توکي هڪ جرمن سان گڏ ڏٺو، هڪ ڊارئين ڪي توسان ائين نچندو ڏسي آءٌ غم ۽ غصي ۾ پچرندو رهيس. ميوزڪ ختم ٿيڻ تي تون


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

منهنجي پرسان لنگهي وئينءَ. مون سمجهيو تون مون سان ملي معافي وٺندينءَ. خط نہ لکڻ جا سبب ٻُڌائيندينءَ. پر انسان ڪيڏو غلط ٿو سوچي! هو هر ڳالهہ ۾ پنهنجي تمنا ۽ چاهنا جي ويجهو ٿو سوچي. مون سوچيو ٿي تہ جسمن جي قريب اچڻ سان سوچڻ جو انداز بہ هڪ ٿي ويندو. پر تون فقط تن جي پوڄاري رهي من جي موهہ کي ڪٿ ۾ نہ آڻي سگهينءَ.

پرسان لنگهڻ وقت، مون تي نظر پوڻ تي تو فقط ٿڌي طرح ’هيلو‘ چئي جرمن ڇوڪري کي پاڪر پائي ٻاهر نڪري وئينءَ ۽ آئون پنهنجي اندر جي باهہ جي ڪوري ۾ ئي جلندو رهيس. پڇندو رهيس، گهُٽ ڪان ساهہُ مُنجهي رهيو هو. اُج ڪان نڙي سُڪي وئي هئي. ٽيبل تي رکيل سڄو ڊبو جوس جو هڪ ئي ڍُڪ ۾ پي ويس. پر باهہ تي ڄڻ ڇنڊو بہ نہ لڳو. مون سمجهيو هيءَ باهہ مون کي ساڙي پوءِ وسامندي. پر صدين جو قول سچو ئي ثابت ٿيو ۽ وقت نہ فقط جسم جا، پر منهنجي دل جا زخم بہ ڇيني ڇڏيا.

ان رات بعد ــ جنهن رات مون پنهنجو پاڻ کي زندگي جي هر امتحان ۾ فيل ٿيندي ڏٺو هو. ان رات ڪان پوءِ، توکي اڄُ هن گاڏيءَ ۾ ڏسي رهيو آهيان. ٽن سالن جي عرصي ڪان پوءِ هينئر جڏهن آئون پنهنجي تعليم ختم ڪري پنهنجي وطن مشرق ڏي وڃڻ جي تيارين ۾ آهيان. تون منهنجي اڳئين سيٽ تي بيخياليءَ ۾ ويٺي آهين. تنهنجي پر ۾ اڄُ هڪ نئون دوست ويٺو آهي ــ شايد اسپيني يا پورٽريڪن آهي ــ يا ڪو ٻيو. سينٽرل


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

استيشن وٽ جڏهن گاڏي بيهندي تہ لهڻ وقت پنهنجون نگاهون ملنديون. آئون چاهيندي بہ توکي نہ چوندس تہ 'انيتا اڄُ مون سان وري راڪ فيلر سينٽر وٽ ملجانءِ.' نہ نہ. هرگز نہ. ٿي سگهي ٿو اڄُ تون مون کي اها ٿڏي 'هيلو' بہ نہ ڪرين. ۽ نہ ان قسم جي هاڻ مون کي اميد رکڻ کپي. مون کي هاڻ تو بابت سوچڻ بہ نہ جُڳائي، ڇو تہ آئون سمجهان ٿو تہ هي مغرب آهي. ڪالهہ جي منهنجو وارو هو تہ اڄُ هينريءَ جو ـــ يا ڪنهن ٻئي جو. پر منهنجي اندر ۾ اڄُ وري گهُٽ محسوس ڇو ٿي رهي آهي ـــ؟ اڄُ منهنجي نڙي سُڪي نوٽ ڇو ٿي وئي آهي! سينٽرل استيشن تي توکي هڪ ڏارئين سان هٿَ ۾ هٿُ ملائي لهندو ڏسي، شايد اجان بہ وڌيڪ گهُٽَ محسوس ڪريان. ان ڪان بهتر آهي تہ آئون هڪ اسٽاپ اڳ ۾ ئي لهي وڃان. ۽ هاٽي جو *34-St* جو اسٽاپ ايندو، ان تي آئون ماٺ منوڙي ۾ لهي ويندس، توکي خبر بہ نہ پوندي تہ تنهنجي پويان وينل هن اسٽاپ تي، جنهن جي ويجهو آئيس ڪريم جو دڪان آهي، لهي ويو. اڄُ آئون اتي چاڪليٽ آئيس ڪريم نہ کائيندس. اڄُ آئون ونيلا آئيس ڪريم يا اسٽرابيري آئيس ڪريم ـــ يا ڪا ٻي کائڻ جي ڪوشش ڪندس. ٿي سگهي ٿو تہ اها منهنجي اندر جي گهُٽ ۽ تانگهہ کي ختم ڪري ڇڏي.

(1970 موزمبيق ـ آفريڪا ۾ لکيل.)


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# ڪونهي ات ڪو هيار

[افسانو]

هيءَ هتي جو مشهور ڪاليج آهي. هن مان هر سال شهر جا ڪيترائي ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون گريجوئيٽ ٿي نڪرندا آهن. هن ڪاليج جو حال به ساڳيو ٻين ڪاليجن جهڙو آهي جن ۾ *Co-education* آهي. ڇوڪريون پاڻ وڻائڻ لاءِ هر روز نوان نخرا ڪنديون آهن، ۽ ڇوڪرا انهن جي ادائن تي مرندا آهن. هتي ان ڇوڪري جو گهڻو مان نه هوندو آهي جو پڙهائيءَ ۾ گهڻو هوشيار هجي پر جنهن جي گهڻين ڇوڪرين سان دوستي هجي ـ بلڪ ڪِل ٺهڪو هجي. ڪيترا ڇوڪرا، ڇوڪرين جي مرڪڻ جهڙي ادا لاءِ به واجهائيندا رهندا آهن. جي اتفاق سان ڪنهن به منا ٻول ڳالهايا ته همراهه خوشيءَ ۾ پيا ٽڙندا. رسيس ۾، ڪامن روم ۾، هاسٽل ۾، چونڪ وٽ پارسيءَ جي هوٽل ۾ هفتو ڏيڍُ پيا مرچ مسالا وجهي ان ڳالهه جو دور ڪندا ته مس فلاڻيءَ مون کي هي چيو جنهن جي جواب ۾ مون وري هي تير هنيو.

ڇوڪرين جا ڪيترائي قسم آهن. ڪي ويچاريون شڪل صورت کان مار کاڌل، زوريءَ پيون ڳالهائينديون ۽ پاڻ وڻائڻ جي ڪوشش ڪنديون ته ڪي ويچاريون پورڙيون ۽ مت جون موڙهيل ـ يا ڪٽي ائين چئجي ته ’عورت کي عقل ڏائي کُڙيءَ ۾ هوندو آهي‘ ـ ان کي ثابت ڪرڻ واريون، ڪنهن ڇوڪري جي


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڳالهين ۾ ڦاسي، ان کي ئي غنيمت سمجهي، محبت جي ميچنا ڪري ويهنديون آهن. پوءِ وڏا وڏا اسڪئنڊل ٿيندا آهن. ڇوڪرو ايترا رقيب ۽ ڳالهيون ٻُڌي ڊڄي ويندو آهي ۽ ڇوڪري ان کان به اڳ دوستيءَ تان هٿُ کڻي پنهنجي اپري سيري ساک واپس قائم رکڻ ۾ لڳي ويندي آهي.

پر سلما انهن مڙني ڇوڪرين کان نرالي آهي. تمام گهڻي چالاڪ، ذهين ۽ عمر جي لحاظ کان ڊيبوٽي، ٻيٽي هوشيار. بي.ايس.سي جو پهريون سڄو سال ماٺ ۾ گذاري هاڻي ٻي سال ۾ آئي آهي. هڪ معمولي اسٽيشن ماستر جي ڌيءَ آهي. پر سونهن جي ڪري (جنهن ۾ قدرت جو حصو گهٽ ۽ اڄُ جي نت نوَن ڪاسميٽڪس جو وڏيڪ آهي) ائين ٿو لڳي ڄڻ هوءَ هن وڏي شهر جي ڪنهن وڏي واپاري يا رشوت خور آفيسر جي ڌيءَ هجي. عمر ۾ ٻاويهن سالن جي لڳ ڀڳ ٿيندي پر پڇڻ تي حرام جو ارڙهن سالن کان هڪ ڏينهن به مٿي ٻُڌائي ــ ۽ واقعي ڏيک ويک ۾ به سترهن ـ ارڙهن سالن جي ٿي لڳي. پاڻ ڪاليج جي ڇوڪرين ۾ ڏاڍي مشهور آهي. حال پاياٽي پڻ. هر ڇوڪري ساڻس دل جو حال اوريندي آهي. ڪيس خبر پوندي آهي ته سندس فلاڻي ساهيڙي جنهن کي سندس فلاڻو ڪلاس ميٽ چاهيندو هو ۽ هاڻي ڇڏي ڏنو اٿس، ان ڪري اداس رهي ٿي ته ڪيس ڏاڍو افسوس ۽ ڇڙ لڳندي آهي. سندس بي وقوفيءَ تي کلي چوندي:


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

”چرين جي کهڙي نہ سادي دل آهي. بس جهٽ پَٽ جنهن کي ٿو اچين تنهن کي دل ڏيو ويهن.“

”تون وري ان حفيظ پويان اچي پئي آهين. سچي دل جي هجيس ها ۽ شاديءَ جو خيال تہ هيستائين سندس ماءُ پيءُ منٿون ڪرڻ لاءِ توهان جي گهر جا چڪر هڻن ها. منهنجي ورِ چڙهي تہ ڏينهن جا تارا ڏيکاريانس. ايديٽ“ هڪ ڏينهن فوزيا کي سمجهائيندي چيائين.

”اهڙو بہ تہ تنهنجو دوست ناهي.“ فوزيا جذباتي ٿيندي وراڻيو.

”منهنجي ڳالهہ نہ ڪر، مان ڪا تو جهڙي پرَمتڙي ۽ بيوقوف ناهيان. اسان اجان ماٺ ۾ آهيون. مارينداسين، پر ڪو مير مارينداسين. باقي چاڪر کهڙا چڪائبا! اڙي منهنجي فوزي، هڪ ڏينهن ويهي ڏسجانءِ تہ جنهن کي مان دل ڏيندس، سو تہ هميشہ لاءِ حواس وڃائي منهنجي پويان چڪر هڻندو رهندو.“ سلما اعتماد ڀري لهجي ۾ چيو. ۽ اهو واقعي سچ آهي. سلما ماٺ منوڙي ۾ هر ڪلاس ميٽ جو جائزو وٺندي رهي. هوءَ هڪ ذهين مهاڳي وانگر بي.ايس.سي جو پهريون سال پورو ڪري ٻئي جي بہ آخري مهينن تائين پهتي آهي. هن کي خبر آهي تہ چار ڪتي ۽ ڪڌهن اچلائجي. ان لاءِ ڪاليج ڇڏڻ کان ٿورا مهينا اڳ بهتر رهندو آهي. آخر اهي ڏينهن بہ اچي ويا. هن پنهنجي نشاني تي تير هنيو ۽ تير نہ گُتو.


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

اسلم سلما جو ڪلاس ميٽ آهي ۽ منهنجو گهاٽو دوست ۽ روم ميٽ. سڪر جي هڪ وڏي واپاريءَ جو پُٽ آهي. شڪل شبيهه جو به ڪو ويل ناهي، ۽ نه ئي پئسي جي ڪوٽ. پر ان هوندي به سڄي سال اندر ڪوثر جهڙي ڪالي ڪلوٽيءَ سان به ويجهڙائپ پيدا ڪري نه سگهيو. پهرين سال هن ڏاڍي ڪوشش ڪئي ته جنهن شيءِ جي هن کي ضرورت آهي، اها پڻ پوري ٿي وڃي. سلما بابت ته هو خواب خيال ۾ به سوچي نٿي سگهيو، پر حسنا ۽ بلقيس لاءِ به ڏاڍو واجهايائين ته من انهن ڇپين ڦڏين مان ئي، ڪا لفٽ ڏئي ته واهه واهه ٿي ويندي. ۽ ڪاليج ۽ هاسٽل جي ٻين همراهن تي به واهه جي لئه ويهي ويندي. پر جڏهن پهريون سال ان جاکوڙ ۾ گذري ويس. پر ڪڙ تيل ڪجهه نه نڪتو ته ٻئي سال اهو سوچي ته 'جنهن سج چڙهندي تاءُ نه ڪيو، سو لهندي ڪهڙو ڪندو،' ماٺ ڪري هڪ مَنو ٿي پڙهڻ ۾ جنبي ويو. آخر هن کي هاڻ فڪر ئي ڪهڙو هو. شادي ته هن کي ڪنهن به ڪلاس ميٽ سان ڪرڻي نه هئي، جو امتحانن بعد سندس خاندان جي هڪ ڇوڪري زرينا سان ٿيڻ جو پروگرام هو. زرينا سان سندس مڱڻو گهڻو اڳ ٿي چُڪو هو ۽ ڳوٺ جي ئي اسڪول ۾ مئٽرڪ پئي ڪيائين. اسلم هن جي تعريف جا ڍُڪ هر وقت پنهنجن دوستن اڳيان پريندو آهي: "زرينا هڙي آهي. هوءَ مون کي ڏاڍو چاهي ٿي. تمام خوش مزاج کلمُک آهي. وڏي ڳالهه ته هوءَ به ساڳيا خيال رکي ٿي. ڪڏهن به ائين نٿو ٿئي جو آءٌ يا شاهه


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

يا ساميءَ تي ڳالهايان تہ هوءَ پيٽلز ۽ باب هوپ جون برٿ ڊيٿون ٻُڌائي...“ ۽ اسان اسلم جون اهي ڳالهيون ٻُڌي ڏاڍو متاثر ٿيندا هئاسين.

پر چوندا آهن تہ لڳيءَ کي لعنت آهي. شل نہ ڪنهن جي اندر ۾ عشق جهڙي مرض جي باهہ دُکي. ۽ هينئر جڏهن سلما ۽ اسلم کي ڪامن روم ۾ چانهہ جي آفر ڪئي ۽ لئبارٽري ۾ زولاجي جو *Experiment* ڪرڻ وقت اچي هن جي پارٽنر ٿي، تہ هو واقعي پنهنجا حواس وڃائي وينو. اڄُ هن پاڻ کي خوشنصيب ٿي سمجهيو. هن جڏهن مليل ساندي کي ڪلوروفارم ڏنو تہ اڄُ هن جي دل ۾ هڪ عجيب سٽ پيدا ٿي. جيڪر هن جي هٿ ۾ هجي ها تہ ڪجهہ ساعتن لاءِ هال ۾ بينل سڀ شاگردن، ڊيمانسٽريٽر ۽ نوڪر کي ڪلوروفارم سونگهائي بيهوش ڪري ڇڏي، ۽ پوءِ ڇڙو پاڻ هجي ۽ سلما هجي ۽ پيار جون ڳالهيون. اڄُ تہ هن جي جهوليءَ ۾ چنڊ جهُليو هو! اهو سوچي هن ڪان ڪِل نڪري وئي. سلما ناز سان *Scalpal* کڻي بيهوش ساندي جي پيٽ کي ڇهڪ ڏنو ۽ گهاتو گهاتو، ڪاراڻ تي مائل رتُ، ساندي جي پيٽ مان وهي ڊش جون حدون ڳولڻ لڳو. اسلم ائين محسوس ڪيو جڻ سلما ساندي کي نہ پر سندس دل کي وڍي پنهنجي پيار جو پيوند لڳايو هجي. اسلم سڀُ پراڻيون ڳالهيون وساري وينو ـــ هاڻي سلما هئي ۽ سندس اڻ کُٽ ڳالهيون ـــ ”اڄُ مون ڪان هن منهنجي مائٽن جو پڇيو. اڄُ پاڻ ٻُڌايائين تہ بئي يونيورسٽي ۾


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

مائڪروبائلاجي ۾ ايم.ايس.سي ڪنداسين. سندس پيءُ ريلوي ۾ وڏو آفيسر آهي. سوسائٽي ۽ ڪلفٽن ۾ سندس وڏا بنگلا آهن. پر في الحال دستگير ڪالوني ۾ هڪ سرڪاري ڪوارٽر ۾ رهن ٿا. سندس اڪيون ڀيڻيون آهن. وارن جو اهڙو اسٽائيل ٻي ڪا ڇوڪري ناهي ڏيڪاري؟ اڄ هن مون کان پڇيو ته اسان جي خاندان ۾ مون جيڏي ڪا ٻي ڇوڪري آهي. يا منهنجو مڱڻو ته نه ٿي چُڪو آهي..."

"پوءِ تون ڪهڙو جواب ڏنس ـــ؟" آئون هن جون ڳالهيون سدائين چُپ چاپ وينو ٻُڌندو آهيان، پر ڪڏهن ڪڏهن هڪ اڌ سوال پڇي به ويهندو آهيان.

"پوءِ مان ڇا چوندس ـــ چوانس ته ڪوڙ آهن ۽ مڱڻو به ٿي چُڪو آهي. ته اهي جيڪي ٽريل پينديون ۽ لڏون روم تي موڪلي سي به بند ٿي وڃن ۽ دوستي پڻ."

اهي ڳالهيون ٻُڌي آئون ٻُڌي ٿُبيءَ ۾ پئجي ويندو آهيان ته اسلم جهڙو ڇوڪرو سو ڪيئن نه ٻئي جي چنبي ۾ اچي ويو آهي. اهو اسلم جي خودداري ڪي داغ آهي جو هو زرينا جهڙي وفادار ڇوڪريءَ ڪي ائين ڇڏي ڏنو اٿس. جنهن جي تعريف جي تسبيح نندي لاڪون پڙهندو اچي. سلما واقعي چالاڪ نڪتي. پر هڪ ڳالهه جيتوڻيڪ اسلم ۾ محسوس ڪئي ته هو پئسي ڏوڪڙ جي معاملي ۾ هٿ ڦاڙ نٿي رهيو. شايد هي پهريون پيرو هو جو ڇانهه جو بل اڄ پاڻ پري آيو هو. مون ڪي جڏهن اها خبر پئي ته


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

چيڙائڻ لاءِ چيومانس تہ: ”ميان! سلما اسحاق جو ڇا حال آهي؟ ٻُڌو اٿم تہ تو اڄُ حاتم جي قبر تي لت هڻي آيو آهين........؟“

”يار پٽس جو نالو نہ کڻ، مان ڪي ڏڄُ تو لڳي. باقي لت اپاڪي لڳي وئي آهي، ان ڪري تہ اڄُ اداس آهيان.“

”يا ڪٿي عشق ۾ انٽرويل يعني جدائي ويجهي آهي، جنهن توکي اداس ڪيو آهي.“ مون پڇيو.

”اهڙي جُدائيءَ جهڙي ڳالهہ، سا بہ هن طرفان، ناهي. تون اجايو هر ڳالهہ تي گهرو ٿو سوچين“ اسلم وراڻيو ۽ آئون چُپ ٿي ويس.

اسلم جون حسب معمول ملاقاتون جاري رهيون. لڪ ڇَپ ۾ ملاقاتون، ڪامن روم ۾ ملاقاتون، لئبريري جي پُنيان لان ۾ ملاقاتون، ڪچهري روڊ تان لنگهندڙن کي شڪ ۾ وجهندڙ ملاقاتون، خيالن ۽ خوابن ۾ ملاقاتون ٿينديون رهيون. ۽ نہ فقط مون کي، پر ٻين بہ هاسٽل ۽ ڪاليج ۾ رهندڙن کي پڪ ٿي وئي تہ ورهين بعد هن ڪاليج مان هڪ روميو جوليٽ جو نڪاح قاضي پڙهندو، رڳو امتحان پورا ٿين.

آخر امتحان جي بہ رزلٽ نڪتي. ٻئي پاس ٿيا. ان ئي ڏينهن سلما هن سان ملڻ لاءِ هاسٽل جي دروازي وٽ آئي. دروازي وٽ هميشہ وانگر بيٺل اردني شاگردن مان هڪ اچي اسلم کي اطلاع ڏنو. اسلم اچي مون کي ٻُڌايو: ”ادا منهنجي ماني سياڻي سلما


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

جي گهر آهي. ولي محمد بورچيءَ کي چئي ميس جي مانيءَ بند ڪرائي ڇڏجان.“

ٻئي ڏينهن اسلم ٺهي ٺُڪي روانو ٿيو. شام جو جڏهن موٽيو ته پڇيومانس: ”ڪر خبر. ڪهڙو حال آهي مستقبل جي پاپيءَ جو ۽ قصو ڪٿي پهتو آهي.“ خبر ناهي ڇو اڄُ مون هن سان حد کان وڌيڪ فري ٿيڻ ٿي چاهيو. مون کي هن ڳجهارت ڏاڍو تشويش ۾ وجهي ڇڏيو هو.

”پاپي ــ! اڙي پاپي!!“ هن ٺاءِ ڪوليندي عجب مان چيو، ”جناب عالي چئہ تہ ڪڏهن - بہ - نہ - ٿيڻ - واري - پاپي جو ڇا حال آهي ــ“

”ڏاڍي ٻُڏايئي. هي وري ڇا! شادي ٻادي جو خيال ناهي ڇا.؟“ مون وائڙو ٿي پڇيومانس.

”شاديءَ جو خيال بلڪل آهي پر ايم.ايس.سي بعد، تيسين زرينا بہ بي.اي ڪري وٺندي.“

”۽ پوءِ سلما جو فيوچر ــ؟“

”سلما تہ جيئن مون کي بيوقوف بڻائي رهي آهي. تيئن مان بہ هن کي بڻائي رهيو آهيان. تون ڇا ٿو سمجهين تہ مان هن جي ظاهري ناٽ ۾ اچي ويندس.“

”پوءِ هن ويچاريءَ کي آسري ۾ ڇو رکيو ويٺي آهين.“


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

”حرام جو هن کي آسري ۾ رکيو هجيم. اڄُ جڏهن هن جي گهروارن شاديءَ جي ڳالهه ڪئي ته صاف صاف ٻُڌائي ڇڏيومان ته اهڙو منهنجو ارادو ناهي.“

”وڏو ڪو خود غرض ڇئبين. هاڻ ته هوءَ دوستي به ڇڏي ڏيندءِ.“

”وڏي ڪا خود غرض هوءَ ڇئبي جو سندس دوستي لالچ تي آهي.“ ائين چئي هو ڪنهن جي سڏ تي ٻاهر نڪري ويو.

هيءُ هتي جو مشهور ڪاليج آهي. هن مان هر سال شهر جا ڪيترائي ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون گريجوئيٽ ٿي نڪرندا آهن. هن ڪاليج جو حال به ساڳيو ٻين ڪاليجن جهڙو آهي، جن ۾ *Co-education* آهي. ڇوڪريون پاڻ وڻائڻ لاءِ هرروز نوان نوان نخرا ڪنديون آهن ۽ ڇوڪرا انهن جي ادائن تي مرندا آهن.

(1964ع ميناارام هاسٽل ڪراچي ۾ لکيل)


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

## زندگي ۽ موت جي وچ ۾ وِٿي

جهاز جي سيني آفيسرن کي ڏار ڏار ڪمرا مليل هئا، ٽڙو نويد ۽ منهنجي. اسان تازو تعليم پوري ڪري نوان آيل هئاسين. جهاز تي *Boat-Capacity* ته هئي پر وڏيڪ ڪمرن جي کوٽ هئي سو اسان کي ڊبل بيڊ واري ڪمري (يا جهازي زبان ۾ ڊبل بنڪ واري ڪئبن) ۾ في الحال رکيو ويو. اهو به چڱو ٿيو جو اسان ٻئي پهرين کان سڃاڻا هئاسين. هڪ ئي اڪيڊمي مان پڙهي نڪتا هئاسين سو جلدي گهاٽا دوست ٿي وياسين. هڪ ٻئي جو تمام گهڻو خيال رکڻ لڳاسين، ايتريقدر جو هڪ ستو پيو هوندو ۽ ٻيو رات جي ڊيوٽي ڪري ايندو هو ته ڪمري جي بتي به نه ٻاريندو هو. ڪبٽ يا ميز جو خانو کولڻ وقت به خيال رکندا هئاسين متان ٻئي جي ننڊ ڦٽي.

نويد جنهن کي اسان اڪيڊميءَ جي زندگيءَ ۾ ڪَٽَ ۾ نه آڻيندا هئاسين ۽ هميشه کيس الڳ ٿلڳ ۽ پنهنجن پُورن ۾ پريشان ڏسي کي کيس "*Absent Minded Professor*" سڏيندا هئا ته کي "مغرور مهاڻو"، تنهن سان هاڻ تمام ويجهو رهڻ تي مون کي احساس ٿيو ته هو بيحد عظيم انسان آهي. سندس سنا سنا خيال ۽ عمديون ڳالهيون ٻُڌي آئون سندس ڏينهون ڏينهن وڌيڪ عزت ۽ قدر ڪرڻ لڳس ۽ پنهنجو پاڻ کي وڌيڪ خوشنصيب سمجهڻ لڳس ته ههڙي ماڻهوءَ جي ويجهو رهڻ جو موقعو مليو


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

آهي. نہ تہ جهازي زندگيءَ ۾ گهٽي پاڳي ڪيترن جي ذهنيت عام مهاڻن ماڇين ساٿين کان گهٽ نہ هوندي آهي.

نويد کي گهٽي ڳالهائڻ جي بنهہ عادت نہ هئي. ائين ڪٿي سمجهجي تہ هن جي ڳالهائڻ جي نادي تمام ٿوري پريل هئي جنهن مان هو رڳو گهرج تي نلڪو کولي ڦڙو ڦڙو ڪيندو هو. هميشہ پنهنجي ڪم ۾ رڌل رهندو هو. واندڪائيءَ ۾ بہ پنهنجي ڪمري ۾، بستري تي يا ڪوچ تي سمهي جيڪو ڪتاب هٿ چڙهندو هوس اهو پڙهندو هو. اجائي بحث، جاڙي هڻڻ يا پرائي پچار کان ونءُ ويندو هو. ان ڪري جهاز جا بہ ڪي آفيسر اڪيڊمي جي ڪئڊٽن وانگر کيس مغرور يا بيوقوف سمجهڻ لڳا. پر اها ڳالهہ نہ هئي. نويد جي چمار ۾ ڪو ورلي هوندو جنهن کي هر ڳالهہ بابت ايتري اونهي ڄاڻ هجي! ڪو اجايو ضد ڪندو هوس تہ ان وقت بہ لفظ چئي ماٺ تي ويندو هو. پوءِ ساڳي ڳالهہ کيس ٻئي ڏينهن ٿڌي ٿيڻ تي اهڙي نموني سمجهائيندو، جو اڳلو قائل ٿي ويندو هو ـــ پوءِ اها ڪٿي جهاز جي انجڻ بابت هجي يا سياست سان واسطو رکندڙ. پر ڪڏهن تہ اهو چئي ماٺ ۾ ئي هوندو هو تہ ضدي ماڻهوءَ کي کهڙو ويهي ريجهائجي.

پڙهڻ لاءِ ڪو ڪتاب نہ هوندو هوس تہ پلنگ تي ليٽئي ليٽئي اکيون کولي لڳاتار سوچيندو رهندو هو. ائين ڪلاڪن جا ڪلاڪ، ڪنهن سوچ ۾ ٻُڏل رهڻ گهٽ ۾ گهٽ اسان کان تہ نہ پُڄي. ڪڏهن ڪڏهن پڇندو هومانس:


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

”پارٽر! ڇا پيو سوچين؟“

”ڪجهه به نه.“ ڏاڍي مزي سان ٽتائي ويندو هو، جيئن جپاني ماڻهو پنهنجو گهر ڏيکارڻ کان ٽتائيندا آهن.

سيني بندرگاهن ۾ گهمڻ لاءِ مون سان گڏ هلندو هو. ڪيس پاڻ لاءِ ڪابه شيءِ وٺن جو شوق نه هو بس ڪنهن وڏي شهر جي وڏي دڪان تي چڙهي اتان ڪا اهڙي سوکڙي وٺندو هو جا سڀ ۾ مهانگي هجي ۽ عورت کي ڏيڻ جي ڏانءَ جي هجي.

”پارٽنر! هيءَ ڪنهن لاءِ؟“

”بس ائين!“ وري ڏاڍي مزي سان ڳالهه ٽتائي ويندو.

نيٺ هڪ پيري ڪيس سوگهو ڪري وتم. بيروت مان مون ڪجهه فلمي رسالا ورتا جيڪي پڙهي ٽيبل تي ئي رکي ڇڏيا. رسالا ڏهه ڪن مس هئا جي آهستي پڙهڻ سان به نيٺ پورا ٿي ويا پر مون ڏٺو ته اسان واري روم ميٽ هڪ رسالي کي جو ڪنيو آهي ته پچر ئي نه پيو ڇڏيس. هڪ ڏينهن ڪيس تاڙي ورتم ته ان ۾ هڪ بنگالي ائڪٽريس کي ئي ڏسندو رهي ٿو، سو آخر چيومانس: ”پارٽنر ضرور ڪا ڳالهه آهي ڇا تيڻ واري پاپيءَ جي شڪل ان سان ٿي ملي.“

کي گهڙيون ماٺ ۾ مون ڏي ائين گهُوريائين جو مون سوچيو ته شايد اها ڳالهه دل ۾ ڪئي اٿس، پر پوءِ هڪدم مُرڪي چيائين:

”هائو!“


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ان ڏينهن وڏيڪ نہ مون پڇيومانس نہ پاڻ ئي ڏسيائين. پوءِ ان کي بہ چار ڏينهن گذري ويا. ان کان پوءِ پنهنجي پيار جي ڪهاڻي نندين نندين قسطن ۾ مون کي ائين ٻُڌائڻ لڳو جيئن ڪنهن ڏُٻري مريض کي دوا جا ننڍا ننڍا ڊوز ڏجن.

پريا جو ساڻس پيارُ ڪاليج جي ڏينهن ۾ شروع ٿيو. ٻنهي جي هڪٻئي کي چاهڻ جي باوجود شادي ٿيڻ جو امڪان نہ هو جو ٻنهي جي مائٽن ۾ خانداني جهڳڙا زماني کان هلندا ٿي آيا ۽ هاڻي ويجهڙائي ۾ پريا جي شادي ڪنهن ٻئي سان ٿيڻ واري هئي.

”توکي اها *C.I.D* رپورٽ ڪهڙي *F.B.I* ۽ *K.G.B* ايجنٽ سمنڊ تي ٻُڌائي تہ نومبر ۾ پريا جي شادي ڍاڪا يونيورسٽي جي پروفيسر سان ٿي رهي آهي؟“ مون هڪ ڏينهن پڇيومانس.

”پاڻ جرمني ۾ هئاسين تہ اتي مون کي هڪ ڍاڪا جي دوست لکيو هو.“

مون محسوس ڪيو تہ واقعي جرمني کان وٺي نويد جي حالت ٻي هئي. جرمني کان پوءِ جڏهن اسان فرانس آيا هئاسين ۽ پئرس ۾ ايفل ٽاور جي چوٽيءَ تي چڙهي هيٺ ليٿا پائي رهيا هئاسين تہ نويد مون کي اجان اگِتي پڳهہ ڏي چڪڻ لڳو.

”ڇڏ يار. ڪتي هيٺ ڪري پياسين تہ ساهہ ئي نڪري ويندو.“ مون چيومانس ”ڏاڍو جيئڻ سان پيار اٿئي، زندگي ايڏي پياري ڇو؟“ هُن پڇيو.



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

سامهون هڪ الجيريا جو عرب اسٽوڊنٽ فرينچ ڇوڪريءَ ڪي سيني سان لڳائي ڪيس اڌ ڪلاڪ بائونٽي چاڪليٽ کارائي رهيو هو. مون نويد کي ان ڏي اشارو ڪري چيو: ”هيءَ زندگي فقط ان موت تان قربان ڪري سگهجي ٿي جو هن کان وڌيڪ پيارو ۽ رومانٽڪ هجي.“ ۽ پوءِ ڪلي چيومانس ”بابا، اجان ته شادي به نه ٿي آهي.“

”ته ڇا پارٽنر، شادي ئي زندگي جي اهم منزل ۽ مقصد هئڻ کپي ـــ؟“

آئون هر ڳالهه چرچي ۾ وٺي رهيو هوس ۽ هي اسان وارو همراهه يوناني فيلسوفن وارا سوال ڪرڻ لڳو. آئون جواب ڏئي نه سگهيس.

۽ هاڻ جڏهن پنهنجي پارٽنر کي ڏکويل ڏٺم ته ڪيس سنڌس ئي لفظن ۾ تسلي ڏيڻ لڳس:

”ميان، جيڪڏهن پريا جو سَڱ ڪنهن ٻئي سان ٿي ويو آهي ته پوءِ ڇا ٿيو. شادي ئي ته زندگي جي اهم منزل نه هئڻ گهرجي.“

”پر منهنجي زندگي جي اهم منزل پريا ۽ سنڌس پريت آهي. ۽ جڏهن منزل ئي کسجي وڃي ته پوءِ راهن تي اجايو ڀٽڪڻ مان ڇا حاصل ؟“

هڪ ڏينهن رکي رکي چوڻ لڳو:


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

”الطاف جيڪڏهن اسلام ۾ آپگهات ڪرڻ حرام نہ هجي ها ۽ جپانين وانگر دهلن دمامن سان، جشن جلوسن سان ’هراڪاري‘ جي اجازت هجي ها.“

”دماغ تہ جاءِ تي آهي مون ڪنهن عالم کان ٻُڌو آهي تہ هي جسم قدرت طرفان اسان کي امانت مليل آهي جنهن کي ضايع ڪرڻ ڏچڻن جو ڪم آهي. اٿُ ۽ وجي مين انجڻ جي انڊيڪيٽر ڪارڊ وٺ ۽ پُراڻي گراف سان پيٽي ڏس تہ چو ڪالهہ کان Exhaust Gas جو رنگ ڦرندو وڃي.“

مون ڪيس رُڏل رکڻ لاءِ وسئون نہ گهٽايو پر سندس خاموشي وڌندي رهي ۽ ڳالهائڻ بہ گهٽي ياڳي گهٽ ڪري ڇڏيائين. ڊائننگ هال ۾ منهنجي هڪ پاسي نويد ماني کائيندو هو تہ ٻئي پاسي ڪئڊٽ غضنفر. نويد جي پرسان ريڊيو آفيسر جعفر ويهندو هو تنهن کان پوءِ ٿرڊ آفيسر اسد جي ڪرسي هئي جيڪو هميشہ مانيءَ جي مقرر وقت تي غير حاضر رهندو هو ۽ وقت کان اڳ يا پوءِ، ڪڏهن معياري تہ ڪڏهن مقامي وقتن مطابق کائيندو هو. ريڊيو آفيسر کي گهٽو ۽ اجايو ڳالهائڻ، پنهنجي ڳالهہ کي مٿي ڪرڻ ۽ ٻئي کي ڪجهہ بہ نہ سمجهڻ جي ڏاڍي پٽ هئي. ڪئڊٽ تہ کليو کلايو چوندو هو تہ جعفر جيڪڏهن ريڊيو آفيسر نہ ٿئي ها تہ پڪ ڪنهن اسڪول جو ماستر، رستي تي جڙيون ٻوٽيون وڪڻڻ وارو هلندڙ چلندڙ نيم - حڪيم يا ڪجهہ اهڙي شيءِ ٿئي ها، جنهن ۾ ڪيس نہ فقط


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڳالهائڻ جا پر پنهنجي غلط سلط ڳالهه مٿي ڪرڻ جا موقعا ملن ها. سندس محبوب عنوان ’سياست‘ هوندو هو. بقول ٿرڊ آفيسر اسد جي ته ’ڇٽي ڇهه ماهي، پڙهيو شام جي اخبار، وينو دنيا جي سياست تي بحث ڪري.‘ ڪابه ڳالهه ڪڻ ته هي ان کي ڦيري گهيري سياست ـ بلڪ گندي سياست جي وٽاڻ تي هڪلي ايندو هو، ۽ ڪاڏي جو مزو خراب ڪري ڇڏيندو هو. ٿن وقتن مان ٻه وقت وڙهي اٿندا هئاسين. ٽئين وقت تي هو وائرليس نياپا موڪلي آفيس ۾ ئي ماني گهرائيندو هو.

اسان مان فقط نويد ساٽس بحث نه ڪندو هو. گهٽو نويد کي ٿوڪيندو هو ته هو سنئون سڌو چئي ڏيندو هوس: ”تون آهين نسورو بيوقوف. توسان بحث ڪري آئون پنهنجي چاڙي خراب ڪرڻ نٿو چاهيان.“ ۽ ساڳي وقت اسان کي به نويد سمجهائيندو هو ته ريڊيو آفيسر جي منهن گهٽو نه لڳو جو پوءِ جهيڳڙو ٿئي. نيٺ هڪ ڏينهن وڏو جهيڳڙو ٿيو ۽ اسان فيصلو ڪيو ته ساٽس سوشل بائڪاٽ ڪنداسين. سندس ڪمري ۾ ته هونءَ ئي ڪير به نه ويندو هو جو اهو هڪ ته الڳ ٿلڳ سڀ کان مٿي سندس ريڊيو روم جي سامهون هو ٻيو جڏهن اسان کي موڪل هوندي هئي ته هن جي ننڊ ڪرڻ جو وقت هوندو هو. باقي مانيءَ جي وقت هن کي درگذر ڪري پاڻ ۾ ڳالهائيندا رهياسين.

بيلجم کان سڌو مهيني جي ڊگهي سفر تي ڪراچيءَ لاءِ نڪتا هئاسين. سئيز ڪئنال بند هو سو سڄي آفريڪا کنڊ کي


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڦيرو ڪرڻو هو ۽ ميڊيٽيرين سمنڊ بعد ائٽلانٽڪ، پوءِ هندي وڏو سمنڊ لتاڙي عربي سمنڊ پار ڪرڻو هو. نويد جي ڊيوٽِي ڏينهن جو هوندي هئي ۽ شام جو پنهنجي ئي ڪمري ۾ وينو امتحانن جي تياري ڪندو هو. سندس ستاويهن مهينن جو *Sea Time* پورو ٿي چُڪو هو ۽ وڏيڪ پروموشن لاءِ امتحان ڏئي سگهيو ٿي. منهنجي ڊيوٽي ڏينهن توڙي رات جو انين کان ٻارهين هئي. رات جو ٻارهين بجي جيئن ئي ايندو هوس ته نويد منهنجي انتظار ۾ وينو هوندو هو، ان بعد ٻتي وسائي سمهندا هئاسين. ان کان اڳ ڏهين بجي ڌاري *Cold-Rooms* يا اسٽيرنگ انجڻ جي چڪاس جي بهاني، پنهنجي ڪئبن ۾ چڪر هڻندو هوس. نويد ڪتاب ۾ منهن وجهيو وينو هوندو هو ـــ بلڪ منهنجي انتظار ۾ هوندو هو ته جيئن پنجن ڇهن منٽن لاءِ به اچان ۽ هن جو ضمير کيس خوش ٿي پڙهڻ کان موڪل ڪرڻ جي اجازت ڏئي. هونءَ به باقي وقت پڙهندو گهٽ هو، سوچيندو گهڻو هو. ڪتاب سندس ڪتابي چهرو پڙهندا هئا ۽ پاڻ پريا ۽ سندس پيار پويان ڪنهن ڏورانهين ڏيهه کان وجي نڪرندو هو. جتي سندس پريت هئي، پيار هو، جتي سندس پريا هئي.

منهنجي دِرُ کولڻ جي ٺڪاءَ تي هوش ۾ ايندو هو. ۽ وڏي رعب سان ڪتاب جو پنو ورائيندو هو جيئن آئون سمجهان ته هو پڙهي پيو ۽ پوءِ ايئرڪنڊيشنر جي مٿان رکيل ڪوڪا ڪولا جو ٿڌو ڊبو ڪڍي، کولي، مون کي پيئڻ لاءِ ڏيندو هو پر پاڻ نه پيئندو


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

هو. جيتوڻيڪ سمنڊ تي اسان لاءِ وڏي ۾ وڏي عياشي ڪوڪا ڪولا جو ٿڌو ٺرو پيئڻ ۽ چيف انجنيئر جي گلا ڪرڻ هو. آئون آهستي آهستي ڪوڪا ڪولا جا ڍُڪ ڀريندو هوس ۽ پارٽنر هڪ مشهور بنگالي گانو: ”امي تماڪو ڀالو ٻيشي چي“ آهستي آهستي جهونگاريندو هو. سندس هر روز اها پريشاني ڏسي مون کي ڏاڍو ڏکُ ٿيندو هو. سندس حال کان هڪ آئون ئي واقف هوس ۽ کيس سمجهائيندو هوس:

”پارٽنر، پريا جي شاديءَ جي خبر ڪُوڙي اٿئي.“ ۽ جڏهن ڪو جواب نه ڏيندو هو ته وري چوندو هوسانس: ”يار ڪهڙي اچي عشق جي چڪرن ۾ پيو آهين. بيوقوف، هڪ جهازي ۽ پرديسيءَ کي عشق نه جُڳائي.“

”چو انهن کي دل ناهي چا؟“ ۽ پوءِ غالب جو شعر اڙدوءَ ۾ ته اچاري نه سگهندو هو ان ڪري انگريزيءَ ۾ ئي چوندو هو:

” *Love is that fire which can neither be rekindled nor extinguished at will.*“ ۽ آئون کيس ٿڌيون آهون ڀريندو ڇڏي انجڻ روم جي گرميءَ سان وڃي سمجهوتو ڪندو هوس. اهڙين ڏينهن گذرندا رهيا ۽ اسان ذري گهٽ مسافريءَ جو اڌ کن سفر پورو ڪري ورتو.

هڪ رات جهاز تي عجيب واقعو پيش آيو، جنهن جهاز جي سڄي عملي کي پريشان ڪري وڌو. ان کان اڳ شام جو ڪئپٽن مون کي ٻُڌايو ته سندس دل خبر ناهي ڇو پئي ڌڙڪي. ڪئپٽن


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

غضنفر اسان جونئرن جي ننڍڙي ٽولي جو ٽيون ڀاڱي ڀائيوار هو ۽ هيستائين منهنجي روم ميٽ نويد جي وڏنڊڙ اداسي، ڏک ۽ منجهيل طبيعت جي سبب کان واقف ٿي چُڪو هو.

رات جو دستور موجب ڏهين بجي انجڻ روم مان بهانو ڪري ڪمري ۾ آيس ته نويد غائب هو! ڪيس ٽيبل تي مٿان ته جهڪيل نه ڏٺم پر ڪتاب ۽ نوٽبڪ به کليل نه هئا. مون کي خبر ناهي ڇو يڪدم احساس ٿيو ته نويد اسان کان هميشه لاءِ جُدا ٿي ويو آهي. هن پڪ پنهنجو انت آڻڻ لاءِ سمنڊ جي گهرائين ۾ ٽپو ڏنو هوندو.

پر پنهنجو پاڻ کي ڏڍُ ڏيندي سوچيو ته ٿي سگهي ٿو باٿ روم ۾ هجي، تيسين ڪوڪا ڪولا جو ڊبو کولي آهستي آهستي پيئڻ ۽ سندس انتظار ڪرڻ لڳس. سڄو ڊبو خالي ٿي ويو پر نويد نه آيو. ٻُڏل دل سان باٿ روم جو در کڙڪايم ته اهو کليل هو ۽ اندر ڪوبه نه! مون کي دير ٿي رهي هئي انجڻ روم ۾ هليو ويس. دل ۾ فقط اهو آسرو هو ته پڪ جهاز جي ڪئڊٽ سان ڪچهريءَ ۾ وينو هوندو. جيتوڻيڪ هن کان اڳ ته ڪڏهن به رات جو هن وقت هن وٽ نه ويو هو ۽ ڪئڊٽ جي صبح جو سوير ڊيوٽي شروع ٿيڻ ڪري شام جو مانيءَ بعد وڃي سمهندو هو. خيالن کي گهٽو ئي ان ڳالهه تان هٽائڻ جي ڪوشش ڪيم پر وري ساڳي ڳالهه دماغ ۾ ڦرڻ لڳي. غلط سلط خيال ۽ وسوسا تڙي ڪڍڻ جي ڪوشش بنهه ناڪام ٿي رهي هئي. ڪٿي نويد


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

واقعي سمنڊ ۾ ٽپو ته نه ڏنو. ڪٽي خودڪشي ته نه ڪري وينو آهي. هڪ دفعو ڳالهين ڪندي چيو هئائين:

”اهي ماڻهو ڪيڏو نه چسا آهن، جي ننڍڙي پاڻيءَ ۾ ٻُڏيو تا مرن. ٻُڏي مرڻ ئي ڪو چاهي تو ته هو پنهنجي باٿ روم جي ٽب ۾ يا ائٽلانٽڪ سمنڊ جي چُونڊ ڪري ــ جنهن جهڙو اونهو، ڪُنن وارو ۽ *Counter Durrents* سان ڀرپور سمنڊ خودڪشيءَ لاءِ ٻيو نه آهي“ ــ ۽ اسان ان وقت ائٽلانٽڪ سمنڊ جي وچ مان لنگهي رهيا هئاسين.

سندس ان قسم جون ڳالهيون، جند جان مان بيزاري، ڏڪويل ۽ اداس چهرو منهنجي اکين اڳيان ڦرڻ لڳو. مون کي هڪ اجاتو خوف پيدا ٿي رهيو هو ته نويد پڪ ڪو غلط قدم کڻي وينو آهي.

سادي يارهين بجي سينئر واچ ڪيپنگ انجنيئر کان پنج منٽن جي موڪل وٺي مٿي جانچ لاءِ آيس پر پنهنجو ڪمرو ڊنل مقام وانگر سنسان ۽ خاموش نظر آيو. رکي رکي اياميل سمنڊ جي ڪا وڏي ڇولي جهاز جي لوهي جسم سان پاڻ ٽي ٽڪرايو ۽ پوءِ ان اياميل ڇوليءَ جي ڦاٽڻ جو آواز ٿي آيو. نويد جو ڪبٽ کولي ڪپڙا جاچيم ته معلوم ٿيو ته شام جو يونيفارم پائي ڇهين بجي ڊنر ڪاڏي اٿس ته ان کان پوءِ آيو ئي نه آهي. ان ڳالهه ويتر مون کي شڪ ۾ وجهي ڇڏيو پر آئون نويد کي اجان به ان اميد تي جيئرو سمجهيو وينو هوس ته هو پڪ ڪٿڊٽ جي


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڪمري ۾ هوندو. اتي ڏسڻ ويس. ڏڪندڙ هٿن سان دروازو کوليم ته منهنجو دماغ گھوماٽجڻ لڳو. نويد جو اتي پاڇو به نه هو. ڪئبن ڪونگھرا هٽي گهاٽي ننڊ جو اظهار ڪري رهيو هو. بتي ٻاري سڏ ڪيومانس:

”نويد ڏنئي؟“

”نه. آءٌ ته ڊنر ڪائي اچي سُتو آهيان. ڇو؟“ هن اکيون مهٽيندي پڇيو.

”بس ائين.“ مون وراڻيومانس.

”نه يار ڪا ته ڳالهه آهي“ هن بستري مان ٽپ ڏئي مون کي جهلي منٿ واري نموني ۾ پڇيو. مون کيس نويد جي گم هجڻ جو ٻُڌايو ۽ منهنجي راءِ کان اڳ ئي هن اهو خيال ڏيکاريو، جنهن جو اسان کي ڊپ هو.

”نويد پڪ خودڪشي ڪئي آهي.“

”پر تيسين ماٺ منوڙي ۾ ڳولا ڪجي. ٿي سگهي ٿو ته اها حقيقت نه هجي.“ مون کيس سمجهايو ۽ سيڪنڊ انجنيئر جي ڊپ کان متي گهٽو وقت ترسڻ بدران ڊيوٽيءَ لاءِ انجڻ روم ۾ هليو ويس.

رات جا پوڻا ٻارهن ٿي رهيا هئا. اجان لاگ بڪ به لکڻو هو. ٻارهين کان چئين ڊيوٽي ڪرڻ وارا انجنيئر اسان کي *Relieve* ڪرڻ لاءِ انجڻ روم ۾ گهڙي رهيا هئا. منهنجو سينيئر انجنيئر ـــ فورٿ انجنيئر سعيد انتظار ڪري رهيو هو.


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

”چو خير تہ آهي، دير لڳائي؟“

”بس هڪ ڳالهہ تي پئي آهي.“

”خلاصي هئچ نمبر پنجين مان افغانستان جو ڪارگو چوري پيا ڪن ڇا؟“

”لاگ بڪ لکي بس ڪريان تہ ٻُڌايائين تو.“

آيل انجنيئرن ڪي انجڻ جي چارج ڏئي مٿي چڙهندي وقت فورٿ انجنيئر سعيد ڪي ٻُڌايم تہ نويد گم ٿي ويو آهي.

”هئچ نمبر پنجين ۾؟“

”يار چار صاحب! خدا جي واسطي تون چو اچي افغانستان جي ڪارگو پنيان پيو آهين“

سامهون ڪئڊٽ منجهندو سجهندو پئي آيو.

”سڄو اسٽيرنگ انجڻ فلئٽ، سئمنگ پول، اندور گيمس روم ڳوليو اٿم پر نويد جو ڪو نالو نشان ناهي.“

”نہ نہ ائين ڪيئن هوندو، “ سعيد چيو، ”اچو تہ سموڪ ـ روم ڏسون. اتي ٽئگور جا راڳ وينو ٻُڌندو هوندو.“

”هن ڪان اڳ تہ ڪڏهن رڪارڊ نہ ٻُڌندي ڏٺو اٿئونس ۽ هي ڪهڙو سهاڻو سمو آهي ڳانن ٻُڌڻ لاءِ. پر هلو تہ اتي بہ ڏسون.“

سموڪ روم ۾ آياسين تہ اوندهہ چانيل هئي. ڪير بہ نہ هو. مٿيون ڳهٽيون *Alley Ways* لتاڙي بوٽ ـ ڊيڪ تي آياسين. ٿي سگهي ٿو بيڙين جي هينان رکيل آرام ڪرسين تي ٿڌي ٿڌي هوا ڪائيندي ننڊ اچي وئي هجيس. بوٽ ڊيڪ جي ٻنهي پاسي


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڏنوسين، واڪا ڪري سڏ ڪياسين. مچريل سمنڊ ۾ جهاز جي *Rolling* ڪري خالي ڪرسيون هڪ ٻئي سان ٽڪرائجي رهيون هيون. آسمان صاف ۽ تارن سان ٻُرڪيل هو پر تکي هوا ڪري سمنڊ جي چولين جو پاڻي سڄي جهاز کي ڌوئي رهيو هو. اسان دنيا جي تمام وڏي خطرناڪ سمنڊ ــ ائٽلانٽڪ ۾ هلي رهيا هئاسين.

”هل ته ڪئپٽن کي ٻُڌايون.“ غضنفر ڪئڊٽ يڪدم چيو. ”نه. اجان ترس ـ جيڪي انجنيئر هينئر ڊيوٽي تي ويا آهن، انهن کان به پڇي ڏسجي.“

انهن کان اچي پڇيوسين ته اهي به اچرج ۾ پئجي ويا ۽ انهن جو شڪ هو ته ٿي سگهي ٿو ته برج (ڪنٽرول روم) ۾ هجي. اسان انجڻ روم مان ئي برج تي فون ڪيو. سيڪنڊ آفيسر عرفان ۽ ٿرڊ آفيسر اسد ٻئي مٿي هئا. هو به وائڙا ٿي ويا. اسد پڄندو پڄندو اسان سان اچي گڏيو ۽ ڳولا ۾ لڳي وياسين. هڪ دفعو وري ڪنٽرول روم، چارٽ روم، گئلي ۽ پئنٽري ۾ ڳوليوسين پر سڀُ بيڪار ثابت ٿيو. اتي رات جو ڏيڍُ اچي ٿيو هو. هر ڪنهن پنهنجي راءِ پئي ڏني ۽ بحث ان تي هو ته بين الاقوامي قانون مطابق جهاز کي پنيان موڙي ساڳي ڪورس (واٽ) تي چوويهن ڪلاڪن لاءِ هلڻو پوندو، چاهي جهاز تان ڪريل انسان جي ملڻ جي اميد بنهه نه هجي. تنهن کان سواءِ سگنل جو “*O*” فلئگ چاڙهڻو پوندو جنهن جو مطلب *Man-*


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

*Overboard* (جهاز تان ماٺهوءَ جو ڪرڻ) آهي. عرفان صلاح ڏني ته هڪ دفعو وري ڳولجي ۽ چيف انجنيئر ۽ سيڪنڊ انجنيئر کي ان حادثي جي جاڻ ڏجي، جنهن جي ڊپارٽمينٽ جو ماڻهو آهي ۽ پوءِ ڪپتان پوڙهي مڙس کي تڪليف ڏجي ته جيڪا قانون جي ڪاروائي چاهي سا ڪري.

ان وقت رات جا ٻه ٻه اچي ٿيا. اسان هيٺان انجڻ روم کان وٺي ڳولا شروع ڪئي. انجڻ روم بعد ننڍڙي نوڪري وارن خلاصين جي رهائش هئي. انهن جي انچارج، ڊيڪ سرنگ ۽ انجڻ سرنگ هرهڪ آگ واري، تيل واري، بورچي، پنڊاري، واڊي، سڪاڻي ۽ لشڪر ۽ پنگيءَ جي ڪئبن جانچي ۽ مٿي سيني انجنيئرن ۽ ڊيڪ آفيسرن جي ڪئبنن ۾ ڏنوسين. هرهڪ اٿڻ سان سڄو حال معلوم ٿي ڪيو ۽ اسان سان گڏ ڳولا ۾ ٿي نڪتو. چيف آفيسر، سيڪنڊ آفيسر، اليڪٽريڪل انجنيئر، ريفريجريشن انجنيئر، پرسر، بٽلر سڀ جنهن ڊريس ۾ سُتل هئا ان ۾ پنيان ٿي نڪتا. جيئن آسمان ڪرڻ تي جهنگل جي جانورن جو ٽولو نڪتو هو. اتي سامهون اسد ۽ ڪئڊٽ ٻه اچي ٻُڌايو ته سڄي جهاز ۾ نويد جو ڪو پتو ڪونهي ۽ اسان سڀ سيڪنڊ انجنيئر ۽ چيف آفيسر کي اڳيان ڪري، جهنگل جي سردار شينهن يعني ڪئپٽن ڏي هلڻ لڳاسين. هاڻ جو قافلو اجان ڪپتان جي ڪمري اڳيان مس پهتو ته عرفان ٽوڪيندي چيو ته هڪ ڪمرو ريڊيو آفيسر جو بچي ٿو. هونءَ ته سندس ڪئبن ۾ ڪير


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڪونہ ٿو وڃي، اڄُ ان ڪي بہ هلي ننڊ مان اٿارجي. متان حسرت رهجي وڃي.

عرفان ڳالهہ اهڙي نموني سان ڪئي جو ڏک جي عالم ۾ بہ اسان کان کِل نڪري وئي جو ريڊيو آفيسر جو ذڪر پهرين بہ ڪري چُڪو آهيان تہ ان کان هرڪو پيو پڇندو هو ۽ اسان تہ ويتر اجان هڪ ڏينهن اڳ ساڻس گس پنڌ تي ڳالهائڻ بہ بند ڪيو هو. هينئر ڳولا لاءِ بہ ڪو سندس ڪئبن ۾ وڃڻ لاءِ تيار نہ هو. پر ان ڪمري جي بہ رسمي طرح ڳولا پوري ڪرڻ لاءِ اسان سڀ متي وڌياسين. ٻيا گهٽيءَ ۾ ٿورو پري ٿي بيٺا. عرفان ۽ آئون اڳتي وڌياسين. عرفان ڪي چيم: ”لالا درُ تون کول.“

”نہ سائين. جي ريڊيو آفيسر ستل نہ هوندو تہ بہ گاريون ڏيندو تہ ننڊ ڦٽايانوَ.“ ۽ پوءِ اڳتي وڌي در تي ڪن رکي چوڻ لڳو:

”يار جعفر صاحب تہ جاڳي پيو ۽ سندس ٽيپ رڪارڊ وڄي پيو.“

اعتبار ئي نہ آيو. اڳتي وڌي در تي ڪن رکيم تہ ٽيپ رڪارڊ جو آواز چاتل سڄاتل . ٿورو هيٺ جهُڪي در جي ڪنجيءَ واري ٽُنگ مان اندر ليئو پاتم ۽ پوءِ ڪنڌ متي ڪٽي ڪابي پاسي گهٽي ۾ جهاز جي سڄي عملي جي ويران پريشان چهرن ڏي نهاريم. ڪي ڊيوٽي وارا وردين ۾ بيٺا هئا. ڪي ننڊ مان اٿي آيل پجامن، سٽڻن ۽ ڪڇن ۾ فئنسي ڊريس جو ڏيک ڏئي رهيا هئا. وري اک سوراخ تي رکي پڪ لاءِ ڏٺم تہ واقعي


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

منهنجو روم ميٽ نويد ئي هو! شام کان پاتل يونيفارم ۾! ريڊيو آفيسر جعفر سامهون ويٺل ۽ ڪنهن سياسي عنوان تي گرما گرم ڏي وٺ هلي رهي هئي.

آهستي آهستي در ڪوليم. مون کي ڏسي نويد ڏاڍي مزي سان پڇيو: ”چو پارٽنر اجان جاڳين پيو؟“

”اهو ئي سوال اسان توکان ڪرڻ آيا آهيون.“ عرفان ڪمري ۾ گهڙندي چيس.

”اڙي. اڙي“ نويد ڪجهه منجهي پيو، ”هي چا ٻه ڄڻا تي آيا آهيو؟“

”اجان ته ڪٿي. سائين جن ٻاهر نڪري ته ڏسن ته سواءِ ٻن ڄڻن جي (چيف انجنيئر ۽ ڪپتان جي) سڀ آيا آهن.“

پر اسان جي ڳالهه کي سچ نه سمجهندي، پاڻ اسان جي دخل اندازي کان بيزار ٿيندي مون کي چيائين: ”ڇڏ يار، تون هلي سمهي رهُ آئون ڊسٽرب نه ڪندس. اڄُ جعفر صاحب جا سياست بابت غلط خيال ڪڍڻ لاءِ سڄي رات هتي گذاريندس.“

جعفر صاحب جو وري هن مان بيزار ٿي وينو هو، تنهن ليلائيندي چيو ”ٻيلي قرب ڪريو. هي چريو سچ لڳي کان وٺي منهنجو مٿو چٽُ ڪري ويو آهي. وٺي وڃوس.“

اسان ڪيس چا ٻُڌايون ته سندس رڳو مٿو چٽُ ٿيو آهي پر اسان ان عرصي اندر نه ڇڙو ڪفن دفن جو بندوبست ڪيو آهي پر غائبانہ جنازه نماز جو پڻ.


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

”چڱو. چڱو اٺُ نويد. ٻاهر هلي ڏس.“ عرفان چيس.

”چو ٻاهر ڪير بيٺا آهن؟“

”تنهنجا ڪانڊي.“

هي ٽپ ڏيئي اٿيو، ٻاهر ليئو پاتائين. هيترن ڄڻن کي ڏسي هيسجي ويو ۽ دانهن نڪري ويس. ساڳي وقت جهاز جي سڄي عملي اڻ ٽيٽي ڳالهه جو ٽيندي ڏني ته هراس مان انهن کان به دانهن نڪري ويئي. پوءِ ته جهاز تي گوڙ مچي ويو.

”ڪمال آهي اسان کي بيوقوف ناهڻ لاءِ توهان اسان جو سُک ڦٽايو.“

باقي ڄڻا مون کي، ڪئپٽن، عرفان ۽ اسد کي چوڻ لڳا جو اسان بدڪ واري اڳواٽي ڪري رهيا هئاسين ته آسمان ٺو ڪري. ڪي ته ان واقعي کي چرچو سمجهي کلڻ لڳا. هڪ ڪي ته اسان لاءِ اهو به چوندي ٻُڌوسين ته اسان اهڙي ائڪٽنگ ڪئي جڻ اسان کي سچ پچ نويد جي خبر ناهي. ڪي ته هرويرو جنازي نماز جي موڊ ۾ هئا.

هاڻ ڪين ڪير ٻُڌائي ته واقعي اسان به هنن ئي وانگر اڻ ڄاڻ هئاسين. ان قصي کان پوءِ منهنجو پارٽنر ٽي چار ڏينهن مونتي سونديو ڦوڪيو هليو ته مون ڪيس سڄي جهاز تي خوار ڪيو آهي. پر پوءِ ساڳئي وقت ڪيس اهو به جلدي احساس ٿيو ته سندس چاهت ئي اسان کي ايڏو ستايو. بهرحال ان جو نتيجو اهو


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

نڪتو تہ اسان جو روم ميٽ ڪڏهن باٿ روم ۾ ويندو هو تہ بہ مون لاءِ پنو لکي ٽيبل تي رکي ويندهو هو.

”ادا آئون باٿ روم ۾ آهيان. خدا جي واسطي ’O‘ جو جهنڊو نہ چاڙهجانءِ“.

(عربي سمنڊ تي لکيل 1970)


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# ٽرنيڊاڊ ٻيٽ

ايڪيهن ڏينهن ڪان پوءِ ٽرنيڊاڊ پهتاسين، ۽ زمين تي پير رکڻ جي سڌ پوري ٿي. هي اسان جو سڀ ڪان وڏو سامهوندي سفر هو. ائٽلانٽڪ سمنڊ ۾، ڏکڻ آمريڪا جي وينزوئلا ملڪ مٿان ڪجهه ننڍڙن ٻيٽن جو جهڳٽو آهي، جن سيني ٻيٽن کي ويسٽ انڊيز سڏجي ٿو، جتي جا ڪرڪيٽ رانديگر سڄي دنيا ۾ مشهور آهن. سمنڊ جو اهو حصو ’ڪئريبين سمنڊ‘ به سڏجي ٿو ان ڪري انهن ٻيٽن کي ’ڪئريبين ٻيٽ‘ پڻ چون. ٽرنيڊاڊ انهن آزاد ٻيٽن مان هڪ آهي، جنهن کي ساڳئي وقت اسپين جو بندرگاهه به ڪونيو وڃي ٿو.

اسان جڏهن ڪولمبو (سلون) ڪان آمريڪا لاءِ نڪتا هئاسين ته اهو پروگرام هو ته رستي تي هن ٻيٽ ڪان چڱو پري، جهاز کي ڪجهه ڪلاڪن لاءِ ترسائي تيل وٺي هليا ويندا سين. هن ٻيٽ کي گهمڻ ۽ ڏسڻ جو گمان خواب خيال ۾ به نه هو. اسان جي جهاز رات جو پوري ڏهين بجي بندرگاهه ڪان ست اٺ ميل پري، ڪليل سمنڊ ۾ لنگر اڇي ڪيرايو ۽ وائرليس ذريعي تيل جي ڪمپنيءَ کي ٻُڌايوسين ته اسان کي تيل، ٻيڙيءَ (*Barge*) ذريعي ٻاهر ئي پهچايو وڃي.

تيل جي بارج صبح جون چئين بجي ڌاري پهچي وئي پر جن پمپن ذريعي تيل ڪمپني وارا تيل ڏئي رهيا هئا، سي تمام


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

سست رفتار هئا. سو جهاز جي ڪپتان صبح جو ئي آمريڪا لاءِ لنگر ڪٽڻ بدران، رات جو نڪرڻ جو پروگرام ٺاهيو ۽ اسان کي سڄو ڏينهن هي ٻيٽ گهمڻ لاءِ ملي ويو.

هي ٻيٽ نما ننڍڙو ملڪ، جيڪو پڪيڙ، (ڊيگهه ضربيان ويڪر) ۾ حيدرآباد جيڏو مس ٿيندو، خط استوا جي ويجهو هئڻ ڪري گرم ملڪن مان آهي. پر ساڳئي وقت چوڌاري سمنڊ، ٽڪريون، گهاٽن وڻن سان جهنجهيل ۽ ٻارهوئي ٿمندڙ مينهن، هتي جي موسم کي اهڙو ناهي ڇڏيو آهي جو سياري ۾ نه گهٽو ٿڌ ٿئي ٿي ۽ نه اونهاري ۾ نه گهٽو گرمي. اهو ئي ڪارڻ آهي جو آسپاس جي ڪيترن ئي ٿڌن توڙي گرم ملڪن جا ماڻهو موڪلن جا ڏينهن هتي آرام سان گذارڻ لاءِ اچن ٿا. ان ڪري ٻارهو ئي هتي هرملڪ ۽ رنگ جا ماڻهو ڏسڻ ۾ ايندا. هونئن به هن ٻيٽ جا رهاڪو ڪي خاص ماڻهو يا خاص قوم نه آهن. سالن ڪان هتي آفريڪا جا شيدي ۽ يورپ جا گورا رهيل آهن، ته ساڳي وقت چيني، جپاني، هندستاني ۽ مڊل ايسٽ جا عرب پڻ. ان ڪري هتي جي ماڻهن جا مختلف مذهب ۽ گاڏڙ ساڏڙ رسمون ۽ رواج آهن. گهڻائي مسلمانن ۽ ڪرسچنن جي آهي

صبح جو انين بجي اسين ايجنٽ جي ٻيڙي ذريعي بندرگاهه ۾ آياسين. پري ڪان ته ائين پئي لڳو ڄڻ سڄو ٻيٽ ساوڪ سان ٽمٽار جبلن سان پريو پيو آهي. ايتريقدر جو اسان مان هڪ همراهه چيو ته هتي ته رڳو جبل ئي جبل پيا ڏسڻ ۾ اچن، هتي جا


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ماڻهو ڪرڪيٽ ڪٿي ٿا کيڏن! بندرگاهه کان ٻاهر نڪتاسين تہ سامهون گدام جي پٽ تي هندستاني فلمن جا پوسٽر ڏسي اندازو لڳايوسين، تہ هتي هندستاني بہ ڪافي آهن. اهي، ٻين ٻيٽن ۽ دور دراز ملڪن وانگر، هتي بہ ورهاڱي کان گهڻو اڳ آيل آهن. اسان جي يڪي ٽولي کي ڏسي، ٻيٽ جي هڪ رهاڪوءَ پڇيو: ”اوهين انڊين آهيو؟“

”پاڪستاني پر ساڳئي *Anatomy* ڪري پل تي اٽڪي.“ اسان وراڻيس.

”ضرور مسلمان هونداؤ، سڀُ.“ هن چيو.

ان مان حساب لڳايم تہ هي نہ فقط جاگرافي کان پر اسان جي تاريخ کان بہ ٿورو يا گهڻو واقف آهي. نہ تہ هنن ڏورانهن ملڪن جو تہ ڇا پر يورپ جي بہ ڪيترن ملڪن ۾ ڪاليجن جي ’جاگرافي - هالن‘ ۾ لڙڪيل دنيائي نقشن تي پاڪستان اڃان قدم نہ رکيو آهي ـــ دل ۾ ذهن تہ پري جون ڳالهيون ٿيون.

”ها منهنجا ڀاءُ! اهو مذهب ئي آهي جنهن جي ڪري اسان الڳ رهڻ پسند ڪيو ۽ اهوئي ڪونئر آهي، جنهن هزار ميلن جي وڇوٽي ناس ڪري مشرقي ۽ مغربي پاڪستان جي ماڻهن کي هڪ ٻئي سان ڳنڍي رکيو آهي نہ تہ اڄُ ڪلهه تار، فون، ٽيلي پرنٽر ۽ راڪيٽ جي ماڊرن دؤر ۾ بہ ڪٿي اوير ۽ اولهہ پاڪستان جهڙو مثال نٿو ملي.“


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

”ان ڪونئر جي سنڀال ۾ توهان جي سلامتي آهي.“ هاڻ پيو سوچيان ته همراهه ڪو عام رواجي شخصيت نه هو جيتوڻيڪ ٻاهريون روپ مواليِن جهڙو هوس. اسان جلدي ۾ ڪيس پنيان ڇڏي اڳتي وڌي وياسين.

ٿورو ئي اڳتي هلياسين ته هتي جي مشهور بازار شروع ٿي وئي. سڄي بازار وڏن وڏن دڪانن ۽ ڊپارٽمينٽل اسٽورن سان ڀريل هئي. رستي تي هر رنگ ۽ قسم جي ماڻهن جي گپا گيهه لڳل هئي. جن ۾ گهڻائي ڇوڪرين جي هئي. هيڏانهن هوڏانهن رڳو ڇوڪريون ئي ڇوڪريون نظر ٿي آيون. ڪاري، سانوري، گوري رنگ جي چمڙيءَ واريون ڇوڪريون. ٿلهن نڪن واريون حبشياڻيون، نڪ منيون جپاني ۽ چيني ڇوڪريون، ٻندريون ۽ ٿلهين ڏڌين واريون ٿائي ۽ ملئي ڇوڪريون، ڊگهيون آمريڪي ڇوڪريون، ساڙهيءَ ۾ هندستاني ۽ سنڌي هندو ڇوڪريون، شلوار قميص ۽ غرارن ۾ سک آغا خاني ڇوڪريون. مني اسڪرٽن، بشرٽ ۽ پتلونن ۾ ڇوڪريون.... مطلب ته ائين ٿي لڳو ڄڻ سڄي دنيا جون نمائنده ڇوڪريون آيل هجن. باقي مردن جو ساڳيو، ذري گهٽ آمريڪي لباس. عجيب ڇهڇٽو ۽ ميلو متل هو ـــ جيڪو ٻارهوئي لڳو رهي ٿو.

پهرين نظر ۾ يڪدم معلوم نٿو ٿئي ته هتي جا اصل باشندا ڪير آهن. هتي جا ويسٽ انديز بدن ۽ شڪل ۾ آفريڪا جي شيدين جهڙا آهن، پر رنگ انهن جهڙو ڪارو ۽ ڪوئلي جهڙو نه


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

اٿن. ٿورو مشڪي آهن. جيئن تہ هتي سالن کان مختلف ملڪن جا ماڻهو رهيل آهن، سو هڪ ٻئي سان سڱابنديءَ ڪري خون گڏ وچڙ ٿي ويو اٿن. مذهب جي آزادي آهي. شهر ۾ ڪافي مندر، ڪليسائون ۽ مسجدون آهن. سڀ کان سهڻي ۽ وڏي مسجد، محمد علي جناح مسجد آهي. عام زبان هتي جي انگريزي آهي. آمريڪا جو سڄو ڪنڌ پر ۾ آهي، سو ان جو هتي جي تهذيب ۽ معاشيات تي چڱو اثر آهي.

هتي جا ماڻهو بہ لاس پاماس، مالٽا، فجي ۽ سئچلس ٻيٽن وانگر مهمانواز ۽ دوست مزاج آهن. خاص ڪري ٻاهران آيل ٽورسٽن سان سندس سڀاءُ تمام سٺو آهي. ڪٿي بہ اوهان وائڙن وانگر نهاريو يا ڪنهن شيءِ جي ڳولا ڪئي، تہ يڪدم ڪيترا اوهان جي چوڌاري ڦري ايندا ۽ مدد لاءِ پڇندا. هن ننڍڙي ٻيٽ تي ڪيترون ئي انجمنون، سوسائٽيون، ادارا ۽ ڪلب آهن، جن جو ڪم ئي آهي ٻاهران آيل مهمانن جي آڌرڀاءُ ڪرڻ ۽ سندن مدد ڪرڻ. انهن مان ڪي خاص هي آهن: زرعي انجمن، هنري سوسائٽي، تاش ۽ ٻين راندين جون سوسائٽيون، واپارين جي انجمن، هر مذهب جي سوسائٽي، ميوزڪ ڪلب، ٻارن جون انجمنون، زالن جون انجمنون، فوٽو گرافي ۽ ٻين وندرن جا ڪلب. پڪين، مڇين ڦاسائڻ ۽ پالڻ جون انجمنون. وغيره وغيره. ان کان علاوه ڪيترائي اهڙا رضاڪار آهن، جن جي ٽيليفون نمبرن، گهر يا آفيس جي ائڊريسن جي لسٽ هر هنڌان ملي


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

سگهي ٿي. هو اوهان جي هر قسم جي مدد هر وقت ڪرڻ لاءِ تيار آهن، جيئن اوهان کي هن ٻيٽ تي ڪا تڪليف نہ ٿئي ۽ هر قسم جو آرام ۽ سهوليت رهي. هتي جي ماڻهن کي ٻاهران آيل ماڻهن جو، ان ڪري بہ خيال آهي جو ڌارين ٽوئرسٽن جي اچڻ ڪري، هنن جي ڪمائي، ٻيٽ جي سڪئي سستائي هئڻ جو سبب آهن. ظاهر آهي تہ هن ٻيٽ تي، سمنڊ جهاڳي يا هوائي سفر رستي ملڪ لتاڙي اهو ايندو، جو شاهوڪار هوندو. (سواءِ اسان ٽورن *Sailors* جي، جن جي نوڪري در در ڌڪا کائڻ واري ٿي.) ۽ ڪوبہ جڏهن گهمڻ نڪري ٿو، پوءِ چاهي ميلي ملاکڙي تي، تہ هو دل کولي خرچ ڪري ٿو. ان ريت هتي جي ماڻهن جي چڱي ڪمائي ٿئي ٿي.

ٻاهران آيل ماڻهن لاءِ هتي وندر جون ڪيتريون ئي شيون آهن. ڪي شوقين هتي جون رنگبرنگي مڇيون ڦاسائيندا آهن، تہ ڪي هتي جي جابلو ۽ آبي پکين پنيان لڳا رهندا آهن. ڪي ٿڌن ملڪن جا سڄو ڏينهن سمنڊ جي ڪناري تي ليٽي، سج جي تپش جو سيڪ وٺندا آهن تہ ڪي وري هتي جون خاص هٿ جون نهيل سوکڙيون خريدڻ ۾ پورا هوندا آهن. ڪي ناچ جا شوقين، جوان جوڙا يا جوان دليون رڪندڙ پوڙها، هتي جي ٻهڪندڙ ۽ نشيلي راتين ۾ ساز جي مدهوش آواز تي نچندا رهندا آهن. دنيا جو *Limbo-Rock* لمبو راڪ هتي جي ايجاد آهي.


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

هتي جو سڪو ٽرنيڊاڊ سڏجي ٿو جو آمريڪي ڊالر جي اڌ جيترو آهي. هتي جي مقامي سڪي کان علاوه پائونڊ ڊالر، فرئنڪ ۽ ٻيو دنيا جو هر مشهور سڪو عام جام مٽجي ٿو. ’تاج محل‘ نالي هڪ وڏو دڪان سنڌيءَ جو آهي، ان کان پئسا مٽاياسين. اسان ان ئي دڪان تان ڪجهه شاپنگ ڪئي ته دڪاندار سنڌيءَ چيو ته بهتر ٿيندو اسان هتان خريداري ڪرڻ بدران لاس پاماس جهڙي ڪنهن ٽئڪس فري بندرگاهه مان ڪريون، جو اسان جهاز تي ايندا ويندا رهون ٿا. ٽرنيڊاڊ آمريڪا، ڪئناڊا ۽ آسٽريليا کان ايندڙ ٽورسٽن لاءِ سستو آهي. ڪئپٽن رفيق پنجابيءَ ۾ چيو: ”ماڻهو پلو ٿو ڏسجي، جو اسان کي اجائي خرچ کان جهلي رهيو آهي. هن دڪاندار جو شايد دين ايمان پئسي کان علاوه ڪجهه ٻيو ئي آهي.“

بهرحال اسان تنهن هوندي به ڪجهه تصويرن جا ڪارڊ، رسالا ۽ هتي جا سووينر ورتا. يارهين ٻجي تائين هيڏانهن هوڏانهن گهمندا رهياسين. پوءِ شهر جي وچ ۾ هڪ پارڪ ۾ پاڻي پي پروگرام ٺاهيوسين ته ڪنهن هوٽل ۾ هلي ماني کائجي. پارڪ مان ٻاهر نڪري ڪنهن غريباڻي هوٽل جي ڳولا ڪندا رهياسين. پر ڪاٿ اسان جي ڏانءَ جهڙي هوٽل اوسي پاسي ۾ نظر نه آئي. جتي اسان جهڙا جهاز جا سڀ کان جونئر ڪائي سگهن. ساڳي حالت اسان سان ٻين به ڪيترن ئي ملڪن ۾ ٿي آهي. ان لحاظ کان اسان جي ملڪ ۾ مزو آهي. حيدرآباد ۽ ملتان


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

جهڙن ننڍن شهرن ۾ به وڪ وڪ تي ڪيتريون ئي ننڍيون، وڏيون، ساديون، اوچيون هوٽلون ملنديون. بهرحال هڪ هوٽل نظر آئي. ڏاڍا خوش ٿياسين. رستا ٿپي اچي اڳيا بيناسين. ڏکڻ آمريڪا جي برازيل، ارجنٽائين ملڪن جي طرز جي هئي. اندر ڏاڍو گند لڳو پيو هو. ڪني گيهه يا تيل جي سڙڻ جي ڌپ اچي رهي هئي. دروازي وٽ هڪ همراهه جيڪو ڪاسائي ٿي لڳو بيهي ڪنل سوئر جا ٽڪرا ٽڪرا ڪري رهيو هو. ٻيو هن جي پرسان بيهي مزي سان جست جي گلاس مان بيئر يا ڪنهن لوڪل برانڊ جي شراب جا ڍُڪ پي رهيو . هوٽل جي يتيماڻي حالت ڏسي انهن ئي پيرن سان ٻاهر نڪري آياسين. ٿورو اڳتي هڪ ٻئي سنڌيءَ جو دڪان ”بمبئي بازار“ نالي نظر آيو. ان جي پرسان ”خان اسٽور“ نالي هڪ ڪتابن جو دڪان هو. ”خان“ پڙهي پڪ ڄاتوسين ته دڪان ڪنهن پاڪستاني مسلمان يا آغاخانيءَ جو آهي، جنهن کان ڪنهن اهڙي هوٽل جو ڏس ملي سگهندو جا اسان لاءِ مناسب هجي. ڪائونٽر تي هڪ حبشي ڇوڪري ويني هئي. تنهن ٻڌايو ته هي دڪان اسماعيل خان جو آهي جو سندس چاچو ٿئي ۽ هن ٻيٽ جا ئي رهاڪو آهن. هن ڇوڪريءَ کان ئي اسان کي معلوم ٿيو ته هتي جا ڪجهه اصل رهاڪو به مسلمان آهن. هن پنهنجو نالو انيتا حسين ٻڌايو. هن ٻيٽ تي اسلام ڪڏهن آيو، اهي ڪير بزرگ هئا جن اسلام جي تبليغ هتي پهرين اچي ڪئي، تنهن بابت هيءَ ننڍڙي ڇوڪري ٻڌائي نه سگهي. سندس


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

دڪان تي مون اهڙي قسم جي ڪتاب جي ڳولا ڪئي، جنهن ۾ هن ٻيٽ بابت وڌيڪ معلومات ملي سگهي. پر وقت جي ڪوٽ سبب ۽ دوستن جي تڪڙ ڪري اهڙي ڪتاب ڳولڻ بنا هوٽل جو پڇائي، هوٽل ۾ اچي نڪتاسين.

هيءَ هڪ چيني هوٽل هئي. صاف ستري هوادار ۽ اسان جي پگهار جي سمپل ارتميٽڪ مطابق اعليٰ قسم جي، چيني طرز سان آرڊر وٺڻ جيڪا نينگري آئي سا به هتي جي رهاڪو هئي. (مغربي ملڪن ۾ گهڻو ڪري هر دڪان، هوٽل ۽ آفيس ۾ عورتون ڪم ڪن ٿيون. مرد ڪارخانن ۽ ٻين هنڌ ڳرو ۽ سخت پورهيو ڪن.) ڪئڊٽ راجا رفيق ڪي چرچو سُجهيو. چوڪريءَ اجان ٽيبل تي پاڻيءَ جا گلاس ئي مس رکيا ته هي يار يڪدم سنڌس پرسان بيهي، سنڌس منهن ڪي گهورڻ لڳو، اسين به وائڙا ٿي وياسين ته هن ڪي چا ٿيو ۽ چوڪريءَ جي منهن ۾ چا ڏسي رهيو آهي. هوءَ خود به ششدر ٿي ويئي. پر دل ٻڌي پڇيائين: "چا آهي؟"

اسان جي دوست ويهي چيس : "محترمه معاف ڪجو، مون ڪڏهن چيني ماڻهو نه ڏٺا هئا. هي پهريون موقعو آهي جو چتائي پيو ڏسان."

اسان ڪان به ڪل نڪري وئي ته اجان هاڻ ئي ته چين مان ٿي آيا آهيون ۽ هيءَ چوڪري ته چيني چوڪرين جي بلڪل ابتڙ، ٿلهي نڪ ۽ چپ واري ۽ مشڪي رنگ جي حبشڻ آهي.


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

هن ويچاريءَ ٿورو شرمائي ۽ هٻڪي چيو: ”پر آئون ته چيني نه آهيان. آءٌ ته ويسٽ انڊيز جي آهيان.“

”اهو وري ڪيئن؟ هوٽل چيني ۽ ماڻهو ويسٽ انڊيز جا!“

”جي ها. مالڪ اسين آهيون پر اسان جا بورچي چيني آهن. هاڻي جلدي ٻڌايو، اوهان کي چاچا ڪپي ـــ؟“

هن جلدي جلدي پنهنجي جان ڇڏائڻ ٿي چاهي، پر اسان جو دوست به ڪو موڊ ۾ هو، تنهن سندس ڳالهائڻ جي اهل ڪندي چيو:

”چا ڪپي؟ چا ڪپي؟ جلدي جلدي ٻڌايو... ها. مون لاءِ به نانگ تريل، اسان جي هن دوست لاءِ پنج ڇهه گانگٽ ۽ هن ٽئي لاءِ ڪيڪڙا هجن ته اهي، نه ته بيو ڪو چيني ڪاڏو.“

اهو ٻُڌي اسين به کلڻ لڳاسين. ميزبان به ـــ جا هن کان اڳ ڪاوڙي بيني هئي تنهن جي به منهن تي مرڪ تري آئي. پوءِ هن ٻُڌايو ته هيءَ مسلمانن جي هوٽل آهي ۽ هتي ڪا به اهڙي شيءِ ناهي، اسان کي به اهو ئي ٽي ڳٽو سو چانور، مڇي ۽ ڪوڪاڪولا آڻڻ لاءِ چيوسين.

بل پرڻ کان پوءِ اسان وٽ ڪجهه هن بيٽ جا پئسا بچي پيا، جي ٻئي ڪنهن ملڪ لاءِ بيڪار هئا، سو اسان اهي به خرچ ڪرڻ مناسب سمجهيا. هيٺ هڪ ڪيلن وارو بينو هو. ان کي ڪجهه سڪا ڏناسين ته ڪيلا ڏي. اسان سمجهيو ته وڌ ۾ وڌ اٺ ڏهه ڪيلا ملندا. پر پوءِ خبر پئي ته هتي ميوو جام تو ٽئي ۽ تمام


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

سستو آهي. سو هن همراهه جڏهن ڊزن ڊزن جا ٿي لفافا پري ڏنا تہ اسان پاڻ ئي ڪيس وڏيڪ ڏيڻ کان جهليو. ٿورو اڳتي آياسين تہ هڪ گاڏي وارو ناريلن جو پاڻي وڪڻي رهيو هو. ڪيترا هتي جا ۽ ٻاهر جا پي رهيا هئا. اسان بہ ناريلن جو پاڻي وٺي پيئڻ لڳاسين. ناريلن واري جي پر ۾، هڪ پوڙهي مائي ڪيلن جا لفافا ڏسي پڇڻ لڳي تہ "ڪهڙي اگهہ تي ورتا اٿوَ ـ؟" (جيئن اسان وٽ ٿيندو آهي. ٻيو دڪاندار ان کان ٿورو گهٽ اگهہ ٻُڌائي چوندو آهي تہ آئون ان کان سستو ٿو ڏيان). اسان ڪيس اشارو ڪري ٻُڌايو تہ مفت ۾.

"انگريزي ڄاڻو ـــ؟" هن پڇيو.

"ها. اها ئي ڳالهائي رهيا آهيون." اسان چيس.

"ڪنهن ٻئي ملڪ جا آهيو ـــ؟" هن پڇيو.

"پاڪستان جا."

"پاڪستان ڪٿي آهي؟" ويچاري ڪا ڳوناٽي هئي. جاگرافي جي ڄاڻ کان بنهہ اڻڄاڻ. ٻُڌايوسينس تہ "هندستان جي پرسان."

"۽ هندستاسن ڪٿي آهي." وري تعجب مان پڇڻ لڳي."

اسان کي بہ سندس ان قسم جي سوالن ۾ مزو اچي رهيو هو. مون کي هڪ لطيفو ياد اچي ويو، جنهن ۾ هڪ همراهه ٻئي کان سندس گهر جو ڏسُ پتو پڇيو تہ ڪٿي آهي.

"مسجد سامهون." ٻئي وراڻيس.

"۽ مسجد ڪٿي آهي؟"


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

”گهر سامهون.“

”۽ ٻئي ڪٿي آهن؟“

”آمهون سامهون.“

سو مون ٻه سوچيو ته چوانس ته هندستان پاڪستان جي پر ۾ آهي ۽ ٻئي هڪ ٻئي جي آمهون سامهون.

دراصل پاڪستان هندستان جاگرافيڪل سُجاڻپ ڪان هڪ ئي ڳالهه ٿيا. هڪ ٻي ٻه ڳالهه ياد آيم ته حيدرآباد جو هڪ همراهه ڪنهن ڏورانهين ولائت ڪان وڃي نڪتو، جتي هڪ انگريز پڇيس ته ”سرڪار ڪٿي رهو ٿا.؟“

”حيدرآباد ۾ رهان ٿو.“ اسان واري همراهه ٻُڌايس.

”۽ حيدرآباد ڪٿي آهي ـــ؟“ انگريز وائڙو ٿي پڇيس.

اسان واري جوان ڪياڙي ڪنهندي چيس:

”حيدرآباد از اباڻوٽ ٽو مائيلس فرام ٽنڊو نوڙهو.“

سو اسان پوڙهيءَ ڪي فقط هندستان بدران ٻُڌايس ته پاڪستان ۽ هندستان جپان جي ويجهو آهن. اسان سمجهو ته جپان مشهور ملڪ آهي، جنهن جا ريڊيا، ڪئميرائون هتي هرهڪ جي هٿ ۾ آهن. پر سخت افسوس ٿيو ته هوءَ ته ان ڪان ٻه اڻڄاڻ نڪتي. هوءَ ته ڪا رڳو اوسي پاسي وارن ٻيٽن: ٽباگو، پورٽوريڪو، ڪيوبا ۽ جئميڪا جهڙن ڪان واقف هئي. دل ۾ آيو ته چوانس ته ”اسان جي ڳوٺن جون اٽيڙهيل پوڙهيون سُڄاڻ آهن. صفا ڪا چَٽُ آهين.“ آخر پاڻ ئي پُڇي پُڇي ٿڪجي پئي، سو


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ايرندي طرف اشارو ڪري چيائين! ”اوهان جو ملڪ تمام پري آهي!“

”تمام پري“ ـــ جواب ڏنوسينس.

ڪجهه ساعت ترسي، سوچي، وري پڪ ڪرڻ لاءِ پڇڻ لڳي:

”تمام پري؟“

”باءِ گاڊ، تمام پري.“ قسم کڻي ٻڌائڻو پيوسين.

هن ٻيٽ جا رهاڪو پڻ اسان جي گفتگو ٻُڌي کلي رهيا هئا. هڪ چيو اجان ٻه جي پوڙهي اعتبار نه ڪري ته ڪنهن مسجد يا چرچ ۾ وٺي، اتي قسم کڻي ٻُڌائجوس ته مائي اسان جو ملڪ هتان کان تمام گهڻو پري آهي.

پاڪستان ذري گهٽ دنيا جي گولي تي ويسٽ انڊيز جي ٻئي پاسي آهي. يعني ويسٽ انڊيز مان جي زمين کوٽجي (جا ڳالهه ناممڪن آهي ۽ اٽڪل اٺ هزار ميل کوٽڻو پوندو) ته هيٺ ٻئي پاسي ڍاڪا جي ويجهڙائي کان وڃي نڪربو. هتي ۽ ڪراچي جي وقت ۾ ٻارهن ڪلاڪن جو فرق آهي.

هن وقت اسين ويسٽ انڊيز تمام پري چڙهي آيا آهيون ۽ ڪئريبين سمنڊ پار ڪري رهيا آهيون. چئن ڏينهن کان پوءِ آمريڪا جي بندرگاهه هيوسٽن ۾ پهچنداسين جو ٽيڪساز رياست ۾ آهي.

(ڪئريبين سمنڊ تي لکيل 1968ع)


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# بيڪ ٽائيٽل ڪمينٽس

”1978ع ۾ جڏهن منهنجو هوائي پيٽن، هونو لولو، ٽوڪيو، هانگ ڪانگ، بئنڪاڪ ۽ منيلا وڃڻ ٿيو، تڏهن محترم الطاف شيخ جا سفرناما منهنجي لاءِ رهبر بڻيا. آءٌ ايمانداريءَ سان اهو اعتراف ٿو ڪريان ته الطاف شيخ جي سفرنامن جي مطالعي جي مدد سان مون ان پاسي ايترو ته گهڻو ڪجهه ڏٺو، جيترو هونئن جيڪر سياحت ڪاتي طرفان مقرر ڪيل رهنمائن جي مدد سان به نه ٿي سگهي ها.“

(ڊاڪٽر غلام علي الانا ”ديس پرديس“)

الطاف شيخ جي سفرنامن، پڙهندڙن ۾، هن صنف لاءِ چڱو چاهه پيدا ڪيو آهي. ۽ سچ ته آءٌ پاڻ الطاف جي سفرنامن پڙهڻ جي شوقين آهيان، انهيءَ شوق جو نتيجو آهي جو ملڪ اندر يا ٻاهر جڏهن به آئون سفر تي نڪتي آهيان ته مون به سفرنامو لکيو آهي.

فهميده حسين

(ڪتاب ”هوائن جي آڌار“ تان ورتل)


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# پورو ٿيو


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com



# الطاف شيخ

## مئرين انجنيئر

Altafshaikh2004@yahoo.co.uk